# حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر



زيب سنڌي

# حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر

(ڪهاڻيون)

## زيب سنڌي

HYDERABAD SINDH

سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم

قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

ڪتاب : حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر
(ڪهاڻيون)

ليکڪ : زيب سنڌي

پهريون ڇاپو: 2010ع

ڪمپوزنگ: عبدالصمد ٻبر

لي آئوٽ: عبدالمجيد سومرو

ڇپائيندڙ: محمد عثمان منگي
سنڌ مانڪ موتي تنظيم، حيدرآباد

ڇپيندڙ: ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

قيمت: 150 روپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

HYDERABABD 47 KILOMETRES
(Short Stories)
By : Zaib Sindhi
First Edition: 2010
Published by: Sindh Manik Moti Tanzim, Hyderabad, Sindh- Pakistan.
Printed By: East line Commuication, Hyderabad.
Price: Rs. 150 / =

## انتساب

خيرپور ميرس
لاڙڪاڻي
۽ حيدرآباد
جي نالي

زيب سنڌي

# ترتيب


**پبلشر پاران**

ٻه اکر — محمد عثمان منگي — 07

**مهاڳ**

محبت جي اڳيان ديوار نہ هجڻ گهرجي — زيب سنڌي — 09

**ڪهاڻيون**

1. ڊانسنگ گرل — 13
2. چورائجي ويل زندگي — 30
3. مان جلدي مري ويندس — 51
4. مسڊ ڪال — 69
5. فٽ پاٿ تي پيل چُمي — 77
6. حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر — 93

# ٻه اکر

سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم جي اشاعتي سلسلي پاران هونءَ تہ عام طور تي سنڌ جي مانائتين علمي ادبي شخصيتن جي فن ۽ شخصيت بابت ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن، جئين انهن علمي ۽ ادبي شخصيتن بابت عام پڙهندڙن کي مڪمل ڄاڻ حاصل ٿي سگهي.

"شخصيات" کان هٽي ڪري ٻہ ڪي اهم ڪتاب اداري پاران ڇپرايا ويا آهن. انهيءَ سلسلي مطابق هاڻي محترم زيب سنڌي جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو " حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر" حاضر آهي.

زيب سنڌي اسان جي سنڌ جو هاڻوڪي دؤر جو ماڻڪ موتي ليکڪ آهي. اڄ هن جي ڪهاڻيءَ جو جيڪو معيار آهي، اهو پنهنجو مثال پاڻ آهي. هن ڪتاب ۾ زيب سنڌيءَ جون انتهائي وڏي معيار واريون ڪهاڻيون موجود آهن. اميد تہ اسان جي هي ڪوشش قبول پونديءِ جلد ئي زيب سنڌيءَ جو ناول "سيتا زينب" پڻ اداري طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويندو.

**محمد عثمان منگي**

سرپريست اعليٰ
سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد

20 مارچ 2010ع

# محبت جي اڳيان ديوار نہ هجڻ گهرجي

(مهاڳ)

ڪهاڻيءَ جي حيثيت مون لاءِ فقط ڪاغذ تي ڦهليل تحرير جيتري ناهي، پر ڪهاڻي مون لاءِ هڪ ساهہ کڻندڙ حقيقت جيان ئي آهي. چو تہ ڪهاڻيءَ سان منهنجو ساٿ، منهنجي پنجٽيهن سالن جي ادبي سفر جو ئي ناهي، پر ان کان بہ اڳ ڪهاڻي ٻاروتڻ کان وٺي مون سان گڏ رهي آهي. ائين، جيئن ننڍ پڻ ۾ ڪا ڇوڪري گڏ رانديون ڪندي آهي، جوانيءَ ۾ ان سان عشق ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ اها زندگيءَ لاءِ ضرورت بڻجي ويندي آهي. ائين ئي ٿو لڳي مون کي بہ ــــ چو تہ اسڪول واري زماني ۾ خرچيءَ مان آئيس ڪريم ۽ چولا پڪوڙا گهٽ کاڌا هيم، پر انهن پئسن مان ٻاراڻين ڪهاڻين وارا ڪتاب وڌيڪ خريد ڪيا هيمءِ انهن اسڪول وارن ڏينهن ۾ ئي ڪاپيءَ جي هڪڙي صفحي جيتريون ڪهاڻيون لکڻ بہ شروع ڪيون هيم.

اٺويهن سالن جي عمر ۾ منهنجي ڪهاڻين جو پهريون ۽ چوويهن سالن جي عمر ۾ ٻيو مجموعو ڇپجي ويو! انهن ٻنهي ڪتابن مان ڪجهہ چونڊ ڪهاڻيون، 2001ع ۾ ڇپيل مون پنهنجي ڪهاڻين جي ڪتاب " ڏنڌ ۾ گم ٿيل منظر" ۾ شامل ڪري ڇڏيون هيون. (انڪري هيل تائين منهنجي لکيل ڪهاڻين جا فقط ٻہ ڪتاب، " ڏنڌ ۾ گم ٿيل منظر" ۽ "حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر" ئي اصل ليکي ۾ آندا وڃن.)

ڪهاڻيون لکندي لکندي، ماڻ ٽي وي ڊرامن جي هجوم ۾ ڪٿي گم ٿي ويندو آهيان. تڏهن بہ سنڌيءَ کان اردوءَ تائين رنگن ۽ روشنين جي شوبز واري دنيا منهنجي پيرن ۾ زنجير نہ وجهي سگهي آهي. گذريل پنجويهن سالن کان شوبز سان لاڳاپيل هئڻ باوجود، مون کي "شوبازيءَ" سان ڪابہ دلچسپي ناهي، پر اهميت واري جاءِ منهنجي لکڻ جي ٽيبل رهي آهي. پنهنجي رائيٽنگ ٽيبل اڳيان ويهي مون ٽي وي ڊرامو لکڻ واري مزدوري بہ ڪئي آهي، تہ ڪهاڻي لکڻ وارو عشق بہ ڪيو آهي. ڊرامي جي حيثيت منهنجي لاءِ فقط ايتري رهي آهي تہ "اور ڀي دک هين زماني مين محبت ڪي سوا ......" پر ڪهاڻي ادب ۾ منهنجي پهرين محبت هئي ۽ ان کي ڪڏهن بہ اهو چئي نٿو سگهان تہ "مجهہ سي پهلِي سي محبت ميري محبوب نہ مانگہ" ها، ڪڏهن ڪجهہ وڌيڪ ڊگهو عرصو ٽي ويءَ جي دنيا ۾ گم رهيس تہ ڪنهن ٽي وي انٽرويو ۾ ٿي ماهين هيسباڻيءَ مون کان چيندڙ سوال ڪري احساس ڏياريو تہ مان پنهنجي اصل سڃاڻپ ڪهاڻيءَ کي ڪٿي پوئتي ڇڏي، ڊرامي جي واٽ تي پري هليو ويو آهيان. تہ ڪڏهن وري نفيس احمد شيخ ٿماهي "مهراڻ" لاءِ منهنجون ننڊون ڦٽائي ڪهاڻي لکڻ تي مجبور ڪيو-- پر ڊگهي وڇوٽيءَ کان پوءِ، جڏهن بہ قلم کنيم تہ ڪهاڻيءَ وچڙي ويل محبوبا جيان وري مرڪي منهنجي آجيان ڪئي. ادب ۾ پنهنجي پهرين محبت، ڪهاڻيءَ کي پاڻ کان پري محسوس نہ ڪيم ۽ ٻانهون کولي کيس سڏيم، تہ هوءَ ڪنهن ڊانسنگ گرل جيان جهومندي اچي منهنجي ياڪر ۾ سمائجي وئي. سچ تہ ڪهاڻي منهنجي لاءِ پهرين پيار ۽ پهرين محبوبا جهڙو ئي درجو رکي ٿي، جنهن سان بي وفائي ڪري ئي نٿي سگهجي.

هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون 2007ع کان 2009ع تائين جي ٽن سالن دوران لکيل آهن. انهن ڪهاڻين ۾ هڪ فينٽيسي بہ آهي، تہ هڪ مسٽري اسٽوري بہ. مسٽري اسٽوري کي بہ، مسٽري جي طور تي لکڻ بجاءِ ڪهاڻيءَ جي ريئلسٽڪ فارميٽ مطابق ئي لکڻ

شروع ڪيو هوم، پر لکجندي اها ڪهاڻي پاڻ ئي مسٽري جو رخ اختيار ڪري وئي، ان ڪري انهيءَ ڪهاڻيءَ جي شروعات به ريئلسٽڪ فارميٽ واري ئي آهي. مان هتي انهن ٻن ڪهاڻين (فينٽيسي ۽ مسٽري) جا عنوان ان ڪري نٿو لکان، ته جيئن توهان انهن ڪهاڻين کي فينٽيسي يا مسٽري جو ذهن ئاهي نه پڙهو پر جيئن انهن ڪهاڻين ريئلسٽڪ کان فينٽيسي يا مسٽري جو رخ اختيار ڪيو، تيئن ئي توهان انهن کي ريئلسٽڪ ابتدا کان پڙهڻ شروع ڪيو.

سنڌي ادب ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ فينٽيسي ته مون پڙهي هئي، پر مسٽري اسٽوري نه. ان ڪري جڏهن منهنجي ڪهاڻيءَ مسٽري جو رخ اختيار ڪرڻ شروع ڪيو ته مون کي پريشاني ٿيڻ لڳي. قلم روڪي ان ڪهاڻيءَ کي ريئلسٽڪ انداز ڏيڻ لاءِ سوچيم. ذهن ۾ ان جو اهڙو خاڪو به جوڙي ورتم. ان ڪهاڻيءَ جا اهي ٻئي رخ نور الهديٰ شاهه کي ٻڌايم ته هن هڪدم چئي ڏنو ته اها مسٽري ئي سٺي لڳي ٿي. مسٽري جي رخ تي ٻيهر ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌايم ته وري هٿ رڪجي ويو. سوچيم، خبر ناهي سنڌي ادب ۾ مسٽري اسٽوري کي قبول به ڪيو ويندو يا نه ____ ڪجهه سوچي امر جليل کي فون ڪيم. ڪائنس سوال ڪيم، ”ڇا سنڌيءَ ۾ مسٽري اسٽوري لکڻ کپي؟“

امر جليل جواب ڏيڻ بجاءِ ورائي مون کان سوال ڪيو ” ڇو نه لکڻ کپي ؟“

هڪ لمحي لاءِ سوچ ۾ پئجي ويس. چيم، ”مون ڪڏهن سنڌيءَ ۾ مسٽري اسٽوري پڙهي ناهي!“

امر جليل وراڻيو، ”سڄي دنيا ۾ لکي وڃي ٿي مسٽري. لکڻ کپي سنڌيءَ ۾ به “

مان وري به سوچ ۾ پئجي ويس.

امر جليل پڇيو ” تنهنجي دل چاهي ٿي مسٽري لکڻ تي ؟“

وراڻيم، ”ها. دل ته چاهي ٿي.“

حيدرآباد 47 ڪلوميٽر

امر جليل ڏاڍي سنجيده لهجي ۾ چيو "پنهنجي دل جو چيو مڃ، لکي ڇڏ مسٽري"

۽ پوءِ مون دل جو چيو مڃي ئي ورتو.

۽ سچ تہ ـــــ هن ڪتاب ۾ شامل سموريون ڪهاڻيون مون دل سان ۽ ڏاڍي محبت سان لکيون آهن ـــــ ۽ مان نٿو چاهيان تہ محبت جي اڳيان ڏکي مهاڳ جي ڪا رڪاوٽ موجود هجي.

**زيب سنڌي**

01 — ڊسمبر 2009ع


Cell.
+923332699433
e-mail:
zaibsindhi@hotmail.com

# ڊانسنگ گرل

موهن جي دڙي کي چانڊوڪي رات، بيحد پراسرار بڻائي ڇڏيو هو. گورڏن، ميوزيم واري رستي کان دڙي مٿان چڙهي، پهرين گهٽيءَ ۾ پير پاتو تہ گهٽيءَ جي پراسرار ماحول سبب سندس جسم ۾ خوف جي لهر ڊوڙي وئي. هو گهٽيءَ جي سري وٽ ئي بيهي رهيو. سندس سامهون سڄي گهٽي جا سمورا کنڊر چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ ڪيس انتهائي پراسرار نظر اچي رهيا هئا. کنڊرن جي ديوارن سان ٽڪرائجندڙ هوا جي زوڪاٽن گورڏن جي خوف کي وڌيڪ گهرو ڪري ڇڏيو. هوا سان گڏ گهٽيءَ ۾ زمين کان مٿي اُڏامندڙ سڪل پن ڏسي گورڏن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ موهن جي دڙي جا انيڪ روح گهٽين ۾ ڊوڙندا هجن. گورڏن موهن جي دڙي جي پهرين گهٽيءَ جي پهرئين موڙ تان ئي موٽي وڃڻ چاهيو. هن واپس ورڻ لاءِ پوئتي منهن ورايو تہ سندس پيرن هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سندس ذهن ۾، سندس مري ويل محبوبا مايا پرٽياٽيءَ جو سنگيتَ جهڙو آواز گونجي اٿيو جنهن تحفي طور آنڊل واچ گورڏن جي ٻانهن ۾ پارائيندي چيو هو "هيءَ واچ هر لمحي توکي ياد ڏيا ريندي، تہ مان توسان گڏ آهيان!"

گورڌن، مايا جي محبت جي اها آخري نشاني اڄ شام جو موهن جي دڙي جي هڪ کنڊر جي ديوار تي وساري آيو هو جڏهن هن دز تي ويل منهن ۾ ٻانهون ڏوئڻ لاءِ واچ لاٿي هئي.

گورڌن واپس مُڙي، چنڊ جي روشنيءَ ۾ انتهائي پُراسرار نظر ايندڙ موهن جي دڙي جي گهٽيءَ ڏانهن ڏٺو. هن پنهنجي اندر ۾ مايا جي ڇڪ محسوس ڪئي ۽ سندس آخري نشاني ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ هُو پُراسرار گهٽيءَ ۾ اندر هليو ويو.

ممبئي جي رهندڙ گورڌن جي مايا پرتياٽيءَ سان ملاقات گُوا شهر جي هڪ ڊانس پارٽيءَ ۾ ٿي هئي، جتي هُو بزنيس ٽرپ تي ويو هو. مايا تي پهرين نظر پوندي ئي هُو مٿس موهت ٿي پيو هو. هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلي ويٺل مايا ڏانهن گورڌن هٿ وڌايو هو ته مايا جي اکين ۾ عجيب اداسي لهي آئي هئي. مايا مُنهن ڦيري ڇڏيو هو. تڏهن گورڌن سوري چئي اڳتي وڌڻ وارو هو ته مايا پنهنجو هٿ گورڌن ڏانهن وڌائي اُٿي بيهي رهي هئي ۽ پوءِ مايا رات جي پوئين پهر تائين گورڌن جي ڀاڪر ۾ نچندي ۽ جُهومندي رهي هئي. مايا جي ساهن ۽ جسم جي خوشبو گورڌن جو مَنُ منٻي ڇڏيو هو. ڊانسنگ گرل جي حيثيت ۾ به مايا کيس بيحد موهيندڙ لڳي هئي.

پنجٽيهن سالن جي گورڌن جي ڪيترين ئي ڇوڪرين سان دوستي رهي هئي. بيشمار حسينائن سندس ٻانهُن جي گهيري ۾ ڊانس ڪئي هئي. ڪيترين ئي سُندرين سان سندس ساهه ٽڪرايا هئا. پر ڪنهن جابه زلف گورڌن جي پيرن جي زنجير نه بڻجي سگهيا هئا. مايا پرتياٽي ئي اها پهرين ڇوڪري هئي جنهن جي اڳيان هو بيوس بڻجي پيو هو.

پهرين ملاقات کان چار ڏينهن پوءِ، لهندڙ سج جي سونهري ڪرڻن ۾، گُوا جي خوبصورت سمنڊ ڪناري هلندي، گورڌن مايا جو هٿ جهلي بيهي رهيو هو. مايا مرڪي پئي هئي. تڏهن گورڌن چيو هو ”مايا! مان هي هٿ ڪڏهن به ڇڏڻ نٿو چاهيان!“

مايا ڪنڌ جهڪائي پنهنجي پيرن طرف ڏٺو هو. سمنڊ جي هڪ لهر سندس پيرن کي ڇُهي واپس وڃي رهي هئي. مايا ڪنڌ مٿي ڪيو

هو ته سندس چپن جي مُرڪ به سمنڊ جي موتي ويل لهر جيان غائب ٿي چڪي هئي ۽ سندس ناسي اکين ۾ گهري اداسي لهي آئي هئي.

"ڇا پئي سوچين مايا؟" گورڌن سندس ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي ورتا هيا.

"گورڌن! هي هٿ.... جلدي جدا ٿي ويندا!" سمنڊ ڪناري بيٺل مايا جي اکين جو سمنڊ به ڇُلڻ لڳو هو.

"پر ڇو؟ ڇو مايا!؟" گورڌن مايا جي هٿن کي زور سان پڪڙي ورتو هو.

"ان ڪري.. ان ڪري گورڌن......ته........ ته مان...." مايا جملو پورو ڪري نه سگهي ۽ درد مان پنهنجي مٿئين چپ کي ڏندن ۾ پيڪوڙي ڇڏيو هئائين.

گورڌن، مايا جي اندر جي درد کي سندس اکين مان پسي ورتو هو ڪيس لڳو هو ته مايا جي لفظن سان ڪو طوفان اچڻ وارو آهي. تڏهن به گورڌن حقيقت ڄاڻڻ لاءِ اتاولو پئي ٿيو "ٻڌاءِ، ڇا ڳالهه آهي مايا؟"

مايا جي ناسي اکڙين مان به لڙڪ نڪتا هُئا ۽ هيٺ ڪري واپس ويندڙ هڪ لهر سان گڏ لُڙهي ويا هئا.

"پليز مايا، ٻڌاءِ! ڇا ڳالهه آهي!؟" گورڌن جي هٿن جو دٻاءُ مايا جي هٿن تي وڌي ويو هو.

مايا، گورڌن جي هٿن مان پنهنجا هٿ ڇڏائي ورتا هئا. "گورڌن! مان هن دنيا ۾.... فقط چند ڏينهن جي مهمان آهيان!"

"ڇا!؟" گورڌن پنهنجي اندر ۾ ڪجهه ٽٽندي پرندي محسوس ڪيو هو.

"ها، گورڌن! مان.... مان بلڊ ڪينسر جي مريض آهيان!" مايا ٿڌو ساهه کنيو هو.

"پر... پر مايا! تنهنجو علاج به ته ٿي سگهي ٿو!" گورڌن هڪلم چيو هو.

"نه گورڌن! ليوڪيميا آهي مون کي... زندگي مون کان پل پل ٿي موڪلائي رهي آهي... هاڻي.... هاڻي ڪو به علاج منهنجي ساهن جي ٽٽندڙ ڏور کي مضبوط نٿو ڪري سگهي!" مايا هڪ وڏو ساهه کنيو هو.

سامهون اٿاهه سمنڊ هيو ۽ گورڌن جي نڙي خشڪ هئي. هن ڪجهه ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر لفظ سندس چپن تائين نه پهچي سگهيا هئا. سندس اندر ۾ اوندهه ڦهلجڻ لڳي هئي.

”مان تہ پنهنجي زندگيءَ جا آخري ڏينهن گذاري رهي آهيان گوردن! جلدي مري ويندس مان!“ مايا ٿڌو ساهہ کڻي آسمان طرف ڏٺو هو.

مايا جي ڳالهہ ٻڌي گوردن جي دماغ ۾ ايٽم بم جو ڌماڪو ٿيو هو. سندس اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجي وئي هئي. هن پنهنجو مٿو ڦاٽندي محسوس ڪيو هو. جيڪڏهن مايا ڪيس پاڪر ۾ نہ پري وٺي ها، تہ هُو ڪري پوي ها. گوردن، مايا جي ڪلهي تي مٿو رکي، سندس پاڪر ۾ سُڏڪا ڀريندو رهيو هو. ڪيتري دير کان پوءِ، جڏهن هن مايا جي ڪلهي تان مٿو کڻي، سندس اکين ۾ ڏٺو هو تڏهن مايا ڏاڍي اداسيءَ مان چيو هو ”گوردن! تون لڙڪ بچائي رک، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪم ايندئي!“

ٽن ڏينهن کان پوءِ مايا مري وئي هئي ۽ گوردن جا بچايل لڙڪ ڪُنا ئي نہ پئي. مايا جي اگني سنسڪار وقت، هُو باقي سيني ۾ اوپرو ۽ اڪيلو هو. هو سيني کان پري، هڪ ڪنڊ ۾ ڪنڌ جهڪائي سُڏڪندو ۽ لڙڪ لاڙيندو رهيو هو تڏهن اوچتو هڪ جهور پوڙهي شخص اچي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو هو ”تون گوردن ئي آهين نہ؟“

گوردن پنل اکين سان حيرت مان پوڙهي ڏانهن ڏٺو هو ”ها!“

”مان رام چند آهيان، مايا جو نانو!“ پوڙهي ٿڌو ساهہ کڻي چيو هو.

”پر..... پر توهان..... ڪيئن سڃاتو مون کي.“ گوردن حيرت مان پڇيو هو.

”مايا سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو هو مون کي.“ رامچند ڏک مان ورائيو هو ”مون توکي تنهنجي درد مان سڃاتو آهي!“

گوردن جي نڙيءَ ۾ اٽڪيل سُڏڪو اُبڙڪا ڏئي باهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو هو. تڏهن رامچند، گوردن کي پاڪر ۾ ڀري ورتو هو ”گوردن! مايا جي ارٿيءَ جي رَکَ تنهنجي امانت آهي!“

”ڇا!؟“ گوردن جي مٿان حيرتن جو پهاڙ ڪري پيو هو.

”ها بچا!“ رامچند ورائيو هو ”هوءَ تنهنجي لاءِ هڪ بند لفافو بہ ڇڏي وئي آهي. وٺي وڃجانءِ مون کان پنهنجون امانتون.“

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، جڏهن گوردن مايا جي ناني رامچند جي گُوا ۾ محل نما گهر جي ڊرائنگ روم ۾ ويٺو هو تڏهن رام چند مايا جي

ارٽيءَ جي رَڪَ وارو لوٽو ۽ هڪ بند لفافو اڃي سندس اڳيان رکيو هو. گورڌن، ڏڪندڙ هٿن سان بند لفافو کوليو هو. تہ لفافي مان مايا جي وصيت نڪتي هئي. مايا جي وصيت پڙهي گورڌن حيران رهجي ويو هو.

”ڇا لکيو آهي مايا؟“ رام چند پڇيو هو.

گورڌن، مايا جي وصيت وارو ڪاغذ رام چند طرف وڌائي ڇڏيو هو.

مايا جي وصيت پڙهي رام چند بہ حيران ٿي ويو هو. ”مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي، تہ مايا ڇو ڪئي آهي اهڙي وصيت!“

گورڌن وٽ تہ ڪو جواب هيو ئي ڪونہ.

رام چند وصيت وارو ڪاغذ گورڌن کي ڏيندي چيو هو. ”مايا جو جنم تہ هتي ٿيو هو پر مايا جا ماتا پتا بہ هندستان ۾ ئي پيدا ٿيا هئا. سنڌ مان تہ مان لڏي هتي آيو هوس!“

گورڌن خاموش ويٺو رهيو.

رام چند ڪي گهڙيون اونهي سوچ ۾ هليو ويو ۽ پوءِ هُن عينڪ لاهي پنهنجي اکين جي ڪُنڊن تان لڙڪ اُگهي ورتا هئا. ٿڌو ساهہ کڻي چيو هئائين، ”سنڌ جي تانگهہ تہ سدائين مون کي ئي رهي آهي. سنڌ ڌرتي جي سَڌ تہ نہ ڪڏهن مايا جي ماتا پتا ڪئي هئي ۽ نہ ئي مايا!“

”تہ پوءِ... مايا جي هيءَ وصييت!“ گورڌن جي لهجي ۾ حيرت سان گڏ مونجهارو بہ هيو. هُو اڌورو جملو ڇڏي خاموش رهجي ويو هو.

”مايا تہ ڪڏهن سنڌ بابت هرويرو ڳالهائيندي بہ نہ هئي،“ رام چند چيو هو ”ها، البت موهن جي دڙي جي ذڪر سان، مايا جي اکين ۾ چمڪ پيدا ٿي ويندي هئي. موهن جي دڙي جي ذڪر سان هوءَ ويٺي ويٺي وڃائجي ويندي هئي. خبر ناهي... خبر ناهي ڇو!“

گورڌن، مايا جي خيالن ۾ گم ٿي ويو هو.

”تون مايا جي وصيت جو پورائو ڪندين گورڌن؟“ رام چند ٿڌو ساهہ کڻي پڇيو هو.

”هون!“ گورڌن خيالن مان موٽي آيو هو ”ها، ضرور. مايا جي وصيت جي پورائي خاطر مان ضرور موهن جي دڙي ويندس.“

گورڊن اڄ صبح ئي ممبئيءَ کان ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿو هو. موهن جي دڙي جي فلائيٽ نہ ملڻ سبب، ڪراچي ايئرپورٽ تان ئي ٽيڪسي ڪري هُو شام جو اچي موهن جي دڙي پهتو هو. پارڪنگ ايريا ۾ ٽيڪسيءَ مان لهي، هو هڪ ننڍڙو هينڊ بيگ کڻي اسٽوپا طرف هليو ويو هو. هينڊ بيگ ۾ مايا جو رک وارو لوٽو ۽ منرل واٽر جي بوتل پيل هئي.

اسٽوپا تي مٿي چڙهي گورڊن بيگ کولي، مايا جي هائين وارو لوٽو ڪڍيو ۽ مايا جي وصيت مطابق سندس رَکَ، موهن جي دڙي مٿان چئني ڏسائن ۾ ڇٽي ڇڏي. مايا جي رکَ هوا سان پري پري تائين ڦهلجي موهن جي دڙي جي مٽيءَ ۾ ملي وئي. گورڊن جي دل ڀرجي آئي. سندس اکيون آليون ٿي ويون. هن ڪجهہ دير تائين اسٽوپا جي مٿان ويهي موهن جي دڙي جي کنڊرن کي ڏٺو ۽ پوءِ واپس وڃڻ لاءِ هيٺ لهي ويو. اسٽوپا تان هيٺ لٿو تہ واپس ورڻ بجاءِ بي اختيار سندس پيرن موهن جي دڙي جي گهٽين ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. هُو ڪيتري دير تائين موهن جي دڙي جي ويران گهٽين ۾ شام جي پاڇن سان گڏ گهمندو رهيو ۽ مايا بابت سوچيندو رهيو. ڪيس سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ مايا پنهنجي جسم جي رکَ کي موهن جي دڙي جي مٽيءَ ۾ ملائڻ جي وصيت ڇو ڪئي هئي. سوچي سوچي سندس مٿو ڦاٽڻ لڳو تڏهن هُو هڪ کنڊر جي ديوار تي ويهي رهيو. ٿڪَ سبب وڏو ساهہ کڻي هڪ لمحي لاءِ اکيون بند ڪيائين، تہ سندس اکين ۾ مايا جو عڪس لهي آيو. مايا وصيت جي پورائي تي مرڪي گورڊن جا ٿورا مڃي رهي هئي. ان لمحي بند اکين سان ويٺل گورڊن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ مايا سندس ڀرسان ويٺي هجي. گورڊن هڪدم اکيون کولي ڇڏيون ۽ تڪڙو پنهنجي چئني پاسي ڏٺائين. مايا تہ ڪا نہ هئي، پر پوءِ بہ گورڊن کي شدت سان محسوس ٿيو ڄڻ مايا سندس ڀرسان ئي ڪٿي موجود هجي. گورڊن کي پنهنجي اها ڪيفيت سمجهہ ۾ نہ آئي ۽ سندس نڙي خشڪ ٿي وئي. هن هينڊ بيگ مان منرل واٽر جي بوتل ڪڍي پاڻي پيتو ۽ پوءِ شرٽ جون ٻانهون مٿي ڪري، واچ لاهي پنهنجون دز ٿي ويل

ٻانهون ڏوئي، مُنهن تي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي اتي ويهي رهيو. هڪ نظر لهندڙ سج ڏانهن ڏنائين ۽ ٿڌو ساهه کڻي، بيحد اداسيءَ مان ڳرا ڳرا قدم کڻندو واپس هليو ويو.

گورڊن راتو رات ڪراچيءَ واپس وڃي، مُمبئيءَ وڃڻ تي چاهيو. پر ٽيڪسي ڊرائيور جي صلاح تي، هُو رات جا چار پهر ڪنهن هوٽل ۾ گذارڻ لاءِ لاڙڪاڻي طرف وڃي رهيو هو. لڳاتار ويران رستي کان پوءِ جڏهن سامهون روشنيون نظر آيون، تڏهن ٽيڪسي ڊرائيور ٻڌايو. ته اهي روشنيون لاڙڪاڻي شهر جون آهن. گورڊن وقت ڏسڻ لاءِ ٻانهن مٿي ڪئي، ته هُو ڇرڪي پيو. سندس ٻانهن مان مايا جي آخري نشاني، اُها واچ غائب هئي، جيڪا مايا سندس ٻانهن ۾ پارائيندي چيو هو "هيءَ واچ هر لمحي توکي ياد ڏياريندي، ته مان توسان گڏ آهيان!"

گورڊن کي هڪدم ياد آيو ته هن واچ لاهي موهن جي دڙي جي کنبر جي ديوار تي رکي هئي. هن بنا دير ٽيڪسي ڊائيورکي واپس موهن جي دڙي هلڻ لاءِ چيو. ٽيڪسي ڊرائيور مختلف بهانا ۽ حالتون ٺيڪ نه هئڻ جو احساس ڏياري واپس مُوٽڻ واري ڳالهه کان گورڊن کي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گورڊن هر حالت ۾ مايا جي نشاني واپس حاصل ڪرڻ تي چاهي. نيٺ ٽيڪسي ڊرائيور کي واپس ورڻو ئي پيو.

چانڊوڪي رات ۾ بيحد پراسرار محسوس ٿيندڙ موهن جي دڙي جي گهٽين ۾ هلندڙ گورڊن اڪيلو انسان هو. رکي رکي هوا جي ڪنهن زوڪ گورڊن کي ڇرڪائي تي وڌو. گهٽين ۾ هلندي هن ڪيترائي پيرا ائين محسوس ڪيو. ڄڻ ساڻس گڏ ڪو ٻيو به هلندو هجي. ڪنهن جي هئڻ جو احساس ايترو وڌي ويو جو گورڊن جي اندر ۾ موجود خوف، سندس سڄي وجود تي ڇانئجي ويو. هُو هلندي هلندي بيهي رهيو پر خوف سبب ڪنڌ ورائي ڪنهن به طرف ڏسي نه سگهيو. چُپ چاپ پنهنجي جاءِ تي بيٺي، هن کي ڪنهن جي هئڻ جو يقين تي ويو. کيس لڳو سندس پويان ڪو موجود آهي. گورڊن شديد خوف واري حالت مان اوچتو پوئتي منهن ورائي ڏٺو. پويان ڪيرب نه هيو سواءِ ساڳئيءَ پراسراريت جي. هن ٿڌو ساهه کنيو ۽ وري هلڻ شروع ڪيو. ته

قدم اڳتي وڌيو هوندو تہ هن پنهنجي پيرن ۾ ڪجھ وچڙندي محسوس ڪيو. ڇرڪي هيٺ نهاريائين تہ هڪ ڪوئو سندس پيرن مان ڇڏائجي ڪنهن ڪنڊر طرف ڊوڙي ويو. هن اجا سک جو ساھ ئي نہ کنيو تہ هڪ نانگ کي پنهنجي سامهون اُيو ٿيندي ڏٺائين. گورڌن جو ساھ سُڪي ويو. نانگ سندس رستو روڪي ڪيس ڏسندو رهيو ۽ پوءِ تيزيءَ سان گورڌن طرف وڌيو. گورڌن کي پاڻ سنڀالڻ جو موقعو ئي نہ مليو پر نانگ گورڌن جي پيرسان پهچڻ کان اڳ ڇرڪي بيهي رهيو. ۽ رستو مٽائي هڪ ڪنڊر طرف هليو ويو. گورڌن کي ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيو تہ اهو سڀ ڪجھ ايترو تيزيءَ سان ڇو ۽ ڪيئن ٿي ويو! پر گورڌن کي اهو يقين ضرور ٿي ويو تہ سندس اوسي پاسي ڪو آهي، پر ڪير...؟ شايد ڪا پتڪيل آتما....! ڪو پنج هزار سال پراڻو روح....! اها ڳالھ سوچي گورڌن جي لڱن جا وارا اُيا ٿي ويا. خوف سندس سڄي وجود کي وڙائي ويو. پُراسرار چانڊوڪيءَ ۾ هن ٽيڏين نظرن سان اوسي پاسي ڏٺو. کيس لڳو ڄڻ سمورا ڪنڊر کيس گهوريندا هجن. خوف سبب هن پنهنجي ڪياڙي ٿڌي ٿيندي محسوس ڪئي. هن هڪ لمحو ڪجھ سوچيو ۽ پوءِ اوچتو ڊوڙڻ شروع ڪيو. ڊوڙڻ سان هن محسوس ڪيو ڄڻ ڪو هڪ نہ پر ڪيئي روحَ سندس پويان ڊوڙندا هجن. هن وڌيڪ تيزيءَ سان ڊوڙڻ شروع ڪيو. کيس لڳو ڄڻ پويان ڪنهن سندس شرٽ جي ڪالر ۾ هٿ وجهي، کيس پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي. گورڌن وڌيڪ تيز ڊوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ ٿاٻڙجي وڃي هيٺ ڪريو. هيٺ ڪرڻ شرط هن ڪنڌ ورائي پوئتي ڏٺو پر ڪير بہ نہ هيو. هُو ٿڌو ساھ کڻي ويهي رهيو. چئني پاسي ورائي ورائي ڪنڌ ڦيرائي ڏٺائين، پر هر طرف خاموش هئي. هن جي اندر مان اوچتو ڪنهن ٻئي جي اوسي پاسي هئڻ وارو احساس ختم ٿي ويو. هُن اتي ڪپڙا ڇنڊيا ۽ گهٽيءَ جو موڙ مُڙي، ان گهٽيءَ ڏانهن هليو ويو. جنهن جي هڪ ڪنڊر جي ديوار تي هن مايا جي نشاني واچ رکي هئي. هُو ڏاڍو تيزيءَ سان ان ڪنڊر تائين پهتو پر سندس واچ اتي نہ هئي، جتي هن لاهي رکي هئي. چانڊوڪيءَ ۾ هر شيءِ چٽي نظر اچڻ جي

باوجود، هن سڄي ديوار مٿان ڪيئي ڀيرا هٿ ڦيرايو پر مٽيءَ کان سواءِ ڪجھ بہ سندس هٿ نہ لڳو. مايوسيءَ مان سندس اکيون پرچي آيون. هن ديوار جي اوسي پاسي زمين تي نظر ڦيرائي، پر مايوسيءَ کان سواءِ ڪيس ڪجھ نہ مليو. اوچتو ڪجھ فاصلي تي پيل ڪنهن چمڪندڙ شيءِ تي سندس نظر پئي تہ هن تيزيءَ سان اڳتي وڌي اها شيءِ کڻي ورتي، پر سندس هٿ ۾ سگريٽن جي پاڪيٽ واري چمڪندڙ پني اچي وئي. هن مايوسيءَ مان ان پنيءَ کي مروٽي ڦٽي ڪيو ۽ بيحد مايوسيءَ مان زمين تي نظرون وجهي اڳتي هلڻ شروع ڪيو. ڪجھ قدم کڻڻ کان پوءِ، کيس ڀڇرين کان بہ شدت سان محسوس ٿيو تہ سندس پر پاسي ڪوئي آهي. سندس پير هڪ هنڌ ڄمي بيهي رهيا. خوف سندس سڄي وجود کي ورائي ويو. سندس لڱ ڪانڊارجي ويا. کيس پڪ ٿي وئي تہ ڪنڌ کڻڻ سان کيس ڪجھ نظر ايندو. خوف سبب سندس ڪنڌ جُهڪيل ئي رهيو. اوچتو ڪنهن عورت جو آواز سندس ڪنن سان ٽڪرايو "ڇا پيو ڳولين!؟"

گورڌن ڇرڪي ڪنڌ مٿي ڪنيو. سندس سامهون ويهن ٻاويهن سالن جي بيحد حسين، ڇوڪري، چانڊوڪيءَ جهڙي اجري چادر ۾ ويڙهيل سيڙهيل بيٺي هئي. گورڌن جي وجود کي خوف ورائي ويو. کيس سمجھ ۾ نہ آيو تہ رات جي وقت موهن جي دڙي جي پُراسرار گهٽيءَ ۾ اُها ڇوڪري ڪٿان آئي. سندس نڙي خشڪ ٿي وئي. هُو ڪو بہ جواب نہ ڏئي سگهيو ۽ ڪانڊاريل لڱن ۾ هن هلڪي ڏڪڻي محسوس ڪئي.

ڇوڪريءَ پنهنجي چادر مان هٿ ٻاهر ڪڍي ڇيو "هيءَ شيءِ پيو ڳولين نہ؟"

گورڌن کي ڏهن فٽن جي فاصلي تي بيٺل ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ پنهنجي واچ نظر آئي. گورڌن پنهنجي خوف تي قابو پائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، ۽ فقط هڪڙو ئي لفظ سندس وات مان نڪتو "ها!"

سامهون بيٺل ڇوڪري مرڪي پئي. گورڌن کي ڇوڪريءَ جي مرڪ بيحد پُراسرار محسوس ٿي. ڇوڪريءَ پنهنجي جاءِ تي بيٺي بيٺي ٻانهن سڌي ڪئي، جنهن جي هٿ ۾ گورڌن جي واچ هئي. گورڌن

هر صورت ۾ مايا جي ڏنل اها نشاني واپس وٺڻ پئي چاهي، پر خوف سبب سندس پير ڪجهه نہ سگهيا.

سامهون بيٺل ڇوڪري ٻيهر مرڪي پئي. گورڌن کي سندس مرڪ ۾ وڏيڪ پُراسراريت محسوس ٿي. ڇوڪريءَ گورڌن ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو تہ گورڌن پنهنجي اندر ۾ خوف جي اها شدت محسوس ڪئي، جيڪا سندس تصور ۾ بہ نہ هئي. کيس لڳو ڇوڪريءَ جي ويجهو پهچڻ کان پهرين هُو بيهوش ٿي ڪري پوندو. ڇوڪريءَ جي هر وڌندڙ قدم گورڌن جي خوف کي وڌايو پئي. گورڌن پنهنجي جسم مان سَتُ ڇڏائجندي محسوس ڪيو. هُو ڪِرڻ وارو ٿي هيو جو ڇوڪري سندس پرسان اچي بيٺي تہ نہ ڄاڻ ڇو، گورڌن جي وجود مان سڄو خوف ڀڄ ڪري اڏامي ويو. اڇي چادر ۾ ويڙهيل سيڙهيل ڇوڪريءَ جي حسين چهري ۾ هن عجيب ڪشش محسوس ڪئي. کيس لڳو ڄڻ هُو ان ڇوڪريءَ سان پهرين بہ مليو هجي. هُو سوچ ۾ پئجي ويو پر کيس ڪجهہ بہ ياد نہ آيو.

ڇوڪريءَ گورڌن جو هٿ جهلي، کيس واچ ٻانهن ۾ وجهندي مرڪي چيو "هيءَ واچ هر لمحي توکي ياد ڏياريندي، تہ موهن جي دڙي جي گهٽيءَ ۾ تون مون سان مليو هئين!"

ڇوڪريءَ جي هٿ جو ڇهاءُ گورڌن پنهنجي دل تائين محسوس ڪيو ۽ مُرڪي پيو "ڇا نالو آهي نالو تنهنجو؟"

"سمبارا!" ڇوڪريءَ سنجيدگيءَ سان وراڻيو.

گورڌن ڇوڪريءَ جي سنجيده شرارت تي مرڪي پيو. ڇوڪريءَ جي اکين ۾ نهاريندي چيائين، "سمبارا تہ موهن جي دڙي جي ناچڻيءَ جو نالو هو!"

"اُها ئي تہ آهيان مان!" ڇوڪريءَ سنجيدگيءَ سان وراڻيو.

گورڌن ٽهڪ ڏئي کِلي پيو. ڇوڪريءَ ڪو بہ ردعمل ظاهر نہ ڪيو، خاموش بيٺي رهي. هلڪي مرڪ سان، اڇي چادر ۾ ويڙهيل سندس وجود چانڊوڪيءَ ۾ بيحد حسين نظر اچي رهيو هو.

گورڊن مرڪندي چيو "جيڪڏهن تون سمبارا آهين، تہ پوءِ تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟"

"پنج هزار ويهہ سال!" ڇوڪريءَ بيحد سنجيدگيءَ سان ورائيو.

گورڊن ايترو تہ زور سان ٺهڪ ڏنو جو سندس آواز رات جي سانت ۾ سڄي موهن جي دڙي ۾ گونجي اٿيو.

"ڇو پيو ائين ديوانن جيان ٺهڪ ڏئين؟" ڇوڪريءَ سنجيدگيءَ مان پڇيو.

"ان ڪري تہ، تون دنيا جي پهرين ڇوڪري آهين، جنهن پنهنجي عمر گهٽ ٻڌائڻ بجاءِ وڌيڪ ٻڌائي آهي." گورڊن مرڪندي چيو "۽ سابہ پنج هزار سال وڌيڪ ٻڌائي آهي!"

"ويهہ سال تہ منهنجي عمر تڏهن هئي، جڏهن هيءُ شهر آباد هيو." ڇوڪريءَ بيحد اُداسيءَ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيو "پنج هزار سال تہ مون هن شهر جي بربداديءَ سان گڏ گذاريا آهن!"

گورڊن ڇوڪريءَ جي سنجيدگي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو پر ٻئي لمحي هُو وري مرڪي پيو. شرارت مان چيائين، "تہ تون سمبارا آهين، موهن جي دڙي جي ڊانسنگ گرل!"

"ها!" ڇوڪريءَ بيحد سنجيدگيءَ سان چيو.

"مان دنيا جا اڌ ملڪ رُليو آهيان، ۽ هزارين ڇوڪرين سان مليو آهيان." گورڊن مرڪي پيو "پر ايترو وڏو ڪوڙ مون دنيا جي ڪنهن بہ ڇوڪريءَ کان ناهي ٻڌو!"

ڇوڪريءَ جون اکيون آليون ٿي ويون. ڏک مان چيائين، "مون کي اندازو نہ هيو تہ مون جنهن جو انتظار پئي ڪيو آهي، جڏهن اُهو ايندو تہ مون تي ڪوڙي هئڻ جو الزام هڻندو!"

ڇوڪريءَ جي ڏک گورڊن کي ڏڪارو تہ ڪري ڇڏيو پر هن ٿوري حيرت بہ محسوس ڪئي ۽ چيائين، "معاف ڪجانءِ مون توکي ڏکوئڻ بلڪل نٿي چاهيو پر...تو منهنجو انتظار پئي ڪيو آهي... اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي مون کي!"

”وقت سان گڏ هر ڳالهه سمجهي وينديس.“ ڇوڪري پنهنجي آلين اکين کي صاف ڪري مرڪي پئي.

”پر في الحال تہ مون کي تنهنجيون ڳالهيون سمجهہ ۾ نٿيون اچن.“ گورڌن وراڻيو ”سچ ٻڌاءِ تون ڪير آهين؟“

”مون توسان ڪوبہ ڪوڙ ناهي ڳالهايو. مان موهن جي دڙي جي ناچڻي سمبارا ئي آهيان!“ ڇوڪريءَ پهرين کان وڌيڪ پختي ۽ سنجيده لهجي ۾ وراڻيو.

”مان توکي ڪوڙو نٿو چوان، پر تنهنجي انهيءَ ڳالهہ تي ڪڏهن بہ يقين نٿو ڪري سگهان، تہ تون موهن جي دڙي جي ناچڻي سمبارا آهين.“

ڇوڪريءَ گُهور وجهي، گورڌن جي اکين ۾ نهاريو ۽ پوءِ گورڌن ڏانهن پٺي ڪرڻ بنا ڪجهہ قدم پوئتي هلي وئي. گورڌن چاهيندي بہ ڪجهہ نہ ڳالهايو هن چاهيو ٿي تہ ڇوڪريءَ کي جيڏانهن وٽي هلي وڃي، ۽ هو بہ واپس هليو وڃي، پر ڇوڪري پوئين پير هلندي ڪجهہ فاصلي تي وڃي ويهي رهي. هوءَ گورڌن طرف ڏسي ٽڏا ساهہ کڻندي رهي. ڇوڪريءَ جو اهو اداسيءَ وارو رويو گورڌن کي سمجهہ ۾ نہ آيو. گورڌن ڇوڪريءَ کان ڪجهہ پڇڻ وارو ئي هيو جو اوچتو ڇوڪريءَ پنهنجي سڄي وجود تي ويڙهيل چادر سٽ ڏيئي لاهي پري ڦٽي ڪري ڇڏي گورڌن ڇرڪي پيو. سندس سامهون چانڊوڪيءَ ۾ اُگهاڙي ڇوڪري بيٺي هئي. گورڌن پنهنجا لڱ ڪانڊارجندي ۽ نڙي خشڪ ٿيندي محسوس ڪئي. هُو ڦاٽل اکين سان چانڊوڪيءَ ۾ سنگِ مر مر جي حسين بت جيان بيٺل ڇوڪريءَ کي ڏسندو رهيو. رات جي سانت ۾ ڪيئي لمحا ائين ئي گذري ويا. جڻ وقت هڪ هنڌ بيهي رهيو. اوچتو اُگهاڙي بيٺل ڇوڪريءَ نچڻ شروع ڪيو. هوءَ بي خوديءَ مان نچندي ۽ جُهومندي رهي. سندس ڪنڌ کان وٺي چيلهہ ۽ چيلهہ کان پيرن تائين هر انگ وَرَوَڪڙ ٿيندو رهيو. سندس جسم جي مٽجندڙ زاوين سان سندس سڊول ۽ بيحد خوبصورت ڇاتيون ٿڙڪنديون رهيون. جڻ اهي ڇاتيون جسم جي ردم سان سُر ملائيندڙيون هجن.

ڇوڪري ڪيتري دير تائين نچندي ۽ جُهومندي رهي، ان جو اندازو بي خود ٿي ويل گورڌن کي بہ نہ رهيو. هُو انهيءَ ڪيفيت مان تڏهن ٻاهر نڪتو جڏهن ڇوڪري ڪنهن ختم ٿيندڙ گيت جي رڌم جيان آهستي آهستي ٿڙڪندي، زمين تي ويهي رهي ۽ پنهنجو مٿو گوڏن تي رکي ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيائين. ان مهل گورڌن کي پهريون ڀيرو اندازو ٿيو، تہ ڇوڪريءَ جي وارن جو جُوڙو سمبارا جي مجسمي جيان ئي ويڙهيل هو ۽ سندس ٻانهن ۾ سمبارا جي مجسمي جهڙا ئي چوڙا پاتل هيا. چانڊوڪيءَ ۾ پنهنجي سامهون ويٺل، سنگِ مر مر جي بيحد حسين بت جهڙي جيئري جاڳندي اگهاڙي ڇوڪريءَ طرف ڏسندي، گورڌن جي اندر ۾ انساني لذت وارو ڪو بہ احساس نہ جاڳيو. پر هن پاڻ کي حيرتن ۾ ويڙهجندي محسوس ڪيو. هُو چپ چاپ پنهنجي جاءِ تي ويٺو رهيو ۽ ٽِڪَ ٻڌي ڇوڪريءَ طرف ڏسندو رهيو جيڪا پنهنجي گوڏن تي مٿو رکي، ڪنڌ جُهڪايو ويٺي هئي. اوچتو ڇوڪريءَ ڪنڌ مٿي ڪنيو تہ سندس نظرون پاڻ ڏانهن گهُوريندڙ گورڌن جي نظرن سان ٽڪرايون. ڇوڪريءَ هڪدم پنهنجا گوڏا وڏيڪ مٿي ڪري، هڪ ٻانهن جنگهن کي ويڙهي جڻ پنهنجي اوگهڙ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ٻي ٻانهن ڪجهہ فاصلي تي پيل پنهنجي چادر طرف وڌايائين، پر سندس هٿ چادر تائين نہ پهچي سگهيو. هن بيوسيءَ جهڙي حالت مان گورڌن طرف ڏٺو. گورڌن اڳتي وڌي چادر کڻي ڇوڪريءَ جي مٿان وجهي ڇڏي، ڇوڪريءَ ويٺي ويٺي پاڻ کي چادر ۾ ويڙهي ورتو. گورڌن پنهنجو هٿ ڇوڪريءَ طرف وڌايو ۽ ڇوڪري گورڌن جو هٿ جهلي اٿي بيهي رهي. گورڌن پنهنجي بلڪل ويجهو ۽ سامهون بيٺل ڇوڪريءَ جي ساهن کي محسوس ڪيو "ڇا اڃا بہ توکي يقين نہ آيو تہ مان سمبارا آهيان!"

گورڌن ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هن ڇوڪريءَ لاءِ پنهنجي اندر ۾ عجيب ڇڪ ۽ پنهنجائپ محسوس ڪئي. ڇوڪريءَ جو هٿ، گورڌن جي هٿ ۾ ئي پڪڙيل رهيو.

”ٻڌاءِ، توکي يقين آيو تہ مان موهن جي دڙي جي ناچڻي سمبارا ئي آهيان؟“ ڇوڪريءَ پنهنجي ڳالهہ ورجائي.

”تون جيڪا بہ آهين، تو ۾ مون کي نہ ڄاڻ ڇو پنهنجائپ محسوس ٿي رهي آهي!“ گورڌن چانڊوڪيءَ ۾ چمڪندڙ ڇوڪريءَ جي اکين ۾ نهاريندي چيو. سندس هٿ جي پڪڙ ڇوڪريءَ جي هٿ تي وڌيڪ مضبوط ٿي وئي.

ڇوڪريءَ ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هوءَ مرڪي پئي. جڻ گورڌن سندس دل جي ڳالهہ ڪئي هجي.

گورڌن پنهنجي اندر مان اٿندڙ جملي کي چپن تائين اچڻ کان ڊاڍو روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر لفظ سندس وات مان بي اختيار نڪري ويا. ”هي هٿ مان ڪڏهن بہ ڇڏڻ نٿو چاهيان!“

ڇوڪري بيحد اداس ٿي وئي، ”هي هٿ... جلدي جدا ٿي ويندا!“

گورڌن انهيءَ اتفاق تي حيران ٿي ويو تہ هُن اهو ساڳيو جملو ڳالهايو هو جيڪو ڪنهن وقت هُن مايا جو هٿ پڪڙي ڳالهايو هو ۽ هِن ڇوڪريءَ اهڙو ئي جواب ڏنو هو جهڙو ڪيس مايا ڏنو هو. گورڌن سوچ ۾ پئجي ويو.

”ڇا پيو سوچين تون؟“ ڇوڪريءَ پڇيو.

”هون!“ گورڌن خيالن مان نڪري آيو سندس هٿ جي پڪڙ ڇوڪريءَ جي هٿ تي اجا بہ وڌي وئي ”پر.... ڇو جدا ٿي ويندا هي هٿ!؟“

ڇوڪريءَ اداسيءَ مان ٿڌو ساهہ کنيو ”ان ڪري تہ، تون پنج هزار سالن جي وڇوٽيءَ کي نہ اورانگهي سگهندين!“

گورڌن کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. هن ڪجهہ ڳالهائڻ خاطر چئي ڏنو ”تہ پوءِ وقت جي ان وڇوٽيءَ کي تون ئي اورانگهي وٺ!“

”نہ_ هاڻي تہ وڌيڪ وقت مون وٽ بہ ناهي“ ڇوڪريءَ پنهنجو هٿ گورڌن جي هٿ مان ڇڏائي ورتو.

”پر ڇو؟“ گورڌن اوچتو پريشان ٿي ويو.

”ان ’ڇو‘ جو مون وٽ ڪو بہ جواب ناهي. مان وڃان ٿي.“ ڇوڪريءَ اداسيءَ مان ٿڌو ساهہ کنيو.

گورڌن ڇوڪريءَ کي ڪرائيءَ کان پڪڙي ورتو ۽ بي چينيءَ مان چيائين، ”ڇو ناهي تو وٽ منهنجي ڳالهه جو جواب!؟“

”ڪي راز فقط راز ئي رهندا آهن!“ ڇوڪريءَ پنهنجي ٻانهن گورڌن جي هٿ مان ڇڏائي ورتي ۽ ڪنڊرن جي گهٽيءَ ۾ هڪ طرف هلڻ شروع ڪيو.

گورڌن ڇوڪريءَ سان گڏ هلنديءَ اُتاولائيءَ مان پڇيو ”ڪيڏانهن ٿي وڃين تون!؟“

”پنهنجي گهر.“ ڇوڪريءَ گورڌن ڏانهن ڏسڻ بنا هلندي چيو.

”ڪٿي آهي تنهنجو گهر!؟“ گورڌن جي اندر ۾ هڪ اميد جاڳي پئي

”اچ، اچ مان توکي پنهنجو گهر ڏيکاريان.“ ڇوڪريءَ گورڌن جو هٿ پڪڙيو ۽ کيس وٺي وڏين ديوارن واري هڪ ڪنڊر اڳيان بيهاريو. ”هي آهي منهنجو گهر!“

گورڌن بي يقينيءَ مان ڇوڪريءَ جي چهري ڏانهن ڏٺو ۽ حيران ٿي ويو. چانڊوڪيءَ ۾ جرڪندڙ ڇوڪريءَ جي بيحد حسين چهري جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. گورڌن بيحد پريشانيءَ مان چيو ”هي...ڇا ٿيو آهي تنهنجي اکين کي!؟“

”سدا جي وڇوڙي جو درد آهي منهنجي اکين ۾!“ ڇوڪريءَ تمام وڏو ٿڌو ساهه کنيو.

گورڌن ڪجهه چوڻ چاهيو پر زبان سندس ساٿ نه ڏنو.

”تنهنجو ۽ منهنجو ساٿ بس ايترو ئي هيو“ ڇوڪريءَ جي ڳاڙهين اکين مان لڙڪ وهي پيا. ”مان وڃان ٿي پر تون اداس نه ٿجانءِ!“

گورڌن ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو پر چپن سندس ساٿ نه ڏنو. هن ڇوڪريءَ جا لڙڪ اگهڻ لاءِ هٿ مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس هٿ مٿي نه ڪجي سگهيو. کيس لڳو ڄڻ هو پٿر جو بت بڻجي ويو هجي.

ڇوڪريءَ گورڌن جي اکين ۾ نهاريو. ”ويندي ويندي مان توکي اهڙي نشاني ڏئي وينديس، جيڪا توکي سدائين ياد ڏياريندي ته مان توسان هر وقت گڏ آهيان.“

گورڌن نہ ڪجهہ ڳالهائي سگهيو ۽ نہ ئي هن پنهنجي جسم ۾ ڪا چُر پُر محسوس ڪئي. ڪيس يقين ٿي ويو تہ اُن پراسرار ڇوڪريءَ پنهنجي سحر سان ڪيس بُت بڻائي ڇڏيو آهي.

ڇوڪريءَ پنهنجا ٻئي هٿ گورڌن جي مٿي پويان ڏئي، گورڌن جو چهرو پاڻ ڏانهن ڇڪي سندس چپ چمي ورتا. ڇوڪريءَ جي چپن جي تپش گورڌن پنهنجي اندر ۾ سيني تائين محسوس ڪئي، پر هُو بُت جو بُت ئي رهيو.ٻئي لمحي ڇوڪري وڏين ديوارن واري ڪنڌر ۾ اندر لهي وئي. گورڌن پٿر جي ٻي جان بُت جيان ئي رهيو. ڪجهہ لمحن کان پوءِ ڪنڌر مان اندران سڏ ٿيو "گورڌن!"

گورڌن جي بُت ٿي ويل جسم ۾ اوچتو ساهہ پئجي ويو. هن پنهنجي چپن مٿان ڇوڪريءَ جي چپن جي رهجي ويل آلاڻ محسوس ڪئي.

"گورڌن!!" ڇوڪريءَ جي ٻيهر سڏ تي گورڌن مٿان حيرتن جو پهاڙ ڪريو ڇو تہ نہ ڇوڪريءَ سندس نالو پڇيو هو ۽ نہ ئي هن ڇوڪريءَ کي پنهنجو نالو ٻڌايو هو.

گورڌن تيزيءَ سان ڪنڌر ۾ اندر هليو ويو. پر ڪنڌر ۾ ڇوڪري موجود نہ هئي. چانڊوڪيءَ ۾ سڄو منظر پڌرو هو. فقط ڪنڌر جون چار ديوارون! ڪي لمحا گورڌن حيرتن جي پاڇي ۾ ڇُپ چاپ بيٺو رهيو ۽ پوءِ هن آهستي آهستي ڪنڌ ڪٽي مٿي ڏٺو. سندس سامهون موهن جي دڙي جو اسٽوپا ڳر ڪنيو بيٺو هو. اسٽوپا جي مٿان ڇوڏهينءَ جو چنڊ ڪِڙيل هو پر سڄي ماحول تي پُراسراريت ڇانيل هئي. گورڌن، اسٽوپا طرف ڏسندي درد مان رڙ ڪئي، "سمبارا!"

گورڌن جو آواز موهن جي دڙي جي گهٽين ۾ گُونجي اُٿيو ۽ پوءِ هُن ڪيئي سڏ ڪيا، ڪيئي رڙيون ڪيون، پر ڪٿان بہ سندس سڏ جو ڪو جواب نہ آيو. تڏهن سندس مٿان مايوسي ڇانئجي وئي، ۽ مايوسيءَ جي شدت سبب هُو ڪنڌر ۾ گوڏن ڀر ويهي رهيو. هيٺ ويهڻ شرط سندس نظر ڪنهن چمڪندڙ شيءِ تي پئي. هن هٿ وڌائي اها شيءِ کڻي تہ سندس هٿ رک ۾ وڃي پيو. هن پنهنجي هٿ ۾ ڪنيل

شيءِ کي ڦوڪ ڏئي رَکَ هٽائي، تہ سندس هٿ ۾ موهن جي دڙي جي ناچڻي سمبارا جو ننڍڙو مجسمو چمڪڻ لڳو. گورڊن حيرت مان پنهنجي سامهون پيل رَکَ جي ننڍڙي ڍير کي ڏٺو. الائجي ڇو کيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ مايا جي جسم جي اها سڄي رَکَ هتي اچي گڏ ٿي، وئي هئي: جيڪا رَکَ گورڊن شام جو اسٽوپا مٿان بيهي سڄي موهن جي دڙي تي وکيري ڇڏي هئي. گورڊن پنهنجي هٿ ۾ جهليل سمبارا جي مجسمي کي پنهنجي چهري جي سامهون آندو تہ مجسمي مان کيس مايا جي جسم جي خوشبوءِ ايندي محسوس ٿي. گورڊن، سمبارا جي مجسمي کي سيني سان لائي بي اختيار روئي پيو. کيس لڳو سندس مايا هڪ دفعو ٻيهر ڪائنٽس وڇڙي وئي هجي.

---

# چورائجي ويل زندگي

چور جو روالور سارا طرف سڌو ٿيل هو.

اڌ رات جو سارا جي بيڊ روم ۾ گهڙيل آيل چور زيور، پئسا ۽ ٻيون سموريون قيمتي شيون ميڙي ورتيون هيون ۽ هاڻي هڪ هٿ سان سارا تي روالور تاڻي ٻئي هٿ سان چوري ڪيل سامان فرش تي رکيل پنهنجي هينڊ بئگ ۾ وجهي رهيو هو.

ڊبل بيڊ تي اوڪڙون حالت ۾ ويٺل سارا پنهنجين ڄنگهن کي ٻانهن ۾ ويڙهي چڙهيو هو ۽ بيحد ڊنل نظرن سان چور طرف ڏسي رهي هئي. چور سندس سامهون فرش تي ويٺل هو ۽ پنهنجي اڳيان رکيل هينڊ بئگ جي زپ بند ڪري رهيو هو. چور زپ بند ڪري اجا اُٿيو ئي ڪونه ته پوليس موبائل جي سائرن ڪيس چرڪائي وڌو. هن هڪ لمحو ويچهو ايندڙ سائرن جي آواز ڏانهن ڏيان ڏنو ۽ بئگ فرش تي ئي ڇڏي اُٿي بيهي رهيو. سندس چهري تي خوف ۽ ڪاوڙ جو گڏيل تاثر اُڀري آيو. هن وڌيڪ سختيءَ سان روالور جهلي گهوريندڙ نظرن سان سارا طرف ڏٺو. ڏند ڪرٽيندي چيائين، ”لڳي ٿو ته تنهنجي ڪنهن پاڙي واري پوليس کي اطلاع ڪيو آهي!“

## حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر

سارا ڪجھ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر خوف وچان سندس چپن مان ڪو لفظ ٻاهر ئي نہ نڪتو.

چور ويجهو ايندڙ سائرن جي آواز ڏانهن ڌيان ڏيندي انتهائي ڌمڪيءَ واري لهجي ۾ چيو "جيڪڏهن هتي پوليس اچي ويئي تہ اڳ ۾ سڌي گولي توکي هڻندس. پوليس سان مقابلو پوءِ ڪندس!"

"ڏسو... مون کي... ڪا خبر ناهي..." سارا ڏڪندڙ چپن سان ڳالهيو "مان تہ... پاڻ... توهان جي ڪڙڪي سان... ننڊ مان جاڳي هيس!"

"تون ننڊ پئي هجين ها، تہ شايد مان نڪري بہ وڃان ها" چور وڏيڪ ڪاوڙ مان ورائيو.

"توهان چاهيو تہ هاڻي بہ وڃي سگهو ٿا. پوئين دروازي مان نڪري هليا وڃو."

"جيئن تون گوڙ ڪري مون کي پڪڙائي وٺين!" چور هڪلم انتهائي سخت لهجي ۾ ورائيو "تو ڇا مون کي ايترو بيوقوف سمجهيو آهي!؟"

سائرن جو آواز هاڻي گهر جي ويجهو پهچي چڪو هو. چور جو ريوالور سارا طرف ئي ڪڇيل رهيو ۽ هو ڪنهن خطري کي منهن ڏيڻ خاطر بيڊ روم جي دروازي تائين هليو ويو. سائرن جو آواز بلڪل ويجهو پهچي پوليس موبائل جي ٽائرن جي آواز سان گڏ پري ٿيندو ويو. چور هڪ ڊگهو ساهہ کنيو ۽ بيڊ روم جي دروازي وٽان ئي ڪنڌ ورائي مُرڪي سارا طرف ڏٺو.

چور جي مرڪ سارا کي وڏيڪ خوف زده ڪري وڌو. خشڪ چپن تي زبان ڦيرائيندي چيائين "توهان کي جيڪو ڪجھ کپي ٿو، اُهو توهان کڻي ورتو آهي... ۽ شايد... توهان تان خطرو بہ ٽري ويو آهي... هاڻي تہ... هليا وڃو."

"چوريءَ جي ڏوهہ ۾ بہ دفعا سزا کائي چڪو آهيان" چور لفظن تي زور ڏيندي ورائيو "ٽيون دفعو پوليس جا موچڙا کائڻ ۽ جيل وڃڻ جو شوق ناهي مون کي!"

سارا همت ڪري پنهنجي لهجي کي ڪجھ سخت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي "توهان چوري بہ ڪري ورتي ۽ خطرو بہ ٽري ويو. هليا وڃو هاڻي هِتان!"

"حڪم نہ هلاءِ چُپ ڪري ويهہ!" چور ڪاوڙ مان ورائيو "جنهن مهل مناسب سمجهندس هليو ويندس. تنهنجي چوڻ سان نہ ويندس!"

چور جي دڙڪي سان سارا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ٻئي لمحي چور جي قدمن جي آواز تي سارا ڪنڌ مٿي کنيو تہ چور فرش تي پيل ٻئگ کڻڻ بجاءِ ٻئگ ڪان بہ قدم وڌيڪ اڳتي وڌي بيڊ جي پر سان اچي پهتو.

ويجهو بيٺل چور جي تيز نظر کي سارا ڪنهن تير جيان پنهنجي اندر ۾ چيڀندي محسوس ڪيو ۽ سندس سڄي وجود کي خوف ورائي ويو "توهان... توهان مون کي... ائين ڇو پيا گهوريو؟"

چور مُرڪي پيو "پنهنجيون اکيون ڪيڏي قتي ڪيان؟"

سارا ڪوبہ جواب نہ ڏنو. سندس نڙي خشڪ ٿي وئي. چور جي مرڪ وڌيڪ گهري ٿي وئي "ڪا ڏسڻ جهڙي شيءِ سامهون هجي تہ ڇا اکين کي روڪي سگهجي ٿو؟"

سارا رَئي جي پلاند سان پاڻ کي ويڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. چور آخري قلم اڳتي اچي پنهنجو هڪ پير بيڊ تي رکيو تہ سارا هڪدم ڇرڪي دهشت مان رڙ ڪئي "منهنجي ويجهو نہ اچو... نہ اچو منهنجي ويجهو!"

چور ڀهريون پيرو نرم لهجي ۾ ڳالهايو "تہ ڇو مون کان انسان آهيان مان بہ بين انسانن جهڙا جذباءِ احساس آهن منهنجا بہ..."

چور سارا طرف سڌو ڪيل روالور وارو هٿ هيٺ ڪيو تہ سارا پنهنجي اندر ۾ خوف کي گهٽ ٿيڻ بجاءِ وڌندي محسوس ڪيو ۽ هوءَ اوچتو بيڊ تان لهي ڪجهہ قلم پوئتي هلي وئي "جيڪڏهن... جيڪڏهن توهان... منهنجي ويجهو ايندؤ... تہ مان... پاڻ ماري ڇڏيندس!"

چور مرڪي پيو "پاڻ کي مارڻ لاءِ بہ ڪنهن هٿيار جي ضرورت هوندي آهي تو وٽ تہ اُهو بہ ناهي!"

چور اڃا فقط هڪ قلم ئي سارا طرف وڌايو تہ سارا چار قلم پوئتي هٽي ڀِت سان وڃي لڳي "منهنجي ويجهو ايندؤ تہ گوڙ ڪنديس. رڙيون ڪنديس مان!" سارا ڏري گهڙ رڙ ڪئي.

چور کي ڪاوڙ سان گڏ خوف ورائي ويو. هن روالور سارا طرف سڌو ڪندي ڏند ڪرٽيا. "تنهنجي رڙين کان اڳ ئي سدائين لاءِ تو تنهنجي زبان بند ڪيان!"

چور جي آڱر جو زور روالور جي ٽريگر تي وڌيو ۽ سائيلنسر لڳل روالور جو هلڪو آواز ڪمري تائين محدود رهيو پر گولي سارا کي نہ لڳي. چور اونڌي منهن ذري گهٽ سارا جي پيرن ۾ اچي ڪِريو. سارا کي سمجهہ ۾ ئي نہ آيو تہ هي ڇا ٿي ويو. هوءَ اڃا حيرت مان اونڌي پيل چور طرف ڏسي رهي هئي تہ هڪ هلڪي آواز کيس ڇرڪائي وڌو. "گوڙ نہ ڪجو!"

سارا فرش تي پيل چور تان نظرون ڪنيون ته ڪيس بيڊ روم جي دروازي ۾ بيٺل نوجوان نظر آيو. جيڪو پنهنجي چپن تي آڱر رکي ڪيس خاموش رهڻ جو اشارو ڪري رهيو هو. نوجوان جي هٿ ۾ روالور هو جنهن سان هن چور کي پٺيان گولي هڻي ماري وڌو هو.

سارا انتهائي خوف ۽ حيرت واري حالت مان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي "تت... توهان... ڪير آهيو توهان؟"

"پليز محترما, گوڙ نه ڪجو." نوجوان سارا جي سوال جو جواب ڏيڻ بجاءِ پنهنجي ڳالهه ڪئي ورجايو.

"توهان... توهان... هن چور جا ساٿي آهيو نه؟"

"نه بلڪل نه" نوجوان ڪنهن قدر سڪون سان وراڻيو.

"توهان چوريءَ جي سجي مال تي قبضي ڪرڻ لاءِ پنهنجي ئي ساٿيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو!"

"توهان يقين ڪريو مان انهيءَ شخص کي سڃاڻان به نٿو!"

"چوريءَ جو سڀ سامان هن هينڊ بئگ ۾ آهي" سارا فرش تي پيل هينڊ بئگ ڏانهن اشارو ڪري بيحد پريشاني مان چيو "بيشڪ اهو توهان کڻو پر مهرباني ڪري هتان هليا وڃو."

"توهان پنهنجو سامان واپس کڻي وٺو مون وٽ پنهنجو گهڻو ڪجهه آهي" نوجوان بيڊروم جي دروازي پرسان رکيل پنهنجو ننڍڙو بريف ڪيس کڻندي چيو "۽ يقين ڪريو ته مان هن چور جو ساٿي قطعي ناهيان"

"ته پوءِ... ڪير آهيو توهان!" سارا انتهائي خوف ۽ حيرت مان پڇيو.

"بچو نه مان شريف ماڻهو آهيان" نوجوان جي چپن تي هلڪي مرڪ اچي وئي

"شريف ماڻهو!" سارا خوف ۽ حيرت مان وراڻيو "ڇا شريف ماڻهو اڌ رات جو هيئن ڪنهن جي گهر ۾ گهڙي ايندا آهن؟"

"اهو هڪ اتفاق آهي محترما!" نوجوان وراڻيو "جيڪڏهن مان اتفاق سان توهان جي گهر ۾ نه گهڙيا چان ها ته... توهان کي اندازو آهي ته توهان سان ڇا ڇا ٿي سگهيو ٿي؟"

سارا ڪو به جواب نه ڏنو چپ چاپ, حيرت مان نوجوان طرف ڏسندي رهي.

"مان ڪو چور يا ڌاڙيل ناهيان" نوجوان بيحد نرم لهجي ۾ چيو "توهان يقين ڪريو مان توهان کي ڪو به نقصان نه پهچائيندس."

سارا حيرت ۽ بي يقينيءَ مان نوجوان طرف ڏسندي رهي.

نوجوان به قلم اڳتي اچي پنهنجو روالور ۽ بريف ڪيس هڪ طرف رکي ڇڏيو "ڊڄو نه توهان آرام سان ويهي رهو!"

سارا کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو ته هوءَ ڇا ڇوي هوءَ خاموشيءَ سان اٿين بيڊ جي ڪنڊ تي ويهي رهي. جڻ هن نه چاهيندي به نوجوان جي صلاح تي عمل ڪيو هجي. سارا کي پنهنجو مٿو ڦاٽندي محسوس ٿيو. هن ڪنڌ جهڪائي پنهنجا ٻئي هٿ مٿي تي رکي ڇڏيا.

نوجوان هڪ طرف رکيل جڳ مان پاڻيءَ جو گلاس ڀريو ۽ هڪ ساهيءَ ۾ پي ويو.

" آخر.... آخر توهان آهيو ڪير؟" سارا پنهنجي حالت تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي پڇيو.

"مون توهان کي ٻهرين به ٻڌايو." نوجوان وراڻيو "ڇا اهو ڪافي ناهي ته مان شريف ماڻهو آهيان مون توهان جي جان بچائي آهي. . . ۽ شايد. . . عزت به!"

"مهرباني!" سارا جي چپن مان بي اختيار اهو لفظ نڪتو ۽ سارا ڪنڌ ورائي فرش تي پيل چور جي لاش کي هڪ نظر ڏسي، وري نوجوان طرف ڏسي چيو "هاڻي مان پوليس کي فون ڪيان؟"

"پوليس!" نوجوان هڪدم ڇرڪي پيو "نه نه. . . پوليس کي سڏائڻ جي بلڪل ضرورت ناهي "

"ته هي. . . لاش؟" سخت حيرت ۽ پريشانيءَ مان سارا وڌيڪ ڪجهه ڳالهائي نه سگهي.

"پيو رهي لاش هتي ئي. مان هليو وڃان ته پوءِ پوليس کي سڏائي وٺجو."

"ته پوءِ. . . توهان هليا ويندا!"

"مجبوري آهي في الحال نٿو وڃي سگهان "

"پر ڇو؟ آخر ڇو نٿا وڃو!؟"

"توهان پريشان نه ٿيو مان صبح ٿيڻ شرط هتان هليو ويندس "

"ڇا!" سارا ڏري گهٽ رڙ ڪئي. "توهان صبح ٿيڻ تائين هتي هوندا!؟"

"به اڍائي ڪلاڪ ته باقي آهن." نوجوان واچ ڏسندي وراڻيو.

"مون کي. . . مون کي ڊپ ٿو لڳي!" سارا خوف مان چيو.

"ڇا کان ڊپ ٿو لڳي؟ مون کان يا هن لاش کان؟"

”هن لاش کان. . . ۽. . . شايد. . . توهان کان بہ!“

”تہ پوءِ مان ٻاهر لائونج ۾ وڃي ٿو ويهان“ نوجوان پنهنجو بريف ڪيس ۽ روالور کڻندي چيو.

سارا خوف مان اُٿي بيهي رهي، ”نہ چا. . . مان هن لاش جي موجودگيءَ ۾ ڪمري ۾ ويهي رهان!“

نوجوان مرڪي پيو ”ڊپ توهان کي لاش کان بہ لڳي ٿو ۽ مون کان بہ!“

سارا ڪو بہ جواب نہ ڏنو ڏاڍي بيوسي محسوس ڪيائين.

نوجوان وري مرڪي چيو ”ڪو زنده انسان تہ نقصان پهچائي سگهي ٿو پر لاش نہ. توهان اتي ئي ويهي رهو.“

سارا ڇرڪي پئي ”نہ نہ مون کي. . . مون کي هن لاش کان وڌيڪ ڊپ ٿو لڳي مان. . . مان بہ توهان سان لائونج ۾ هلي ٿي ويهان“

”جيڪا توهان جي مرضي“ نوجوان مرڪي ورائيو.

”پر. . . مهرباني ڪري منهنجي سامهون هٿيار کڻي نہ ويهو. مون کي. . . مون کي ڏاڍو خوف محسوس ٿيندو.“ سارا نوجوان جي هٿ ۾ جهليل روالور طرف ڏسندي چيو.

نوجوان سوچ ۾ پئجي ويو.

”پليز پليز توهان روالور رکي ڇڏيو.“ سارا منٿ ڪئي ”هن گهر ۾ ڪير بہ ناهي مون کان سواءِ“

نوجوان روالور ۽ بريف ڪيس واپس رکيا ڇڏيا. هن سارا کي ٻاهر هلڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ سارا جي ڪڍ هلندو لائونج ۾ نڪري آيو.

”جيڪڏهن منهنجي ڪري توهان کي تڪليف ٿي آهي، تہ مان توهان کان معافي ٿو وٺان“ نوجوان بيحد ٿڪل حالت ۾ صوفا تي ويهندي چيو.

”نہ نہ“ سارا بيٺي بيٺي ورائيو ”معافيءَ جي ضرورت ناهي توهان تہ هن گهر ۾. . .“

”مان رحمت جو فرشتو بڻجي هن گهر ۾ آيو آهيان!“ نوجوان هلڪو مرڪي سارا جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو ”توهان شايد اهوئي چوڻ ٿا چاهيو؟“

”ها. . . شايد. . . اهڙوئي ڪجهہ“ سارا ورائيو.

”پر مان رحمت جو فرشتو ناهيان. عام قسم جو انسان آهيان“ نوجوان مرڪي چيو.

سارا ڪو به جواب نه ڏنو.

”پر محترما، توهان ويهي رهو نه بيٺا ڇو آهيو!“

سارا خاموشيءَ سان سامهون واري صوفا تي ويهي رهي

”اهو چور ڪنهن مهل آيو هو توهان جي گهر ۾؟“ نوجوان پڇيو.

”خبر ناهي!“ سارا ٿڌو ساهه کڻي وراڻيو ”پر توهان جي اچڻ کان اڌ ڪلاڪ پهرين ڪنهن ڪڙڪي تي جاڳيس ته هو منهنجي ڪمري ۾ موجود هيو.“

”اهو ته شڪر ڪيو جو عين وقت تي مان اچي ويس.“ نوجوان مرڪي چيو.

سارا کي ڄڻ ڪجهه ياد اچي ويو ”پر. . . توهان منهنجي گهر ۾ ڇو گهڙيا آيا؟“

نوجوان هڪ لمحو خاموش رهيو ۽ پوءِ چيائين ”ان ڪري ته. . . منهنجي ڪڍ پوليس آهي“

”ڇا!“ سارا ڇرڪي پئي ڪيس خوف وراڻي ويو ”توهان جي ڪڍ پوليس آهي!“

”ها“. نوجوان وراڻيو ”پر توهان ڊڄو نه مان ڪو عادي ڏوهاري ناهيان“

”آخر. . . آخر ڇا ڪيو آهي توهان؟“ سارا ڏنل لهجي ۾ پڇيو.

انهيءَ پل ئي رات جي آخري پهر جي خاموشيءَ کي چيريندڙ پوليس موبائل جي سائرن جو آواز گونجي اٿيو. نوجوان ڪجهه چوندي چوندي چپ ٿي ويو. ٻئي لمحي سائرن جو آواز دور ٿيندي محسوس ٿيو ته نوجوان هڪ ٿڌو ساهه کڻي چيو. ”پوليس هن سڄي علائقي ۾ مون کي ڳولي رهي آهي“

”پر ڇو؟“ سارا وڏيڪ ڊڄي وئي ”اهڙو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي توهان؟“

نوجوان هڪ لمحي جي خاموشيءَ کان پوءِ چيو ”مون. . . مون. . . قتل ڪيو آهي!“

”پر. . . انهيءَ جو اطلاع ته پوليس کي مليو ئي ناهي“ سارا انتهائي حيرت سان چيو.

”مان توهان جي ڪمري ۾ پيل چور جي لاش جي ڳالهه نٿو ڪريان“

سارا ڇرڪي پئي ”ته. . . پوءِ؟“

”توهان جي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ، مون هڪ ٻئي شخص کي قتل ڪيو آهي“

سارا جي ڪنن ۾ ڄڻ بم جو ڌماڪو ٿيو. هوءَ اُٿي بيهي رهي، ”چا... توهان... اڄوڪي رات ۾... ٻن ماڻهن جو خون ڪيو آهي!“

”ها... مجبوري هئي!“ نوجوان چيو ”پليز توهان ويهي رهو.“

سارا پنهنجي اندر ۾ خوف کي پاسا ورائيندي محسوس ڪيو. لائونج مان ڀڄي وڃڻ چاهيائين، پر ڊرتي ڄڻ سندس پيرن لاءِ زنجير بڻجي پئي هئي.

”توهان ڊڄو نہ“ نوجوان پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺي ويٺي چيو ”اڄوڪي رات کان پهرين، مون ڪڏهن بہ اهڙو ڪم ناهي ڪيو.“

”مان... مان اندر... ٻئي ڪمري ۾ وڃي ٿي ويهان!“ سارا دهشت ڀريل لهجي ۾ چيو.

”توهان چپ ڪري هتي ويهي رهو. مان توهان کي ڪوبہ نقصان نہ پهچائيندس.“ نوجوان جو لهجو ٿورو سخت ٿي ويو.

سارا خوف مان بيٺي رهي.

نوجوان جو لهجو وڌيڪ سخت ٿي ويو ”خاموشيءَ سان ويهي رهو هتي!“

سارا نہ چاهيندي بہ خوف مان نوجوان طرف ڏسندي ويهي رهي.

”توهان جو نالو ڇا آهي؟“ نوجوان پڇيو.

”سا... سارا...“ خوف سبب سارا جي زبان اٽڪڻ لڳي.

نوجوان ٽيڪ ڏئي آرام سان ويهي رهيو.

”تہ... تہ... توهان ٻيو ڪنهن کي قتل ڪيو آهي؟“ سارا پڇيو.

”اهو بدبخت منهنجي بابا جو دوست هو.“ نوجوان وراڻيو.

”چا!“ سارا جي خوف ۾ حيرت بہ شامل ٿي وئي.

”ها“. نوجوان سڪون جو هڪ ڊگهو ساهہ کنيو ”پر منهنجي بابا جو اهو دوست ڪنهن چور کان وڌيڪ رهزن ۽ بي رحم هيو!“

”آخر... ڇا ڪيو هو انهيءَ شخص!؟“ سارا جو آواز ڪنبي رهيو هو.

توهان سڪون سان منهنجي ڳالهہ ٻڌو. خوف زده نہ ٿيو.“ نوجوان چيو.

سارا ڪجهہ نہ ڳالهايو. هڪ ٿڌو ساهہ کڻي نہ چاهيندي بہ صوفا کي ٽيڪ ڏئي ڇڏيائين.

ڪي لمحا خاموش رهڻ کان پوءِ نوجوان ڳالهايو. ”مان ننڍو هوس تہ امان مري وئي. بابا ٻي شادي نہ ڪئي. امان جي وفات کان ڪجهہ عرصو پوءِ بابا بيمار ٿي

پيو. بابا جو پنهنجن ٻن پائرن کان وڌيڪ ڀروسو پنهنجي دوست مرغوب صاحب تي هيو. مرغوب صاحب سڄي عمر شادي نه ڪئي هئي مان ننڍو هوس ته مون کي پٽ جان پيار ڪندو هو.“ نوجوان جون اکيون آليون ٿي ويون. ڪي پل خاموش رهي ٿڏو ساهه کنيائين ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين. ”بابا وفات کان اڳ ۾ پنهنجي سموري پراپرٽيءَ جو پاور آف اٽارني مرغوب صاحب کي مقرر ڪري ڇڏيو. بابا جي وصيت مطابق منهنجي عمر ويهه سال ٿيڻ کان پوءِ اُها پراپرٽي مرغوب صاحب کي منهنجي حوالي ڪرڻي هئي پر. . . پر. . . هن. . . ائين نه ڪيو!“

سارا ڏاڍي ڌيان سان نوجوان جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي.

ڪجهه لمحن جي خاموشيءَ کان پوءِ نوجوان ڏکاري لهجي ۾ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو ”جڏهن مون انٽر ڪئي ته مرغوب صاحب مون کي خرچ ڏيڻ به بند ڪري ڇڏيو. مون اِي ون گريڊ ۾ انٽر ڪئي سارا. جيڪڏهن مرغوب صاحب منهنجو خرچ بند نه ڪري ها ته اڄ مان ڪمپيوٽر انجنيئر هجان ها. پر. . .“ نوجوان وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو. سندس اکين مان لڙڪ لڙي پيا.

”توهان سان ته ڏاڍي زيادتي ٿي آهي“ سارا همدرديءَ سان چيو.

”ها!“ نوجوان ٿڌو ساهه کڻي ڳالهايو ”۽ هڪ مرحلي تي مرغوب صاحب ٺڳيءَ سان سموري پراپرٽي پنهنجي نالي ٽرانسفر ڪرائي ڇڏي مان ڪورٽ به ويس پر پئسا نه هئڻ ڪري وڏو وڪيل نه ڪري سگهيس ۽ ڪيس هارائي ويس. مرغوب صاحب منهنجي سڄي ملڪيت تي قبضو ڪري ويهي رهيو ۽ مان بي ايس سي ڪرڻ جي باوجود بيروزگاريءَ سبب بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويس!“

”ويري سئڊ!“ سارا ڏک مان چيو.

”ڪجهه ڏينهن پهرين. . .“ نوجوان چيو ”مون کي خبر پئي ته مرغوب صاحب منهنجي ڦباڻل پراپرٽي وڪرو ڪري رهيو آهي. تڏهن مان مرغوب صاحب وٽ ويو هوس.“

”پو. . . پوءِ ڇا ٿيو؟“ سارا تجسس مان پڇيو.

”مون مرغوب صاحب کي چيو ته ملڪيت مان ٿورو حصو ئي مون کي ڏيو جيئن مان ڪو ننڍڙو ڪاروبار ڪري گذارو ڪري سگهان. پر. . . پر مرغوب صاحب انڪار ڪري ڇڏيو. . . ۽. . . ۽ مون کي سخت نتيجن جون ڌمڪيون ڏئي بي عزتو ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيائين!“

”ڏاڍو ڪو پٿر دل ماڻهو هو!“ سارا ڪاوڙ مان چيو.

”ان ڏينهن کان پوءِ مون ڏاڍي خبرداريءَ سان مرغوب صاحب تي نظر رکڻ شروع ڪري ڏني هئي!“ نوجوان جي لهجي ۾ سختي اچي وئي. ”مرغوب صاحب سڄي ملڪيت وڪرو ڪري ڇڏي ۽ اڄ شام ئي ڪيس چاليهه لک رپيا مليا هئا!“

”پوءِ؟ پوءِ توهان هن کان ڪا ٻانڌ ڪئي؟“ سارا هڪلم پڇيو.

”ٻانڌ ڇا جي!“ نوجوان تلخيءَ سان ورائيو ”اڄ... هتي اچڻ کان پهرين... مون سندس گهر ۾ ڌاڙو هنيو هو!“

”ڇا؟“ سارا جي اکين ۾ خوف لهي آيو.

”مون هن کي مليل چاليهه لک روپيا کڻي ورتا، پر هن مزاحمت ڪئي.“ نوجوان چيو.

”۽ توهان... هن کي قتل ڪري ڇڏيو!“ سارا جي نڙي خشڪ ٿي وئي.

”ها، مجبوري هئي.“ نوجوان ڏاڍي سڪون سان ورائيو ”هن به گن کڻي ورتي هئي. مان ڪيس قتل نه ڪريان ها، ته هو مون کي ماري ڇڏي ها!“

”ويري سئڊ. ڏاڍو غلط ٿيو.“ سارا افسوس مان چيو.

”ڇا مون غلط ڪيو؟“ نوجوان پڇيو.

”نه... پر شايد... ها.“ سارا ٻڏتر واري انداز سان ورائيو ”ڪجهه به سهي، پر توهان کي قانون هٿ ۾ کڻڻ نه کپندو هو.“

”قانون هٿ ۾ نه کڻان ها ته ڇا ٿئي ها مون سان... ۽ شايد... توهان سان به!“ نوجوان تلخيءَ مان اٽي بيهي رهيو ”مان شايد مرغوب صاحب جي هٿان مارجي وڃان ها ۽ توهان چور جي هٿان!!“

سارا جي وجود کي خوف ورائي ويو. هوءَ پاڻ تي قابو پائي اٿي بيهي رهي. ”پر... توهان کي احساس آهي ته توهان جي هٿان هڪ ئي رات ۾ ٻه قتل ٿي چڪا آهن!؟“

”ڇا ڪيان ها؟“ نوجوان ڪاوڙ مان چيو ”ڇا ڪيان ها مان؟ ڪهڙو رستو هو مون وٽ!؟“

سارا ڪو به جواب نه ڏئي سگهي. نوجوان جي سوال جو وٽس ڪو به جواب نه هو.

”مون کي... مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي.“ نوجوان چيو.

”توهان ويهو مان پاڻي کڻي ٿي اچان.“ سارا اُٿندي چيو.
”نہ نہ!“ نوجوان هڪدم چيو ”مان پاڻ وڃي پي وٺندس.“
”توهان گهٻرايو نہ مان، فقط پاڻي کڻڻ ٿي وڃان پوليس کي فون ڪونہ ٿي ڪيان!“ سارا ڪچن طرف هلي وئي.

سارا جي وڃڻ کان پوءِ نوجوان بيچينيءَ مان لائونج ۾ چئني پاسي ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ ديوار تي ٽنگيل اڌڙوٽ عمر جي عورت جي تصوير تي سندس نظر بيهي رهي ۽ هو ڪنهن اونهي سوچ ۾ گُم ٿي ويو.

”پاڻي!“ سارا جي آواز تي نوجوان ڇرڪي سارا طرف ڏٺو.

سارا جي هٿن ۾ پاڻيءَ جي باٽل ۽ گلاس هيو. نوجوان گلاس کي نظرانداز ڪري، سارا جي هٿ مان باٽل وٺي، باٽل مان ئي پاڻي پي، باٽل کي ٽيبل تي رکندي سارا طرف ڏٺو ”مهرباني، پر سچ ٻڌايو توهان ڪا چالاڪي تہ نٿا ڪريو مون سان؟“

”نہ بلڪل نہ“ سارا گلاس کي ٽيبل تي رکندي چيو ”مون کي تہ پاڻ همدردي آهي توهان سان.“

”بس ڪجهہ دير کان پوءِ مان هليو ويندس هتان.“ نوجوان واچ ڏسندي چيو.
”توهان ڪجهہ کائيندئو؟“ سارا پڇيو.
”ها، بک تہ لڳي آهي، پر. . .“ نوجوان پنهنجو جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
”توهان ويهو، مان ڪجهہ ناهي ٿي وٺان“ سارا ڪچن طرف واپس ويندي چيو.

نوجوان ويهڻ بجاءِ بيٺو ئي رهيو. ڪي لمحا بيٺو رهيو ۽ پوءِ ڪجهہ سوچي، هو ڪچن طرف هليو ويو.

سارا، انڊو فرائي ڪري، پليٽ ۾ وجهندي نوجوان طرف ڏٺو ”ٻڌو نہ توهان جي ڪاڌي ۾ ڪجهہ ڪونہ پئي ملايان.“

”نہ نہ مان تہ بس. . . ائين ئي. . .“ نوجوان ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني.

سارا، انڊي ۽ سلائيس جون پليٽون کڻي ڪچن جي دروازي ۾ بيٺل نوجوان جي پاسي مان گذري لائونج ۾ هلي وئي. پليٽون ٽيبل تي رکيائين تہ نوجوان هر ڳالهہ وساري کائڻ ۾ جنبي ويو. سارا چپ چاپ ويهي کيس ڏسندي رهي.

”آءِ ايم سوري، ڏاڍي بک لڳي هئي مون کي.“ نوجوان ٽشو پيپر سان هٿ صاف ڪندي چيو.

”ڪجهه وڏيڪ کپي؟“ سارا پڇيو.

”نہ مهرباني“ نوجوان چيو ”هن سڄي گهر ۾ توهان اڪيلا ڇو آهيو؟“

سارا ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ منهن جهڪائي ڇڏيو.

”اها تصوير ڪنهن جي آهي؟“ نوجوان ديوار تي لڳل اڌڙوٽ عمر واري عورت جي تصوير طرف ڏسندي پڇيو.

”منهنجي اميءَ جي تصوير آهي!“ سارا ٿڌو ساهہ کڻي ورائيو.

”ڪٿي آهي توهان جي امي؟“ نوجوان پڇيو.

”اُها... هن دنيا ۾ ناهي“ سارا ڏک مان ورائيو.

”اوهہ آءِ ايم سوري!“ نوجوان همدرديءَ سان چيو ”هن گهر ۾ پيءُ ڪير ڇو ناهي؟“

سارا جون اکيون پرپيل ڪٽورن جيان ڇلڪڻ لڳيون.

”بابا... ڏهہ سال اڳ... سپر هاءِ وي تي ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويو هو!“

”ويري سئڊ!“

”ڪو ياءُ پيءُ آهي ڪونہ اڪيلي رهندي آهيان. ڏينهن جو هڪ نوڪرياڻي هوندي آهي. شام جو اُها پنهنجي گهر هلي ويندي آهي“

”اڪيلي رهندي توهان کي خوف محسوس نٿو ٿئي؟“

سارا هڪ لمحو گهورَ ڪري نوجوان طرف ڏٺو پوءِ چيو ”اڄ کان پهرين... ڪڏهن بہ خوف محسوس نہ ٿيو هو.“

”ءِ چا...“ هڪ لمحو سوچي نوجوان پڇيو ”توهان شادي بہ نہ ڪئي؟“

”مڱڻو ٿيو هو پر...“

”پر ڇا!“

”شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيم!“

”پر ڇو؟... ڇو انڪار ڪيو؟“

”منهنجو مڱڻو اميءَ پنهنجي ياڻي سان ڪرايو هو پر منهنجو مڱيندو ياڙيو هو بزدل هو!“

”اهڙو ڇا ٿيو جو توهان شاديءَ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو؟“

”منهنجو مڱيندو هڪ دفعي مون کي گهمائڻ هاڪس بي تي وٺي ويو. واڪ ڪندا اسان ڪافي پري هليا وياسين. موٽر سائيڪلن تي آواره گردي ڪندڙ ٽي نوجوان اسان کي ڦري آيا تہ هو مون کي اڪيلو ڇڏي ڀڄي ويو!“

”وڏو ڪو بزدل هو. مان هجان ها تہ. . .“

سارا نوجوان جي ڳالهہ ڪٽي ورتي ”مون ٿورو گوڙ ڪيو تہ اُهي ڇورا ڀڄي ويا، پر. . . منهنجي دل بہ ڀڄي پئي. . . ۽ مون. . . شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو.“

”توهان. . . توهان بلڪل ٺيڪ ڪيو.“ نوجوان ٿورو جذباتي ٿي ويو.

”ڇا واقعي منهنجو فيصلو درست هو؟“

”ها, بلڪل.“

”پر. . . منهنجي انهيءَ فيصلي سان اميءَ کي شديد ڌڪ رسيو. امي بيمار ٿي پيئي. . . ۽ انهيءَ صدمي ۾ ئي مري وئي!“ سارا پنهنجا هٿ چهري مٿان رکي سڏڪي پئي.

”پليز, پليز سارا.“ نوجوان ڪيس آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

سارا پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل رئي سان لڙڪ اگهيا. ”مان ڪيئن اُن شخص سان شادي ڪريان ها, جيڪو پنهنجي عزت نٿو بچائي سگهي! ڪيئن ان ماڻهوءَ سان زندگي گذاريان ها, جيڪو منهنجي حفاظت بہ نہ ڪري سگهي!“

”توهان تہ ڏاڍو مشڪل وقت گذاريو آهي!“ نوجوان همدرديءَ سان چيو.

”نہ اهڙي ڳالهہ بہ ناهي.“ سارا مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ”سٺي جاب آهي مون کي ڪنهن جي محتاج ناهيان!“

”ڇا ڪندا آهيو؟“ نوجوان پڇيو.

”بئنڪ ۾ آفيسر آهيان.“ سارا ورائيو. ان مهل ٽي ٽيليفون بيل وڄڻ لڳي, پر سارا فون کڻڻ بجاءِ چپ چاپ ويٺي رهي.

”هي. . . هن مهل. . . اڌ رات کان پوءِ ڪنهن جي فون آهي؟“ نوجوان پڇيو.

”۽ توهان اٽينڊ ڇو نٿا ڪريو؟“

”خبر ناهي ڪير آهي. ڪو ماڻهو هر ويرو رات جو فون ڪري تنگ ڪندو آهي.“ سارا بيزاريءَ مان چيو.

”مان ٿو فون اٽينڊ ڪريان.“ نوجوان ڪاوڙمان اُٿندي چيو. ”پوءِ ڏسان توهان کي ڪيئن ٿو تنگ ڪري!“

”پليز, پليز ڇڏيو توهان ان ڳالهہ کي.“

”پر ڇو؟ هن بداخلاق کي سبق نہ سيکاريان؟“

”اڄ تہ توهان هن کي ڌمڪي ڏيندئو ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ توهان هتان هليا ويندئو. پر پوءِ مان هن جي دشمنيءَ سان ڪيئن منهن ڏينديس؟“

ٽيليفون بيل بند ٿي ويئي.

نوجوان ٿڌو ساهه کڻي ويهي رهيو ۽ هڪ ڀرپور نظر سان سارا طرف ڏٺائين.
”توهان. . . شادي ڇو نٿا ڪري ڇڏيو؟“

سارا مرڪي پئي، ”ڪنهن بزدل ماڻهوءَ سان؟“

”نه ڪنهن بهادر ماڻهوءَ سان، جيڪو توهان جي حفاظت ڪري سگهي.“

”اهڙو ڪو بهادر شخص ڪڏهن مليوئي ڪونه.“

نوجوان هڪ لمحو سوچي مرڪي پيو، ”توهان جو. . . منهنجي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“

”ڇا!“ سارا کان ڇرڪ نڪري ويو.

نوجوان مرڪي پنهنجو سوال ورجايو، ”منهنجي باري ۾ ڇا خيال آهي توهان جو؟“

”توهان. . . منهنجي خيال ۾. . . توهان بهادر ته ضرور آهيو!“

”مون کي پنهنجي تعريف نه ٻڌڻي هئي مون ڪنهن ٻئي مطلب سان توهان کان پڇيو هو.“

”ڇا مطلب؟“

”توهان. . .“ نوجوان هڪ لمحو سوچي ورائيو ”توهان. . . مون سان شادي ڪندئو؟“

سارا جواب ڏيڻ بجاءِ منهن ڦيري ڇڏيو.

نوجوان کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ”ڏسو جيڪڏهن توهان کي منهنجي ڳالهه سٺي ناهي لڳي ته مان توهان کان معافي ٿو وٺان!“

”نه نه اهڙي ڳالهه ناهي.“ سارا ڦڪي مرڪ مرڪي نوجوان طرف ڏٺو.

”ته پوءِ. . . ڇا سمجهان مان؟“ نوجوان حيرت مان پڇيو.

سارا هلڪو مرڪي پئي، ”بهادر ته توهان آهيوئي!“

”ڇڏيو ان ڳالهه کي ڪا ٻي ڳالهه ڪريو.“ نوجوان ڪنڌ لوڏي چيو.

سارا جي مرڪ گهري ٿي وئي، ”مان واقعي توهان جهڙي بهادر شخص سان شادي ڪري سگهان ٿي!“

نوجوان حيران ٿي ويو. بي يقينيءَ واري ڪيفيت مان چيائين ”ڇا! توهان. . . توهان. . . سچ ٿا چئو!“

”ها، بلڪل. سؤ سيڪڙو سچ!“ سارا مرڪي وراڻيو.

”سارا! مون... مون ڪڏهن سوچيو به نه هو ته...“ نوجوان بيحد خوشيءَ مان چيو ”هڪ ئي وقت... مون کي منهنجي ملڪيت به ملي ويندي ته محبت به!“

”ٻن انسانن کي قدرت ئي ملائيندي آهي“ سارا مرڪي وراڻيو ”پر... توهان پنهنجا هٿ ته صاف ڪري اچو. صاف سٿرا ماڻهو سٺا لڳندا آهن مون کي.“

نوجوان بريڊ سلائيس جا ننڍڙا ٽڪرا پنهنجا سٽيا هٿ ڏنا ۽ مرڪي پيو ”واش روم ڪهڙي طرف آهي؟“

”هوڏانهن ٻئي بيڊ روم ۾ هليا وڃو.“ سارا هڪ طرف اشارو ڪيو.

نوجوان مرڪي ٻئي بيڊروم طرف هليو ويو. واش روم ۾ وڃي هٿ صاف ڪرڻ کان پوءِ منهن تي پاڻيءَ ڇنڊو هڻي ٽاول سان چهرو صاف ڪري هيئر برش ڪڍي وار سنواريائين ۽ آئيني ۾ پاڻ کي ڏسي مرڪي پيو. فريش ٿيڻ کان پوءِ هو وڌيڪ پرڪشش ٿي پيو هو. ريڪ مان پرفيوم ڪڍي اسپري ڪيائين ته سندس جسم سان گڏ من به مهڪي پيو. دولت ۽ سارا جي سونهن پريي سات سان پنهنجي خوبصورت مستقبل تي سوچيندو هو واش روم مان نڪري آيو. هي ڇا... سندس ساهه ڄڻ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. بيڊ روم جو دروازو بند پيو هو. هن هڪدم وڃي دروازي کي ڇڪيو پر دروازو نه کليو. هن بي اختيار رڙ ڪئي ”سارا! در کول!“

”سوري، دروازو لاڪ ٿي چڪو آهي“ بيڊ روم مان لائونج ۾ کلندڙ دريءَ پاهران سارا بيٺي هئي.

نوجوان ڀڙڪو ڏئي دريءَ جي ڀر سان هليو ويو سندس هٿ دريءَ جي لوهي گِرل ۾ کُپي ويا، ”پر ڇو؟ ڇو لاڪ ٿي ويو دروازو؟“

”مون لاڪ ڪيو آهي“ سارا پنهنجي مُٺ ۾ جهليل چابي نوجوان کي پري کان ڏيکاري.

”پر ڇو؟ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي مون تنهنجو؟“ نوجوان جون پريشانيءَ مان لونئڙيون ڦاٽڻ لڳيون. قيديءَ جيان بيٺو رهيو.

سارا ڪو به جواب نه ڏنو ۽ لائونج ۾ رکيل ٽيليفون جو رسيور وڃي هٿ ۾ کنيائين.

”تون... تون ڇا پئي ڪري سارا؟“ نوجوان کان رڙ نڪري وئي.

”پوليس کي فون پئي ڪيان“ سارا سڪون سان وراڻيو.

”پليز پليز سارا!“ نوجوان جي لهجي ۾ منٿ هئي.

”بحث ڪرڻ مان ڪو فائدو ناهي.“

”ڏسو توهان دروازو کوليو. مان ٻئي ڪمري مان پنهنجو روالور ۽ بريف ڪيس کڻي هڪڙي منٽ اندر توهان جي گهر مان نڪري ويندس.“

”سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“

”چڱو توهان ڀيرين منهنجي ڳالهه ٻڌي وٺو. پوءِ چاهيو ته بيشڪ پوليس کي فون ڪجو.“ نوجوان جا هٿ لوهي گرل ۾ جڪڙيل رهيا.

سارا رسيور واپس رکي چڙيو ”چئو!“

”ٿورو سوچيو مون توهان جي جان بچائي آهي ۽ منهنجي احسان جو توهان اهڙو بدلو ڏيندئو؟“

”توهان کي قانون جي حوالي ڪري مان ڪو به غلط ڪم نه پئي ڪريان.“

”توهان... مون سان دوکو بيا ڪيو محترما!“

”نه بلڪل نه مون توهان سان ڪو به دوکو ناهي ڪيو. منهنجو ضمير مطمئن آهي.“

”پر سارا! ٿوري دير ڀيرين ته توهان مون سان شادي ڪرڻ جي حامي ڀري هئي!“

”بلڪل. توهان سان شادي ڪرڻ کان مان هاڻي به انڪار نٿي ڪريان.“

”ته پوءِ... پوليس کي ڇو ٿا سڏايو؟“

”انڪري ته مان قانون کان ڀڄل شخص سان شادي نٿي ڪري سگهان. قانوني نقاضائون پوريون ٿي وڃن ته پوءِ توهان مون ڏانهن موٽي اچجو.“

”پر... ڪيئن موٽي ايندس؟... ٿي سگهي ٿو... ٿي سگهي ٿو... مون کي موت جي سزا ملي وڃي!“

”جن حالتن ۾ توهان جي هٿان ٻئي خون ٿيا آهن. انهيءَ ڪري مان نٿي سمجهان ته توهان کي ڦاسيءَ جي سزا ملندي.“

”پر... عمر قيد جي سزا ته ملي سگهي ٿي. خاص طور تي مرغوب صاحب جي قتل سبب!“

”ها, شايد... عمر قيد...“

”تيسين ته... ڏاڍي دير ٿي ويندي سارا!“ نوجوان بيحد مايوسيءَ مان چيو.

”مان... توهان جو انتظار ڪنديس.“ سارا اداس ٿي وئي.

”ته ڇا... توهان ڪنهن به حالت ۾... مون کي آزاد نه ڪندئو؟“ نوجوان جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو.

”نہ بلڪل نہ“ سارا جو هٿ ٽيليفون رسيور طرف وڌيو.

”پليز پليز سارا، هڪڙو منٽ“ نوجوان رڙ ڪئي.

نوجوان جي رڙ سارا جو رسيور ڏانهن وڌندڙ هٿ روڪي ورتو ”جي؟“

”ائين تہ... منهنجا چاليهہ لک... منهنجي ملڪيت هڪ دفعو وري ضبط ٿي ويندي!“ نوجوان ڳيت ڏني. سندس نڙي خشڪ ٿي وئي هئي.

سارا ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

نوجوان جي اکين مان بي وسيءَ سبب لڙڪ وهي نڪتا. ”تہ ڇا... سزا ڪاٽڻ کان پوءِ بہ... وري مون کي بدحاليءَ واري زندگي گذارڻي پوندي؟“

سارا ٿڌو ساهہ کنيو ”اهي سڀ پوءِ جون ڳالهيون آهن.“

”ڏسو توهان منهنجي ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو.“

”منهنجي طبيعت جي ابتڙ توهان مون کي ڪابہ ڳالهہ سمجهائي نٿا سگهو. مان توهان کي پوليس جي حوالي تہ ضرور ڪنديس.“ سارا سختيءَ سان ورائيو.

نوجوان بيوسيءَ مان هٿ جوڙيا. سندس اکين مان لڳاتار ڳوڙها ڪِري رهيا هئا. ”تہ پوءِ... هڪڙي مهرباني ڪريو... منهنجو هڪڙو ڪم ڪريو.“

”پليز توهان هٿ نہ جوڙيو.“ سارا اُداسيءَ مان چيو ”توهان ڪم تہ ٻڌائو؟“

”وعدو ڪريو تہ انڪار نہ ڪندئو.“ نوجوان هٿ جوڙيو بيٺو رهيو.

سارا ٿڌو ساهہ کنيو. هڪ لمحو سوچي چيائين. ”ٺيڪ آ. مان وعدو ٿي ڪريان. توهان ڪم ٻڌايو.“

”جنهن ڪمري ۾ چور جو لاش پيل آهي ان ڪمري ۾ ئي منهنجو بريف ڪيس بہ پيو آهي. انهيءَ بريف ڪيس ۾ چاليهہ لک روپيا موجود آهن. توهان مهرباني ڪري پوليس جي اچڻ کان اڳ ۾ اهو بريف ڪيس لڪائي ڇڏيو. امانت سمجهي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو.“

سارا سوچ ۾ پئجي وئي.

نوجوان وري ڳالهايو. ”جاچ وقت پئسن جو معاملو سامهون آيو تہ مان اهوئي بيان ڏيندس تہ پوليس کان فرار ٿيڻ وقت مون فريف ڪيس رستي ۾ اُڇلائي ڇڏيو هو.“

سارا ٿڌو ساهہ کنيو ”ٺيڪ آ.“

”مهرباني توهان جي وڏي مهرباني!“ نوجوان جي اکين ۾ هاڻي احسانمنديءَ جا لڙڪ اچي ويا. ”سزا کان پوءِ مان توهان ڏانهن ئي ايندس سارا!“

”توهان جو نالو ڇا آهي؟“ سارا پڇيو.
”گلفام... گلفام نالو آ منهنجو.“ نوجوان ٿڌو ساهه کڻي چيو.
”توهان جو نالو ته... شهزادن جهڙو آهي!“ سارا مرڪي ورائيو.
”في الحال ته... قيدي آهيان مان!“ نوجوان لوهي گِرل ۾ هٿ وجهندي چيو.
”مان انتظار ڪنديس شهزادي گلفام جي قيد مان آزاد ٿيڻ جو!“ سارا اداس مرڪ سان چيو ۽ ٽيليفون جو رسيور کڻي پوليس ايمرجنسي سيل جو نمبر ڊائل ڪرڻ لڳي.

۽ اڄ...
سترهن سالن کان پوءِ سارا جي خوابن جي شهزادي گلفام جي سزا پوري ٿي آهي. سارا کي يقين آهي ته گلفام ضرور واپس وٽس ئي ايندو. هوءَ صبح کان ئي پاڻ کي تاهيندي سنواريندي رهي آهي. ڪيترين ئي ڊريسز چينج ڪري پاڻ کي ور ور آئيني ۾ ڏسندي رهي آهي. هن مهل شام جو پنجين وڳي به هوءَ پاڻ کي آئيني ۾ ڏسي مرڪي رهي آهي. کيس احساس آهي ته وقت سندس سونهن ڦري نه سگهيو آهي. پر هن ئي وقت کي مات ڏني آهي. گذرندڙ وقت سان گڏ هوءَ گريس فل ٿي پئي آهي. سندس فطري سونهن ۾ وڌيڪ ڪشش اچي وئي آهي. آئيني ۾ ڏسندي هوءَ پاڻ تي موهت ٿيندي محسوس ٿي رهي آهي. پر ٻئي لمحي سندس نظر وال ڪلاڪ ڏانهن کڄي ٿي ته گذرندڙ شام سان گڏ سندس دل ۾ وسوسا جنم وٺڻ لڳن ٿا. پاڻ ئي وسوسن کي رد ڪري مرڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پر مرڪ سندس چپن جو ساٿ نٿي ڏئي. ڊريسنگ ٽيبل جي سامهون ويٺي هوءَ آئيني ۾ پنهنجي عڪس کي ڏنڌلو ٿيندي محسوس ٿي ڪري ۽ ڪنهن اونهي سوچ جي وهڪري ۾ وهندي هلي وڃي ٿي. اوچتو ڊور بيل جي آواز تي ڇرڪي ٿي ته کيس احساس ٿئي ٿو ته هوءَ پورو ڪلاڪ ائين گم رهي آهي جنهن جي کيس ڪا به خبر ناهي. ڇڻ اهو پورو هڪ ڪلاڪ سندس زندگيءَ مان کٽي وڃائجي ويو آهي.
ڊور بيل جو آواز ٻيهر ٿئي ٿو پر هوءَ پنهنجي جاءِ تي ويٺي رهي ٿي. گلفام جي اچڻ جي پڪ ٿيڻ کان سواءِ هوءَ آئيني اڳيان اُٿڻ ئي نٿي چاهي. پنهنجو پاڻ ۾ ئي گم رهڻ چاهي ٿي ته کيس اطلاع ملي ٿو ته مهمان ڊرائنگ روم ۾ ويٺو آهي. پنهنجي وجود ۾ گم ٿيل سارا مهڪي پوي ٿي. ڪنهن تڪڙ کان سواءِ هوءَ آرام

سان وارن ۾ برش ڪري، پرفيوم اسپري ڪري، باوقار قدمن سان هلندي بيڊ روم مان نڪري ٽي وئي.

ڊرائنگ روم ۾ ڊوڙندڙ گهوڙن واري پينٽنگ ڏسندڙ گلفام قدمن جي آواز تي ڪنڌ ورائي ٿو ته پنهنجي سامهون سارا کي بيٺل ڏسي ٿو. سارا جون پنل اکيون ۽ ٿي ڪجهه نه ڳالهائي سگهڻ ۽ اکين جا ڪجهه موتي ڪيرائڻ کان پوءِ سامت ۾ اچن ٿا ته وري به سارا جي چپن مان ٿي لفظ نڪرن ٿا، ”مون کي. . . يقين هو ته. . . اڄ . . . توهان ضرور هتي واپس ايندا!“

گلفام ڦڪي مرڪ مرڪي ٿڌو ساهه کڻي ٿو ”مان سترهن سال جيل ۾ رهيس پر توهان هڪ دفعو به ملاقات لاءِ نه آيئو!“

”اها منهنجي سماجي مجبوري هئي گلفام.“ سارا ورائي ٿي ”مون کي يقين آهي ته توهان مون کي معاف ڪري ڇڏيندئو.“

”آخر اهڙي ڪهڙي مجبوري هئي؟“ گلفام حيرت مان پڇي ٿو.

”وقت اچڻ تي مان توهان کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيندس.“ سارا ڳالهه لنوائڻ جي ڪوشش ڪندي ورائي ٿي ”باقي مون توهان جي خبرچار رکي پئي ۽ مون کي اها به خبر هئي ته اڄ توهان جي سزا پوري ٿيندي“

گلفام مرڪي پئي ٿو. ڪو به جواب نٿو ڏئي

”گلفام پليز توهان ويهو ته پينا ڇو آهيو!“ سارا مرڪي ڳالهائي ٿي

گلفام ويهڻ بجاءِ سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو.

”ڇا پيا سوچيو؟“ سارا پڇي ٿي

گلفام جي چهري تي سوچ جون ريکائون اُڀري اچن ٿيون. ”هوءَ ڇوڪري ڪير هئي جنهن دروازو کوليو هو؟“

سارا ڳالهه سمجهي مرڪي پئي ٿي ”اها ڇوڪري گهر جي ڪم لاءِ رکيل آهي“

”اوهه. . . مون سمجهيو هو ته. . . “گلفام مرڪي ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي ٿو ڏئي

”اٿين ڪيئن ٿو ٿي سگهي گلفام!“ سارا مرڪي چئي ٿي ”مون توهان کي چيو هو ته مان توهان جو انتظار ڪنديس“

”مهرباني!“ گلفام مرڪي ورائي ٿو ”۽ منهنجي امانت چاليهه لک روپيا؟“

”توهان جي امانت نفعي سان گڏ موجود آهي“ سارا مرڪندي رهي ٿي

”ڇا مطلب؟“ گلفام حيرت مان پڇي ٿو.

”مون توهان جا پئسا مختلف اسڪيمن ۾ انويسٽ ڪري ڇڏيا هئا. هاڻي اهي سوا ڪروڙ ٿي چڪا آهن. . .!“

گلفام جون اکيون روشن ٿي ويون

”آخر ته بئنڪ آفيسر آهيان؟“ سارا خاص انداز سان ڳالهائي ڄڻ پنهنجي ئي توري تعريف ٿي ڪري

”پر. . . ڪٿي آهن منهنجا سوا ڪروڙ رپيا!“ گلفام بي صبريءَ مان پڇي ٿو.

سارا مرڪي ڊرائينگ روم ۾ ئي رکيل هڪ وڏي ڊوائيبر طرف هلي وڃي ٿي. ڊوائيبر جو لاڪر کولي ان مان هڪ نئون بريف ڪيس ۽ هڪ وڏو لفافو ڪڍي ٽيبل تي رکندي مرڪي گلفام طرف ڏسي ٿي ”بريف ڪيس ۾ نوي لک روپيا ڪيش ۽ لفافي ۾ پنجٽيهه لکن جا سيونگ سرٽيفڪيٽس موجود آهن.“

گلفام اٿي وڏي ٽيبل وٽ وڃي انتهائي حيرت مان لفافي ۾ سيونگ سرٽيفڪيٽ ڏسڻ کان پوءِ بريف ڪيس کولي ڏسي ٿو ۽ شڪرگذار نظرن سان سارا طرف ڏسي ٿو ”مهرباني سارا, توهان جي وڏي مهرباني!“

”مهرباني چوڻ جي ڪابه ضرورت ناهي.“ سارا پنهنجائپ مان گلفام کي دڙڪو ٿي ڏئي.

”منهنجي امانت کي سنڀالڻ ۽ ان کي وڌائڻ جي بدلي ۾, هنن پئسن منجهان ڪجهه حصو مان توهان کي ڏئي سگهان ٿو. پنهنجي مرضيءَ سان ڪڍي وٺو.“ گلفام بريف ڪيس کي پورو کولي, سارا جي طرف ڦيرائي ڇڏي ٿو.

سارا مرڪي پئي ٿي ”نه مون کي پئسن جي ضرورت ناهي.“

گلفام بريف ڪيس بند ڪري, بريف ڪيس ۽ سيونگ سرٽيفڪيٽس وارو لفافو کڻي اٿي بيهي رهي ٿو ”مهرباني سارا, هاڻي مان هلان ٿو.“

سارا جي انتظار جا سترهن سال ڄڻ هماليه جبل جيان هن جي مٿان ڪِرن ٿا, ”پر. . . ڪيڏانهن!“

”پنهنجي زندگي جيئڻ!“ گلفام سرد لهجي سان وراڻي ٿو.

”پر. . . سترهن سال مون توهان جو انتظار ڪيو آهي!“ سارا ڄڻ پهاڙ جو سڄو بوجهه ڪلهن تي کڻي اُٿي بيهي رهي ٿي ”پاڻ کي توهان جي امانت سمجهندي رهي آهيان!“

”مون سترهن سال اڳ واري سارا سان شادي ڪرڻ چاهي هئي!“ گلفام ٻي رخيءَ سان وراڻي ٿو ”انهي سارا سان نه جيڪا اڄ منهنجي سامهون ويٺي آهي ۽ جنهن جي سونهن ۽ جواني سترهن سالن جي وهڪري ۾ لڙهي وئي آهي!“

گلفام سارا جي پاسي مان گذرندو ڊرائنگ روم کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو. ڊرائنگ روم ۾ رهجي وڃي ٿي سارا ۽ سندس سترهن سالن جا سڏڪا.

# مان جلدي مري ويندس

اڌ رات تائين پاسا ورائڻ کان پوءِ مس وجي قمر جي اک لڳي هئي. اجا هو ڪچڙي ننڊ ۾ هو ته پرسان واري ڪمري مان پڙس زور زور سان ڪنگھڻ شروع ڪيو. قمر جي اکين مان وري ننڊ اڏامي وئي، پر هو اکيون بند ڪيو چپ چاپ ليٽيو رهيو. ٿڪاوٽ سبب سندس جسم ساٽو هو. هن چاهيو ٿي ته پڙس جي ڪنگھ جي مسلسل آوازن باوجود جيڪر ڪيس ننڊ اچي وڃي.

ڪنگھ جي لڳاتار آوازن سان گڏ، قمر جي ڪنن تي سندس زال نگھت جو چڙ ڀريو آواز پيو. "سڄو ڏينهن ٿي گھر سان هَڏَ هٽي سمهان، ته رات جا به پهر به آرام جا نٿا ملن!"

قمر نه چاهيندي به اکيون کوليون. پنهنجي پاسي ۾ بيڊ تي نگھت کي متي تي هٿ رکي ويٺل ڏٺائين. زيرو جي روشنيءَ ۾ قمر، زال جي چهري تي ناگواريءَ جا پڌرا آثار ڏسي ورتا. بيحد نرم لهجي ۾ چيائين، "سڪون جي ننڊ ته مان به ناهيان ڪندو نگھت!"

نگھت اجا ڪو جواب ئي نه ڏنو ته بئي ڪمري مان، پيءُ جي ڪنگھ ۾ هيٺو ٽيڙو ٽيڙ جهڙن آوازن سان گڏ، قمر جي ماءُ جي رڙ جڻ ديوارون ڏاري ڇڏيون، "قمر پيءُ ـ او قمر پيءُ!"

قمر پاسو ورائي ليٽي پيو. هن چاهيو پئي تہ پٽس ڪنگهي ڪنگهي پاٽيهي سامت ۾ اچي وڃي، جيئن هو ڪجهہ ڪلاڪ ننڊ ڪري سگهي، پر ان پل ئي زور سان سندس ڪمري جو در کڙڪيو ۽ سندس ماءُ جي رڙ گهر ۾ گونجي اٿي، "قمر۔ او پٽ قمر۔!"

قمر اٿڻ بجاءِ زال ڏانهن ڪنڌ ورائي ڏٺو "نگهت، تون وڃي ڏس."

"ماءُ پيءُ تنهنجا آهن، مان ڪهڙي عذاب مان اچي ڦاٿي آهيان!" نگهت بيزاريءَ مان وراڻيو ۽ ليٽي پيئي.

دروازو زور زور سان کڙڪندو رهيو پيءُ جي مُنجهندڙ کنگهہ جي آواز سان گڏ ماءُ جا سڏ گونجندا رهيا، "ابا۔ او پٽ قمر!"

جڏهن پيءُ جي کنگهہ در جي ٺڪ ٺڪ ۽ ماءُ جا سڏ هن جي برداشت کان چڙهي ويا، تڏهن هو نہ چاهيندي بہ اُٿيو ۽ بيزاريءَ مان در کوليندي چيائين، "ڇا هي امان۔ ڇا ڳالهہ آ؟"

"ابا پٽهين کي الائي ڇا ٿو ٿئي، اصل هٿن مان پيو وڃي" ماٽس روئڻهارڪي آواز ۾ چيو هوءَ سچي پئي پريشانيءَ مان ڏڪي.

"ڪجهہ ناهي امان، بابي کي اهو کنگهہ جو دورو تہ سدائين پيو پوندو آ۔"

قمر هلڪي بيزاريءَ ۽ ٿڪاوٽ مان وراڻيو.

"نہ ابا، اصل ساهہ ٿو منجهيس۔ وارو ڪر، وڃي ڪنهن ڊاڪٽر کي وٺي اچ۔!!" مڙس کان وڌيڪ ڇرڻ حسنا جو پنهنجو ساهہ ٽي ويو.

"رات جا بہ پيا ٽين امان! ڪهڙو ڊاڪٽر ايندو هن مهل!؟" قمر اوٻاسي ڏيندي بيزاريءَ مان چيو.

"اڙي ابا۔ پيءُ جي حالت تہ هلي ڏس۔ ڪجهہ۔ٽي نہ پويس!!" حسنا جي لهجي ۾ گهري ڏک سان گڏ منٿ جو تاثر هو.

"ڇڱو امان، ڏسان ٿو۔ متان ڪو ڊاڪٽر ملي وڃي!" قمر پنهنجي قميص جا ڪليل بٽڻ بند ڪندي وراڻيو.

❊ ❊ ❊

نگهت منجهند جي مانيءَ جي تياري ڪري رهي هئي، تہ حسنا اچي بورچيخاني جو در جهليو "نگهت..."

نگهت ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري پنهنجو ڪم ڪندي رهي.

"او ڏيءَ نگهت!" حسنا جي آواز ۾ منٿ هئي.
"جي!" نگهت، سس ڏانهن ڏسڻ بنا سرد لهجي ۾ وراڻيو.
"راڻي! سُهرئين راتاڪون ڪجهه ناهي کاڌو!" حسنا جا لفظ جڻ هيٺا تي پيا هئا.
نگهت بيزاريءَ مان وراڻيو "مان تہ نٿي ويلا ماني ڪري تي ڏيان!"
"مانيءَ جو تہ اصل گرهہ نڙيءَ مان نٿو لهيس!" حسنا بيحد نرم لهجي ۾ چيو "اهي... بہ ٽي ٻوٽيون ڪُڪڙ جون وجهي، ڪاڙهو ناهي ڏي تہ پيارپانس."
نگهت ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ پنهنجو ڪم ڪندي رهي.
حسنا جي لهجي ۾ منٿ جو سجو تاثر مڙي آيو "راڻي! ناهي تي ڏين نہ...؟"
"هڪڙي ڪم کان تہ واندي ٿيان!" نگهت هلڪي چڙب ۽ بيزاريءَ مان وراڻيو.
"قمر پيءُ اصل هيٺو تي پيو آهي. هاڻي ناهي ڏي نہ!"
"چيم تہ واندي ٿيان تہ ناهي تي ڏيان!" نگهت چڙب سان وراڻيو "چو تي مون کي ڪم کان رنڊائين!!"
"نہ ڏيءَ، مان رنڊايان نٿي- چوين تہ مان پاڻ ناهي وٺان؟"
حسنا پنهنجي ئي گهر ۾ نُنهن کان اجازت طلب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس اهڙي اجازت نہ ملي. نُنهن جو خيال هو تہ ائين ڪرڻ سان بورچيخاني جو خانو خراب ٿي ويندو ۽ حسنا جون اکيون رم جهم ٿي ويون.

❊ ❊ ❊

قمر جي پيءُ شفيق احمد گهر جي لائونج ۾ ئي سانجهيءَ جي نماز پڙهي تہ سندس سهڪو وڌي ويو. نماز کان پوءِ هو ڪا دير تہ مصلي تي ويٺو وڏا ساهہ کڻندو رهيو ۽ پوءِ هڪ هٿ سان مصلو ڪٺندي ٻئي هٿ سان پر سان رکيل صوفا جو سهارو ورتي، ساڳي صوفا تي ويهي رهيو. بہ ڪلاڪ گذرڻ باوجود اتي ئي ويٺو رهيو جڻ سندس بُت مان سَتُ ڇڏائجي ويو هجي. سمهڻيءَ جي نماز جو وقت اچي ٿيو هئس، پر هيٺائيءَ هُن کي اٿڻ ئي نٿي ڏنو. ڊوربيل جي آواز تي هن کي پڪ ٿي تہ قمر آيو هوندو. هن اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر تيسين ايترو وقت گذري ويو، جو نگهت پنهنجي ڪمري مان ٻاهر آئي ۽ در کولڻ هلي وئي.

قمر لائونج ۾ داخل ٿيو ته شفيق احمد مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي پٽ ڏانهن ڏٺو "ابا _ قمر _ دير ڪيئي اچڻ ۾؟"

قمر بيحد ٿڪل حالت ۾، ٽري سيٽر صوفا تي پيءُ جي پاسي ۾ ويهندي وراڻيو "آفيس ۾ اوور ٽائيم ٿو ڪريان بابا، تڏهن ٿو گهر جو خرچ هلي!"

"ها پٽڙا مهانگائيءَ ماڻهن جي چيلهه چِٻي ڪري وڌي آهي!" شفيق احمد، همدرديءَ ۽ شفقت سان پٽ ڏانهن ڏسندي ڪنڌ ڌوڻيو.

انهيءَ پل ئي حسنا لائونج ۾ هلي آئي، "پٽ . . . قمر . . . ڊاڪٽر جيڪي پٺهين جون ٽيسٽون چيون هيون، اُهي ڪڏهن ڪرائيندين ابا!"

قمر هڪ ٿڌو ساهه کڻي سوچ ۾ پئجي ويو.

"پٽ، پٺهين جي طبيعت ڏينهون ڏينهن وڃي ٿي بگڙندي، وڌيڪ سستي ته نه ڪر نا" حسنا ٻيهر ڳالهايو.

قمر ڪنڌ کڻي ماءُ طرف ڏٺو "پر امان، انهن ٽيسٽن جا ته اٺ هزار ٿا لڳن! مون وٽ ته . . . ڪونهن ايترا پئسا!!"

حسنا جي جواب کان اڳ ئي شفيق احمد پٽ جي هٿ مٿان پنهنجو هٿ رکيو. چيائين، "تون ڳڻتي نه ڪر پٽڙا الله ڪندو ته مان پاڻيهي چڱو ڀلو ٿي پوندس."

حسنا فڪر منديءَ مان ويهندي چيو "شفا ته الله ڏيندو پر علاج ته ڪرائڻو آهي نا"

شفيق احمد مرڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، "گهڻائي علاج ٿيا حسنا، هاڻي مٿان ڪنهن ڦڪيءَ ڦوڻي مان ئي فائدو ٿي وڃي!"

"وسان ته اهو به نٿئي گهٽايو". حسنا وراڻيو "وڏي ڊاڪٽر به ته اهوئي چيئي نه ته اڳ ۾ ٽيسٽون ڪراءِ، باقي علاج ئي پوءِ ٿيندئي!"

"ته چا ڪري ويچارو ٻچڙو؟" شفيق احمد فڪرمنديءَ سان چيو "هي به ڪو وڏو آفيسر ته ناهي جو مون تي لک لائيندو وتي!"

قمر ٿڌو ساهه کڻي ماءُ طرف ڏٺو "ها امان _ هاڻي ته ڪٿان قرض به نٿو ملي جو . . ."

"نه پٽ _ نه _" شفيق احمد، قمر جو جملوئي پورو ٿيڻ نه ڏنو "قرض ته پٽ، پاڻ وڏو مرض آهي!"

شفيق احمد پنهنجو هٿ پٽ جي ڪلهي تي رکي، سندس ڪلهي تي زور ڏئي، جڻ پٽ کي آٿت ڏني. جڻ هو پاڻ نه پر سندس پٽ بيمار هجي. قمر کو جواب نه ڏنو ۽ هڪ وڏو ساهه کنيائين ته شفيق احمد صوفا تي ويٺي ويٺي پٽ ڏانهن سري آيو ۽ پٽ جي ڪلهي تي رکيل ٻانهن ۾ پٽ کي پري ورتائين. ”حياتي الائي گهڻا ڏينهن پٽ، تون منهنجي ڪري پاڻ کي قرض جهڙي موذي مرض ۾ نه ڦاسائجان۔!“

تيسين حسنا پنهنجي ٻانهن ۾ پيل ٻن چوڙين مان هڪ لاهي چڪي هئي.

شفيق احمد حيرت ۽ پريشانيءَ مان حسنا طرف ڏسندي چيو ”هي. . . هي. . . تون ڇا تي ڪرين حسنا!؟“

”سون سِرَ کان وڏيڪ ته ناهي!“ حسنا چوڙي قمر طرف وڌائيندي چيو ”وٺ پٽ!“

قمر ماءُ کان چوڙي وٺڻ بجاءِ پيءُ طرف ڏٺو.

شفيق احمد ڏک ۽ ناراضگيءَ مان زال ڏانهن ڏسندي احتجاج ڪيو. ”ناهن ڪرائيون مون کي تيستون، اهي ٻه چوڙيون وچي بچيون اٿئي، سي ٻه تي لاهي ڏين!“

پر شفيق احمد جو احتجاج، ڪنهن فٽ پاٿ تي ڪيل احتجاج جهڙوئي بي اثر رهيو. حسنا چوڙي پٽ جي هٿ تي رکي، سندس هٿ کي پاڻ ئي بند ڪري ڇڏيو.

شفيق احمد زال طرف ڏسندي پنهنجي اکين ۾ اهڙيون لهرون اٿندي محسوس ڪيون، جهڙيون لهرون چانڊوڪي رات ۾ سمنڊ جي ڪنارن سان اچي ٽڪرائبيون آهن.

❊❊❊

قمر کي ماءُ جي چوڙيءَ جا پئسا مليا، ته هُن ڏاڍي فرمانبردار ۽ پيار ڪندڙ پٽ جيان پيءُ جون سموريون تيستون ڪرايون. رپورٽون کڻي ڊاڪٽر وٽ پهتو ته اسپيشلسٽ ڊاڪٽر کيس صلاح ڏني ته هو پيءُ کي علاج خاطر ڪراچيءَ وٺي وڃي. پنجاهه سٺ هزار خرچ جو ٻڌي قمر جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. هو مايوسيءَ جهڙي حالت ۾ گهر پهتو ته سندس ڳالهه ٻڌي شفيق احمد زندگيءَ کان ئي نااميد ٿي ويو.

شفيق احمد شام ڪان ئي وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پيو هو هاڻي اڇي رات جا ٻارنهن وڳا هئا. کٽ تي ليٽيل حالت ۾ سندس نظرون ڇت ۾ کُتل هيون ۽ حسنا ڪافي دير کان سندس پاسي ۾ ويٺي ڪيس زور ڏنا. ٻئي چُپ هيا. ٻنهي ۾ همت نه هئي. مايوسيءَ ۽ انااميدي واري حالت تي ڳالهائڻ لاءِ ڪافي دير کان پوءِ وري به شفيق احمد ئي ڳالهائڻ جو سَتُ ساريو پر زال سان نظرون ملائي نه سگهيو. ڇت ۾ ئي ڏسندي چيائين، "الائجي... گهڻا ڏينهن حياتي حسنا_ جي مان مري وڃان ته..."

حسنا ڪٽي پنهنجو هٿ مڙس جي وات تي رکيو. حسنا جي دل ڇرڻ وڃي پئي، "اهڙي وائي ته وات مان نه ڪيو!"

شفيق احمد پنهنجي وات تان زال جو هٿ هٽائيندي ڏانهس ڏٺو "هي جهان ته هر ڪنهن کي هڪڙي ڏينهن ڇڏڻو آهي نه!"

حسنا جون اکيون آگم تيڻ لڳيون. ڪجهه چوڻ چاهيائين. پر زبان ساٿ نه ڏنس.

شفيق احمد زال جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ورتو "جي مري پوان ته اُتاولي نه ٿجانءِ حسنا_"

حسنا جي اکين جا اوڇتو بند ٽٽا ته به لڙڪ اچي شفيق احمد جي هٿ تي ڪِريا.

"تون روئين ٿي حسنا!" شفيق احمد اُٿي ويهندي، مرڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، "ڇري ٿي آهين ڇا؟ اڃا ته مان جيئرو جاڳندو ويٺو آهيان!"

"ته پوءِ... ڇو ٿو ڪرين اهڙيون ڳالهيون...!" حسنا ٿڌو ساهه کنيو.

"زندگي ته الله جي امانت آهي حسنا_ جڏهن گهرندو تڏهن گهرائي وٺندو."

"تون هليو ويندين، ته ڇا مان هتي ويٺي ڏينهن ڳڻيندس!!" حسنا پنهنجي سُڏڪي کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"صفا ڪا ڇري آهين!" شفيق احمد زال کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، "ٻن پٽن جي ماءُ آهين، تڏهن به ٿي ڳڻتيون ڪرين!"

"الله حياتي ڏئي پٽڙن کي، پر انهن جا حال به ساريا پيا آهن!" حسنا جي آواز ۾ سالن جو ڏک سمائجي آيو.

شفيق احمد فقط هڪ ٿڌو ساهہ کنيو. چاهيندي بہ ڪجهہ چئي نہ سگهيو.

کن پل جي خاموشيءَ کان پوءِ حسنا ڳيت ڏئي جڻ غم جي گلاس کي نڙيءَ ۾ اوتڻ جي ڪوشش ڪئي، ”ڏٺي وڏي چمار ڏئي توکي، نہ تہ توکان پوءِ منهنجو ڪو جيئڻ هوندو ڇا؟“ حسنا جي اندر جو غم اُبڙڪا ڏئي سندس نڙيءَ مان سُڏڪن جي صورت ۾ نڪرڻ لڳو تہ هن پنهنجا ٻئي هٿ ڪٽي منهن تي رکيا.

شفيق احمد زال جا هٿ سندس چهري تان هٽايا، تہ حسنا جا ڳوڙها اُگهڻ کان اڳ ئي پاڻ بہ سُڏڪي پيو. سُڏڪن سبب ڳالهائي نہ سگهيو تہ حسنا کي ڇڪي سندس مٿو پنهنجي سيني تي رکي ڇڏيائين.

”قمر پيءُ! توکان سواءِ تہ منهنجي لاءِ هڪڙو ڏينهن بہ جبل جيڏو ٿي پوندو!“ حسنا، مڙس جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي سُڏڪندي رهي.

❊❊❊

”قمر! تون تہ اهڙي ڳڻتيءَ ۾ ورتل آهين، جڻ توکي ڪو جبل جهاڳڻو هجي!“ نگهت، هر رات جيان سمهڻ کان اڳ، آئيني اڳيان بيهي پنهنجن وارن ۾ برش ڦيرائيندي چيو.

”جبل ئي تہ جهاڳڻو آهي، ڪٿان ڪرايان بابا جو علاج!“ ڊبل بيڊ جي هيڊ بورڊ تي مٿو رکي اڌ ليٽيل حالت ۾ ويٺل قمر ڳڻتيءَ مان وراڻيو.

نگهت هڪ نظر پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺو ۽ پوءِ اُٿي اچي بيڊ جي هڪ طرف ويٺي. کن پل ڪجهہ سوچي، پوءِ قمر طرف ڏٺائين. ”قمر، تو ايترو ڪجهہ تہ ڪيو آهي. ان کان وڌيڪ تون ڪري بہ ڇا ٿو سگهين!“

قمر ٿڌو ساهہ کڻي سڌو ڇت تي ويهي رهيو. ”ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ پوءِ بہ ڪرڻو ئي پوندو نہ“ هن فڪرمنديءَ سان چيو. ”بابا کي ائين ئي بيماريءَ جي بستري حوالي تہ ناهي ڪرڻو!“

”اچا ڇا ڪندين تون؟ تو وٽ هاڻي بچيو ئي ڇا آهي؟“ نگهت تلخيءَ سان وراڻيو.

قمر ڪوبہ جواب نہ ڏئي سگهيو.

نگهت کي ٻيهر ڪجهہ چوڻ جو موقعو ملي ويو. ”جيڪي چار پئسا بچايا هُيئي، اهي تہ سڀ ويا پورا ٿي تنهنجي پيءُ جي بيماريءَ پويان!“

ڪجھ سوچي قمر وراڻيو. ”سوچيان پيو تہ جيڪو فليٽ بُڪ ڪرايو اٿم، اهو ڪينسل ڪرائي ڇڏيان!“

”ڇا. . .!!“ نگهت ڇرڪ ڀري ذري گهٽ ڪائنس رڙ نڪري وئي.

”ها نگهت، ٽيهارو هزار تہ واپس ملي ويندا.“ قمر چيو.

”شابس هجئي!“ نگهت جي لهجي ۾ ڪاوڙ سان گڏ ٽوڪ بہ هئي، ”پيٽ ڪي ڍڪيون ڏئي انيتاليھ هزار جمع ڪراياسين ۽ هاڻي وري ٽيھ هزار وٺي ٽوپاڻ ڪي آجو ڪرين!“

”ٻيو ڪو چارو بہ تہ ڪونهي.“ قمر فڪرمنديءَ سان وراڻيو ”هونءَ بہ هاڻي فليٽ جون وڏيڪ قسطون جمع ڪرائڻ منهنجي لاءِ مشڪل آهن.“

نگهت ڪاوڙ مان ڀڙڪي اُٿي، ”نہ رهندي سانءِ مان سڄي عمر مسواڙي گهر ۾- مون ڏوھ تہ ناهي ڪيو جو ڇهين ٻارهين مهيني هڪڙي مسواڙي جاءِ مان ٽپڙ ڍوئيندي ٻيءَ ۾ رکندي وتان!“

”تون تہ. . . تڪڙ ۾ ڪاوڙجي ٿي پوين!“ قمر هيٺي لهجي ۾ چيو.

”ٻيو تڏهن خوشيءَ مان دُهل وڄايان ڇا؟“ نگهت هٿ لوڏيندي چيو.

”تہ پوءِ تون ئي ڪا صلاح ڏي، تہ ڇا ڪريان مان؟“ قمر ڇڻ مُنجهي پيو هجي.

نگهت ڪي لمحا خاموش رهي. انهن خاموش لمحن ۾ هن پاڻ کي ذهني طور جاڳيتو ڪيو. لهجي کي نرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، ”مان توکي صلاح تہ ڏيان، پر تون مڃيندين ڪونہ!“

”تون چئہ تہ سهي!“ قمر ٿڌو ساھ کنيو.

”تون. . . تون پنهنجي پيءُ کي. . .“ نگهت ڏاڍي نرم لهجي ۾ چيو ”پنهنجي وڏي ڀاءُ ڏي ڪراچيءَ موڪلي ڇڏ. . .“

قمر ڪوبہ جواب نہ ڏنو. مُنجهي پيو.

نگهت کي موقعو ملي ويو پنهنجي صلاح کي وڌيڪ وزن ڏيڻ جو ”ڊاڪٽر بہ تہ اهائي صلاح ڏني آهي نہ!“

قمر وڏيڪ مُنجهي پيو.
اوچتو بجلي بند ٿي وئي، ڪمرو اوندهه ۾ ٻڏي ويو.

❋ ❋ ❋

قمر ناشتو ڪري رهيو هو پر بي دليءَ سان، چپ چاپ. فڪرمند سندس سامهون ماءُ ۽ پيءُ ويٺل هئا. قمر جي فڪرمنديءَ کي ٻنهي محسوس ڪري ورتو هو ۽ ٻنهي ڄاتو ٿي ته سندن پٽ کهڙي ڳڻتيءَ ۾ آهي. شفيق احمد ته ڪا به ڳالهه ڪري موضوع کي کولڻ نٿي چاهيو پر حسنا کان رهيو نه ٿيو "ڇو پٽ، مُنجهيل ٿو لڳين؟"

"نه امان، ڪجهه ناهي." قمر ڇڻ وڌيڪ ڳالهائڻ نٿي چاهيو.

انهيءَ پل ئي نگهت قمر لاءِ چانهه جو ڪپ کڻي اندر آئي، ته حسنا به نُنهن جي سامهون وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهايو.

نگهت چانهه جو ڪپ قمر جي اڳيان رکيو ته قمر نگهت ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ئي چيو "نگهت، ڪجهه پئسا ته آهي ڏي"

نگهت بيٺي بيٺي ئي سرد مهريءَ سان پڇيو "ڇا لاءِ؟"

"بابا لاءِ دوائون وٺيون آهن." قمر هيٺي لهجي ۾ وراڻيو.

حسنا پٽ ڏانهن ڏسندي هڪدم ڳالهايو سندس لهجي ۾ ڇڻ منٿ هئي، "ها پٽ، پڻهين لاءِ رات وارين دوائن جو وزن به ڪونه هيو!"

قمر ڪنڌ ورائي زال ڏانهن ڏٺو پر جيسين هو ڪجهه چوي، نگهت ڇٽي ڏنو "مون وٽ ته پئسا آهن ئي ڪونه"

نگهت جي لهجي ۾ ڪوڙ جي واضح جهلڪ هئي. قمر به ڄاتو ته شايد نگهت ڪوڙ ڳالهايو آهي، پر هُن پيءُ ماءُ جي سامهون زال تي ڏِڪ رکڻ ئي مناسب سمجهيو. چيائين، "پر نگهت، ڪجهه پئسا هيا ته سهي!"

"ختم ٿي ويا." نگهت بي رخيءَ سان وراڻيو.

"پر – ڪيئن؟ ڇا ۾ ختم ٿي ويا؟" قمر وري به کُلي نه ڳالهايو.

"گهر جو گاڏو ڏڪي ٿابي تي ڪونه پيو هلي!" نگهت ڪاوڙمان وراڻيو.

تلخيءَ جي انديشي سبب، بيمار پيءُ علاج تان ئي هٿ کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو "پٽ قمر، دوائون نه کاڌم ته به خير آ. گهڻيون ئي دوائون کاڌيون اٿم، هاڻي ته دل ئي نه پئي چوي!"

پيءُ جي ڳالهه سان قمر ٿورڙي ندامت محسوس ڪئي، پر ندامت جي اظهار بجاءِ هن هڪ نظر نگهت ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ چانهه جو ڪپ کڻي ورتو.

شفيق احمد پنهنجي کنگهه روڪڻ جي ڪوشش ڪندي نُنهن ڏانهن ڏٺو "نگهت! ڏيءَ، تون بہ سچ ٿي چوين. گهر هلائڻ ڪو سؤلو ڪم ناهي بابا!"

"مان ڏسان ٿو وٺي ايندس ڪجهہ دوائون". قمر اُٿندي چيو.

حسنا همدرديءَ سان پٽ ڏانهن ڏٺو. چيائين، "ابا، مون وٽ بہ سؤ ربيا پيا آهن. اُهي آڻي ڏيانءِ؟"

"نہ امان!" قمر وڏيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهيو ۽ ٻاهرين در طرف وڃڻ لڳو.

شفيق احمد گهر کان ٻاهر ويندڙ پٽ طرف ڏسندي، چپن ئي چپن ۾ ڪا دعا پڙهي، ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. ڪيس لڳو جڻ سندس ڪنڌ زندگيءَ جي بار سبب جهڪي پيو هجي.

❊❊❊

رات جو انين وڳي، ڊور بيل جي آواز تي نگهت پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتي تہ هُن ڏٺو سندس سس اڳ ئي در کولڻ لاءِ اڳتي وڌي ويئي هئي. نگهت پنهنجي ڪمري جي در وٽ ئي بيهي رهي.

قمر لائونج ۾ آيو تہ سندس هٿ ۾ بہ شاپنگ بيگس هيون. هن هڪ شاپنگ بيگ ٽيبل تي رکي، ۽ ٻي شاپنگ بيگ ۾ هٿ وجهي، سامان جي وچ مان دوائن جو لفافو ڪڍي ماءُ ڏانهن وڌايو تہ حسنا جي وات مان بي اختيار دعا نڪري وئي، "الله وڌائيندئي پٽ، شل ڪو سوواءُ نہ لڳندئي۔"

"امان، في الحال ٻن ڏينهن جون دوائون آهن۔ باقي وري پوءِ" قمر ٿڪل آواز ۾ چيو.

نگهت پنهنجي ڪمري جي در وٽان ئي تير هلايو "پوءِ تہ سيڌو بہ ٻن ڏينهن جوئي آندو هوندئي!"

"ها۔" قمر وڌيڪ ڪجهہ ڳالهائڻ ئي نٿي چاهيو.

نگهت پيو تير هلائڻ ۾ بہ دير ئي نہ ڪئي، "اڳي تہ سڄي مهيني جو سامان گڏ ايندو هو ۽ هاڻي ٽڪي ٽڪي جي شيءِ ٿي گهر ۾ اچي!"

"تہ ڇا ڪيان مان!" قمر اوچتو رڙ ڪئي، جڻ هو ڦاٽي پيو ڪاوڙ مان، "چوري ڪيان. . . ڌاڙو هڻان. . . ڪٿان پوري ڪيان؟"

نگهت ته ڪاوڙ منجهان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي وئي، پر حسنا پٽ طرف ڏنو ته حسنا جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. جو هن قمر کي ڪڏهن به ائين پريشان نه ڏٺو هو جيئن سندس حالت اڄ هئي. حسنا جا هٿ ڇاهيندي به دوائن جي لفافي کي سنڀالي نه سگهيا. لفافو زمين تي ڪِريو ته گوريون فرش تي پکڙجي ويون. حسنا هيسيل هرڻيءَ جيان، پٽ طرف ڏسندي فرش تان گوريون ميڙڻ ويٺي ته قمر سندس پرسان ويهي گوريون ميڙڻ ۾ ماءُ جي مدد ڪرڻ لڳو. پر ويجهو ويٺل هوندي به حسنا کي لڳو ڄڻ سندس پٽ پري هجي. گوريون ميڙيندي، حسنا نه چاهيندي به، دل تي پٿر رکي چئي ڏنو "پٽ، پيءُ کي پل تون پنهنجي وڏي ڀاءُ ڏانهن ڪراچيءَ موڪلي ڇڏ!"

❊ ❊ ❊

"آءِ ايم سوري نگهت!" قمر، ڊبل بيڊ تي ٻئي طرف منهن ڪري ستل ناراض زال کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

نگهت ڪوبه جواب نه ڏنو.

"مون کي توسان ائين نه ڳالهائڻ گهربو هو!" قمر جي لهجي ۾ ندامت هئي.

نگهت وري به جواب نه ڏنو. ٻئي طرف منهن ڪيو ستل رهي. قمر سندس ڪلهي مٿان هٿ رکيو. "پليز نگهت هاڻي ناراضگي ختم ڪر نه!"

"ڪهڙو فرق ٿو پوي منهنجي ناراضگيءَ سان!" نگهت پاسو ورائڻ کان سواءِ وراڻيو.

"چو نٿو فرق پوي نگهت..." قمر پيار سان چيو "پر ڇا ڪيان مان به... بابا جي بيماريءَ ٿڪائي وڌو آهي."

نگهت ٻئي طرف منهن ڪري ئي ستل رهي، "تڏهن به... منهنجي صلاح ته ڪونه ٿو مڃين تون!"

"شايد تو نيڪ ئي چيو هو." قمر ٿڌو ساهه کڻي ٿڪل انداز سان چيو "بابا کي ادا ڏانهن ڪراچيءَ موڪلڻ ئي بهتر ٿيندو."

نگهت پاسو ورائي قمر طرف ڏٺو.

”پر نگهت۔“ قمر پنهنجي ٻانهن نگهت مٿان رکندي چيو ”مون وٽ تہ هاڻي ڪرائي جيترا پئسا بہ ناهن، جو بابا کي ڪراچيءَ روانو ڪري سگهان!“

نگهت، قمر جو هٿ پڪڙي مُرڪي پئي ”مون وٽ آهن نہ تون ڇو ٿو ڳڻتي ڪرين!“

”پر صبح ئي تو چيو هو تہ تو وٽ پئسا بلڪل ڪونهن!“ قمر ٿورو حيرت سان چيو.

”ٽي چار هزار تہ آهن. مڙئي ڏکئي وقت لاءِ بچائي رکيا هئم.“ نگهت مرڪي پئي.

قمر ٿڌو ساهہ کنيو جڻ سندس ذهن تان ڪو وڏو بار لهي ويو هجي، ۽ هن مرڪي زال کي پيار مان ياڪر ۾ ڀري ورتو.

❊❊❊

حسنا، سوٽ ڪيس ۾ ڪپڙا ۽ ٻيون ضروري شيون رکي، شفيق احمد ڏانهن ڏٺو. چيائين، ”ڪجهہ رهيو تہ ڪونہ؟“

”تنهنجي هٿن مان ڪا شيءِ ڪيئن رهندي حسنا!“ شفيق احمد مرڪي ورائيو ”ڪيڏو خيال رکندي آهين منهنجو!“

”تون بہ پنهنجو خيال رکجانءِ ڪراچيءَ ۾.“ حسنا سوٽ ڪيس بند ڪندي اُداسيءَ مان چيو.

شفيق احمد ٿڪي مرڪ سان ورائيو ”ها ڇري، تون ڇو ٿي اُلڪو ڪرين!“

حسنا، شفيق احمد جي سامهون واري کٽ تي سوٽ ڪيس جي پرسان ويهي رهي، ”توکي ائين اڪيلو ڪراچيءَ ويندي ڏسي هانءُ ٿو ڇڄي!“

”ڇو ڀلا، ڇريو ڪريو آهيان ڇا!“ شفيق احمد چرچي واري انداز سان چيو ”ڇڱو ڀلو مڙس ماڻهو آهيان.“

حسنا جون اکيون وسڻ جا ويس ڪرڻ لڳيون.

”ڇري نہ ٿيءُ، اڳي جو آڏيءَ مانجهيءَ هليو ويندو هيس۔!“ شفيق احمد، حسنا کي دلداري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

”تڏهن ٻي ڳالهہ هئي،“ حسنا ڏک منجهان چيو ”هاڻي بيماريءَ توکي نهوڙي ڇڏيو آ.“

”بس تون دعا ڪجانءِ. مان چڱو ڀلو ٿي جلدي موٽي ايندس.“ شفيق احمد مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي وراڻيو پر سندس مرڪ حسنا جي لڙڪن تي بند ٻڌي نه سگهي. حسنا جا چپ پيڪوڙجي ويا.

شفيق احمد اٿي اچي حسنا جي پرسان ويٺو. سندس ڪلهي تي هٿ رکندي ڏک ۽ پيار منجهان چيائين، ”اُباڻڪي ٿي پيئي آهين؟“

حسنا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. سندس اکيون جڻ ساوڻي ءِ جون سهيليون ٿي پيون.

”ائين ته نه ڪر حسنا!“ شفيق احمد جو لهجو به رونگهارڪو ٿي ويو ”نه ته مان ڪيئن رهي سگهندس توکان سواءِ!“

حسنا پوتيءَ جي پلاند سان پنهنجا ڳوڙها اگهي ورتا. ۽ پنهنجي ٻانهن ۾ پيل آخري چوڙي لاهڻ لڳي.

”هي... هي تون ڇا ٿي ڪرين؟“ شفيق احمد حيرت سان چيو.

حسنا ٿڌو ساهه کڻندي وراڻيو ”هجئي... متان علاج لاءِ...“

شفيق احمد حسنا جو جملو پورو ٿيڻ کان اڳ ئي پنهنجو هٿ حسنا جي ٻانهن تي رکي چوڙي لهڻ کان روڪي ورتي، ”چري ٿي آهين ڇا، آفتاب چڱي ڀلي نوڪريءَ وارو آهي.“

”چڱو ڪونه ٿي لاهيان چوڙي“ حسنا پنهنجي ٻانهن شفيق احمد جي هٿ مان ڇڏائي، وهاڻي هيٺان رکيل سَوَ سَوَ جا به نوٽ کڻي شفيق احمد جي کيسي ۾ وڌا.

”ڇا ڪندس مان اِهي؟“ شفيق احمد حيرت مان پڇيو.

”هجنئي، مانيءَ ٽڪر نه وٽئي ته فروٽ وٺي کائجانءِ.“ ائين چوندي حسنا پنهنجي سڏڪي کي روڪي نه سگهي، ۽ شفيق احمد حسنا کي ياڪر ۾ ڀريندي پنهنجا لڙڪ نه روڪي سگهيو.

❊❊❊

ڪراچيءَ جي ڪينٽ اسٽيشن تي شفيق احمد پنهنجي وڏي پٽ آفتاب کي ياڪر ۾ ڀريو ته ڄڻ سندس اڌ بيماري دور ٿي وئي.

آفتاب قليءَ کان سوٽ ڪيس ڪڍايو ۽ پاڻ ٽڪل پيءُ کي سهارو ڏئي اسٽيشن ٻاهران بيٺل پنهنجي ڪار ۾ اچي ويهاريو. ڪار اسٽارٽ ڪندي هن پيءُ کان پڇيو ”پنهنجي شهر ۾ به ته وڏا ڊاڪٽر آهن بابا، اتي علاج نه ٿي سگهيو ڇا؟“

”اتان جي وڏن ڊاڪٽرن ئي تہ ڪراچيءَ جي صلاح ڏني پٽ“ شفيق احمد ڪار ڊرائيو ڪندڙ پٽ جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

ڪي پل خاموشيءَ سان ڊرائيو ڪرڻ ڪان پوءِ آفتاب پڇيو ”قمر علاج لاءِ توهان ڪي ڪجهہ پئسا ڏنا آهن؟“

”نہ ابا, هو تہ ويچارو پاڻ قرضن ۾ ورتو پيو آهي!“ شفيق احمد ڪي فڪر ورائي ويا.

”پلا توهان وٽ تہ ڪجهہ پئسا هوندا نہ بابا؟“ آفتاب ٿورڙو هٻڪي پڇيو.

”مون وٽ تہ سڪتا بہ سوءَ آهن پٽ“ شفيق احمد ڳيت ڏيندي وراڻيو ”اهي بہ هلڻ مهل تنهنجي ماءُ منهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيا هئا!“

آفتاب ٿڌو ساهہ کنيو ۽ خاموشيءَ سان ڊرائيو ڪندو رهيو.

شفيق احمد پٽ جي پريشانيءَ کي محسوس ڪندي مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي, ”پٽ! جي تنهنجو هٿ تنگ آهي, تہ بہ ڳڻتيءَ جي ڳالهہ ناهي, مڙئي بہ ٽي ڏينهن توسان گڏ رهندس تہ بہ نوينو تي هليو ويندس.“

آفتاب ڪوبہ جواب نہ ڏنو. خاموشيءَ سان ڊرائيو ڪندو رهيو.

”علاج جو مڙئي خير آهي پٽ“ شفيق احمد پٽ جي ڪلهي تي زور ڏيندي پيار سان چيو ”مان تہ مڙئي تنهنجي ڪري ڪراچيءَ هليو آيس. باقي دوائن تہ مون کي بيزار ڪري وڌو آهي!.“

”نہ بابا_ علاج تہ ڪرائڻو ئي پوندو.“ آفتاب ٿڌو ساهہ کڻي وراڻيو.

***

شفيق احمد پنهنجي وڏي پٽ آفتاب جي گهر ۾ داخل ٿيو تہ سندس ستن سالن جو پوٽو احساس ڊوڙندو اچي کيس چنبڙيو ”ڏاڏا اچي ويو. . . ڏاڏا اچي ويو“

شفيق احمد مرڪي, احساس کي هنج ۾ کڻي چُمي ڏني, ”ها يار غلام الله, ڏاڏي سڪ لڪي هئي تنهنجي!“

آفتاب باٿ روم وڃڻ جو چئي پنهنجي ڪمري طرف هليو ويو. شفيق احمد پوٽي کي ياڪر ۾ پري صوفا تي ويهي رهيو. احساس, ڏاڏي جي چهري ۾ نهاريندي, معصوميت مان پڇيو ”ڏاڏا, منهنجو نالو تہ احساس آهي. توهان سدائين مون کي غلام الله چو چوندا آهيو؟“

”توتي احساس نالو رکيو هو تنهنجي ماءُ“ شفيق احمد مرڪي احساس کي چمي ڏيندي چيو ”مون توتي پنهنجي ابي جو نالو رکيو هو غلام الله!“

انهيءَ لمحي ئي شفيق احمد جي نُنهن ماه جبين لائونج ۾ داخل ٿيندي رسمي اندازسان "اسلام عليڪم انڪل!" چيو.

شفيق احمد پنهنجي وڏي نُنهن طرف ڏسي مُرڪي پيو. "وعليڪم اسلام ڌيءَ، خوش آهين نه؟"

"جي." ماه جبين سرد مهريءَ وارو مختصر جواب ڏئي، احساس طرف ڏٺو. "احساس! پهرين وڃي پنهنجو هوم ورڪ ختم ڪيو."

احساس کي نه چاهيندي به ڏاڏي جي شفقت ڀرئي هنج مان اٿڻو پيو. شفيق احمد کي لڳو جڻ سندس هنج نه اندر خالي ٿي پيو هجي. پر هن مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي ماه جبين ڏانهن ڏٺو ۽ اُٿندي چيائين، "حسنا انتظار ۾ هوندي، ٻڌائي ڇڏيانس ته خير سان هتي پهچي ويو آهيان."

ٽيليفون تي نمبر ڊائل ڪندي شفيق احمد پهريون دفعو پنهنجو هٿ ڪنبندي محسوس ڪيو.

❊❊❊

آفتاب گيسٽ روم ۾ ڪجهه دير ٻيءَ سان ويهي پنهنجي بيڊروم ۾ موٽيو ته ماه جبين کي ڪنهن سوچ ۾ گم ڏٺائين. هو ماه جبين جي ڀرسان اچي وينو "ڇا پيئي سوچين جبين؟"

"هون!" ماه جبين جڻ آفتاب جي ڳالهه نه ٻڌي هجي.

"ڪهڙي سوچ ۾ گُم آهين!؟" آفتاب وري پڇيو.

"نه . . . ڪجهه نه ـ" ماه جبين لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي.

آفتاب ڊبل بيڊ جي سائيڊ ٽيبل تان اخبار کڻي سولو ٿي ويهي رهيو.

"آفتاب!" ماه جبين ڪجهه سوچيندي پڇيو. "انڪل ڪيترا ڏينهن هتي رهندو؟"

"خبر ناهي." آفتاب اخبار اُٿلائيندي چيو. "اهو ته سندس ٽريٽمينٽ تي ڊپينڊ ٿو ڪري"

"ماٺهو علاج لاءِ پنهنجا پئسا ته کڻي ايندو آهي. انڪل ته خالي کيسا کڻي اچي لٿو آهي!" ماه جبين شڪايتي انداز مان چيو.

"ڇا بابا جو مون تي ڪو به حق ناهي!؟" آفتاب اخبار هڪ طرف رکندي چيو.

"نه نه ـ منهنجو اهو مطلب ناهي، پر . . ." ماه جبين جملو اڌورو ڇڏي ڏنو.

”پر ڇا. . .؟“ آفتاب پڇيو.

”ڪافي عرصي کان سوچيم پئي تہ-“ ماه جبين چيو ”گهر جو ڪجهہ فرنيچر چينج ڪنديس. پر لڳي ٿو تہ سڄي سيونگ تہ هاڻي انڪل جي علاج تي خرچ ٿي ويندي!“

”ها، شايد-“ آفتاب مختصر جواب ڏنو.

”تہ پوءِ. . .“ ماه جبين هلڪي ناراض لهجي ۾ چيو ”فرنيچر ڪڏهن تبديل ڪنداسين!؟“

آفتاب تيز نظرن سان ماه جبين کي ڏٺو ”بابا جي اهميت ڪنهن ميز ڪرسيءَ يا صوفا سيٽ جيتري بہ ناهي ڇا؟“

ماه جبين ڪوبہ جواب نہ ڏنو. آفتاب پرسان پيل اخبار کڻي مروٽي ڇڏي.

❊ ❊ ❊

آفتاب ٽن هفتن تائين ڪراچيءَ جي وڏين اسپتالن مان بيمار پيءُ جو ڏاڍو مهانگو علاج ڪرايو ۽ سندس سيونگ پوري ٿي وئي. تڏهن هڪ صبح جو ناشتو ڪندي هن زال سان ئي پنهنجي پريشانيءَ کي ونڊيو ”پئسا تہ سڀ ختم ٿي ويا ماه جبين، پر بابا جو علاج ختم ئي نٿو ٿئي!“

”تہ پوءِ ڇا ڪندؤ هاڻي؟“ ماه جبين ڪنهن صلاح بجاءِ سوال ڪري ورتو.

”سوچيان پيو. . . آفيس مان ڪجهہ ايڊوانس وٺي ڇڏيان.“

”هاڻي توهان جي پوري پگهار بہ گهر ۾ نہ ايندي!“ ماه جبين ناراضگيءَ سان چيو.

”ڇا ڪيان، مجبوري آهي!“

”پر آفتاب! توهان کي پنهنجي گهر جي مجبورين جو تہ خيال ئي ناهي!“ ماه جبين ڪجهہ وڏي آواز سان ڳالهايو.

”پليز. . . پليز ماه جبين! ايترو زور سان تہ نہ ڳالهاءِ بابا نہ ٻڌي وٺي!“

”توهان کي اندازو آهي، تہ مان ڪيئن ٿي گهر جو خرچ هلايان؟“

آفتاب ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ناشتو اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين.

ماه جبين ناراض لهجي ۾ چيو ”جيڪڏهن توهان جي پگهار مان پئسا ڪٽجي مليا، تہ پوءِ گهر جو خرچ بہ پاڻ هلائجو!“

”اوڪي- نٿو وٺان ايڊوانس.“ آفتاب، ماه جبين جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهيلندي ورائيو ”پر پليز جبين! تون ناراض تہ نہ ٿيءُ!“

✼✼✼

شفيق احمد، رات جو روزانو پٽ جي انتظار ۾ لائونج ۾ ويٺل رهندو هو ۽ ساڻس بہ چار ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ گيسٽ روم ۾ وڃي سمهي پوندو هو. عام طور تي آفتاب رات جو انين وڳي تائين اچي ويندو هو. پر اج ڏهين وڳي تائين هو نہ آيو تہ شفيق احمد فڪرمنديءَ سان نتهن کان بہ تي دفعا دير جو سبب پڇيو. هر دفعي کيس اهوئي مختصر ۽ سرد مهريءَ وارو جواب ٻڌڻو پيو "اج ڪو ضروري ڪم آهي آفتاب کي، دير سان ايندو." ۽ جڏهن وڏيڪ دير ٿيڻ سبب، هن گهڻو ٿڪ ۽ ڪمزوري محسوس ڪئي تہ اُٿي گيسٽ روم ۾ هليو ويو. چيلهہ سڌي ڪرڻ خاطر کٽ تي ليٽي اکيون بند ڪيائين تہ حسنا جو تصور سندس اکين ۾ لهي آيو. ڪيترن ڏينهن جي دوريءَ سبب، حسنا جو تصور اج هن لاءِ ايترو حسين هو جو ماه جبين مانيءَ لاءِ اچي کيس سڏيو تڏهن بہ هن اکيون نہ کوليون.

ماه جبين، شفيق احمد کي ننڊ پيل سمجهي واپس هلي وئي. ڪجهہ دير کان پوءِ معصوم پوٽي احساس ۽ نتهن ماه جبين جا آواز شفيق احمد جي ڪنن تائين پهتا:

"امي۔ توهان مون سان وعدو ڪيو هو تہ مون کي اسڪوٽي بائيڪ وٺي ڏيندا."

"ها جاني، وعدو تہ ڪيو هو۔"

"تہ پوءِ . . . وٺي ڏيو نہ امي!"

"في الحال تہ ممڪن ناهي جاني."

"امي . . . ڪڏهن وٺي ڏيندؤ؟"

"خبر ناهي."

"چو امي . . . چو خبر ناهي؟"

"ان ڪري تہ سيئي پئسا تنهنجي ڏاڏا جي بيماريءَ تي خرچ ٿي ويا آهن!"

"تہ پوءِ امي . . . ڪڏهن ملندي مون کي بائيڪ؟"

"جڏهن . . . جڏهن تنهنجو ڏاڏا مري ويندو تڏهن!"

"تہ پوءِ . . . ڪڏهن مرندو ڏاڏا؟"

شفيق احمد جي دماغ ۾ ڄڻ ائٽم بم جو ڌماڪو ٿيو. سندس محبتن سڄو شهر ڄڻ ناگاساڪي ٿي ويو. پر ردعمل ۾ هن کان نڪتو فقط هڪ

شوڪارو ۽ ٽوڙريون آليون ٽيون سندس اکيون. ڪيتري ئي دير تائين هو پنهنجي پڻ ٽيو پيو رهيو ۽ پوءِ ڪمزوريءَ باوجود هن پنهنجي جسم جي سڄي طاقت گڏ ڪئي. ڪي لمحا سوچڻ کان پوءِ اُٿيو ۽ پنهنجا ڪپڙا ۽ ٻيون شيون کڻي سوٽ ڪيس ۾ وڌائين. سوٽ ڪيس جي زپ بند ڪندي سندس نظر دروازي ڏانهن کڄي وئي. دروازي ۾ بيٺل ننڍڙو احساس مايوس نظرن سان کيس گهوري رهيو هو.

شفيق احمد جون ٽوڙڙيون آليون اکيون، وڏيڪ آليون ٿي ويون. هو دروازي ڏانهن وڌيو. دروازي ۾ بيٺل معصوم پوٽي کي هنج ۾ کنيائين ته سندس دل ڀرجي آئي. پوٽي کي چُمي ڏيندي چيائين، ”مان. . . مان تمام جلدي مري ويندس پٽ!“

”پر ڏاڏا، فلمن ۾ ته ماڻهو گوليءَ سان مرندا آهن.“ احساس معصوميت سان چيو ”توهان کي ته ڪجهه به ناهي ٿيو!“

”ماڻهو فقط گوليءَ سان ناهن مرندا پٽ!“ شفيق احمد پنهنجي اکين کي ڇُلڪڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ”ڪڏهن ڪڏهن. . . لفظ به ماڻهوءَ کي ماري وجهندا آهن!“

احساس پنهنجن ننڍڙن هٿن سان ڏاڏي جا ڳوڙها اُگهيا. •

شفيق احمد پوٽي کي ڀاڪر ۾ ڀري، ڪنهن ٻارڙي جيان سُڏڪا ڀريندو رهيو.

---

# مِسڊ ڪال

اُهو هڪ نيم ويران رستو هو جنهن تي فقط هڪ سُپر اسٽور ڪان سواءِ اهڙي ٻي ڪابہ جاءِ نہ هئي، جتي ماڻهن جي اچ وڃ هجي. هُو ويران رستي جي فوٽ پاٿ تان هلندو جيئن ئي سُپر اسٽور جي ويجهو پهتو تہ پويان ڪان هڪ ڪار آئي، ۽ اُها ڪار سُپر اسٽور جي سامهون اچي بيهي رهي. هُو ايجا ٿوري فاصلي تي هو. هُن ڪار جي ڊرائيونگ سيٽ تان نوجوان ڇوڪريءَ کي لهندي ڏٺو. ڪار مان لهڻ ڪان پوءِ پُنيري پينل ڇوڪري پنهنجي ڪار جي ڊيش بورڊ تان ڪجهہ کڻي رهي هئي. لهندڙ سج جي هلڪي روشنيءَ ۾، ويران رستي تي اڪيلي ڇوڪري کيس آسان شڪار نظر آئي. هن پنهنجن قدمن جي رفتار وڌائي ڇڏي. ڇوڪري پنهنجي ڪار مان پرس کڻي ڪار جو دروازو بند ڪيو تہ هُو سندس مٿان وڃي پهتو. هن شرٽ ۾ اندر هٿ وجهي، جينز جي بينٽ ۾ قاتل روالور ڪڍي ورتو. ڇوڪريءَ ڇرڪي هن ڏانهن ڏٺو تہ هن ڇوڪريءَ کي ڌمڪيءَ جهڙو خاموش رهڻ جو اشارو ڏنو، سندس هٿ مان پرس ڦُري ورتي. ڇوڪري سندس هٿ ۾ روالور ڏسي، دهشت مان چُپ چاپ هن ڏانهن ڏسندي رهي. هن هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، ڇوڪريءَ جي پرس ۾ پيل هزارين روپيا ۽

موبائل فون ڪڍي ورتي، ۽ ميڪ اَپ جي سامان سميت خالي پرس ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ واپس ڏئي ڇڏيائين. ڇوڪريءَ جي انتهائي خوبصورت ڇهري ڏانهن ڏسندي کيس ٿورو افسوس بہ ٿيو. سو چيائين، 'ايڏي حسين ڇوڪريءَ کان ڦُر نہ ڪرڻ گهرجي.' پر ٻئي لمحي ئي هن پاڻ کي سنڀالي ورتو تہ حُسن جي جار ۾ قاسي ڪٿي هُو پوليس اسٽيشن نہ پهچي وڃي. انهيءَ لمحي ئي کيس پوليس جا اڳ کاڌل موچڙا ياد اچي ويا. هن ڇوڪريءَ جي حسن کي نظرانداز ڪري، روالور ڇوڪريءَ جي ڪُڪ تي رکي، سخت لهجي ۾ کيس ڌمڪي ڏني، "جيسين مان هن رستي جي موڙ تان ٻئي پاسي نہ هليو وڃان، تيسين چُپ چاپ اِتي ئي ويٺي رهجانءِ."

ڇوڪريءَ جا چَپ ڪنبڻ لڳا. دهشت مان ها ڪار سان ڪنڌ لوڏي ڇڏيائين.

هن روالور سان ڇوڪريءَ جي ڪُڪ تي زور ڏنو "۽ ها، جيڪڏهن گوڙ ڪيئي، يا منهنجو پيڇو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيئي، تہ هي روالور مون فقط ڏيکارڻ لاءِ ناهي رکيو."

ڇوڪريءَ جو ساهہ سُڪي ويو. ها ڪار سان ڪنڌ لوڏي چُپ ويٺي رهي.

هن ڇوڪريءَ کان ڦُر ڪيل هزارين روپين جا نوٽ ۽ موبائل فون اُتي ئي ڪار جي اوٽ ۾ ويٺي ويٺي پنهنجي پينٽ جي کيسي ۾ وڌا ۽ روالور شرٽ اندر هٿ وجهي واپس پينٽ جي بيلٽ ۾ قاسائي ڇڏيو. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي پڪ ڪيائين. اِها سڄي واردات ڪندي ڪنهن بہ کيس نہ ڏٺو هو. هُو ڇوڪريءَ جي پاسي مان گذري تڪڙو تڪڙو اڳتي نڪري ويو. موڙ تائين پهچڻ کان اڳ، ٻہ ٽي دفعا پوئتي ڪنڌ ورائي ڏٺائين. ڇوڪري خاموشيءَ سان پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺي هئي. هُو ڏاڍي سُڪون سان موڙ وٺي تان اُڪري مين روڊ تي پهچي ويو. مين روڊ تي تيز قدمن سان هلندي هن ڪنهن سواريءَ لاءِ واجهايو جيئن جلدي اُتان نڪري وڃي. پويان ايندڙ خالي ٽيڪسيءَ کي هٿ جي اشاري سان روڪيائين. ٽيڪسيءَ جي ويهڻ شرط هُو تيزيءَ سان ٽيڪسيءَ جي پوئين سيٽ تي ويٺو ۽ ڊرائيور کي منزل ٻُڌائڻ بجاءِ سِڌو هلڻ جو چيئي. ٽيڪسيءَ جي بئڪ اسڪرين مان پوئتي ڏٺائين. کيس يقين ٿي ويو تہ سندس پيڇو نہ پيو ڪيو وڃي. سڪون جو ڊگهو ساهہ کڻي هن پينٽ جي کيسي مان موبائل فون ۽ نوٽ ڪڍي ورتا. چاليهہ هزار روپيا روڪ هٿ اچي وڃڻ جي خوشيءَ سان گڏ.

غور سان موبائل فون کي ڏٺائين تہ حيران رهجي ويو. سندس هٿ ۾ انتهائي قيمتي موبائل فون هئي. اهڙي قيمتي سيل فون اڄ تائين هن کي ڪنهن بہ ڦُر ۾ هٿ نہ آئي هئي. اهو سوچي هو مُرڪي پيو تہ 'اڄ پنهنجي غريب محبوبا کي شاندار ڊنر ڪرائڻ کان پوءِ شاپنگ بہ دل تي ڪرائيندو ۽ ڦُر ڪيل اها قيمتي موبائيل بہ تحفي طور کيس ڏيئي ڇڏيندو.'

اسٽريٽ ڪرائيم هن جو ڌنڌو هو. شهر جي گهٽين رستن تان گن پوائنٽ تي ڦُر ڪرڻ هن جو روز جو ڪم هو. اڪثر ڪري هُو ۽ سندس تي دوست گڏجي ٻن موٽر سائيڪلن تي نڪرندا هيا ۽ ٻن چئن ڪلاڪن ۾ ٻہ ٽي وارداتون ڪري ڏهاڙي ڪڙي ڪري وٺندا هيا. گروپ ۾ هٿيار ڪري ڦُرجندڙ ساٿن اڪثر ڪري مزاحمت بہ نہ ڪندا هيا، پر جيڪڏهن ڪنهن مزاحمت ڪئي، تہ هٿيار چئني وٽ استعمال ڪرڻ لاءِ ٺئي هوندا هيا.

گڏريل ڇهن مهينن کان هُو اُن گروپ جو حصو هو. هنن گڏجي ايترين تہ وارداتون ڪيون هيون، جن جو تعداد بہ هاڻي کيس ياد نہ رهيو هو. هن تمام ٿورا دفعا اڪيلي سر ڪا واردات ڪئي هئي. اڪيلي سر واردات هُو فقط تڏهن ڪندو هو جڏهن ڪنهن ويران جاءِ تي ڪو پوڙهو شخص يا ڪا اڪيلي ڇوڪري نظر اچي وڃي. جيئن اڄ هن کي اهڙو موقعو ملي ويو هو جيتوڻيڪ اڄ هُو واردات جي ارادي سان نہ نڪتو هو.

اڄ هُو ملاقات جي ارادي سان نڪتو هو. اڄ کيس پنهنجي محبوبا رمشا سان ملڻو هو. ٽيڪسيءَ جي پوئين سيٽ تي ويٺي هن ٻاهر ڏٺو. سج لهي چڪو هو ۽ هر طرف لائيٽس ٻري چڪيون هيون. دڪانن جي سائن بورڊس ۽ هورڊنگس تي جرڪندڙ مختلف رنگن جي لائيٽس ماحول کي رومينٽڪ ڪري ڇڏيو هو. هن مُرڪي واچ ۾ ڏٺو. رمشا جي اچڻ ۾ اڃا پورو هڪ ڪلاڪ باقي هيو. هو ٽيڪسي روڪرائي لهي پيو. رمشا جي ٻڌايل ريسٽورنٽ ۾ هڪ ڪلاڪ اڳ ۾ پهچي، انتظار جي عذاب کان کيس سنو لڳو تہ هُو رومينٽڪ ماحول واري هن علائقي مان باقي فاصلو پنڌ هلي طئي ڪري. مختلف شاپنگ سينٽرس اڳيان، رنگ برنگي لائيٽس ۾ جڏهن بہ کيس ڪا خوبصورت ڇوڪري نظر آئي، تڏهن هو رمشا لاءِ سوچي مُرڪي ٿي پيو ۽ اهو سوچي اڳتي وڌي پئي ويو تہ رمشا تہ انهيءَ کان وڌيڪ خوبصورت هوندي!

رمشا سان هن جي دوستي فون تي ئي ٿي هئي. ٽي مهينا اڳ، اڄ جيان هن هڪ اڪيلي ڇوڪريءَ کان موبائل فون ڦُرَ ڪئي هئي. غريب آباديءَ واري علائقي مان ڦُرَ ڪيل اُنهيءَ سادي ۽ پُراڻي سيل فون ۾ فقط ڪجھ ڇوڪرين جا ئي نمبر پيل هيا. اُهي نمبر ڪاپي ڪري هن پنهنجي فون ۾ وجهي ڇڏيا هيا. هڪ ڏينهن واندڪائيءَ جي وقت هن اُنهن نمبرن تي ڪال ڪرڻ شروع ڪئي. ڪنهن ڇوڪريءَ کيس ڇڙٻ ڏني، ڪنهن ڪجھ نہ ڳالهايو ۽ ٻن ٽئن ڇوڪرين ڪجھ جملا ڳالهائڻ کان پوءِ ڪال ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏي. اُنهن ڊسڪنيڪٽ ڪندڙ ڇوڪرين مان هڪ ڇوڪريءَ جو آواز سندس دل جي تارن کي ڇيڙي ويو. هُو اُن ڏانهن ڇوڪريءَ لاءِ بيچين ٿي پيو. هُو اڪثر اُن ڇوڪريءَ کي فون ڪندو رهيو. پر ڇوڪريءَ کيس ڇڙٻيو يا وري نہ ڳالهايو. پر هُو لڳاتار ڪوشش ڪندو رهيو. نيٺ هڪ ڏينهن ڇوڪريءَ ساڻس ڳالهايو ۽ آهستي آهستي هنن جي دوستي ٿي وئي. ڪجھ ئي ڏينهن ۾ اها دوستي محبت ۾ بہ بدلجي وئي. هن رمشا کي ملڻ لاءِ چيو تہ رمشا کيس اهو چئي ٽاري ڇڏيو تہ اڃا اسان جي ملڻ جو وقت ناهي آيو. تڏهن هن رمشا کي ملٽي ميڊيا ميسيج وسيلي فوٽو موڪلڻ لاءِ چيو تہ رمشا کيس ٻڌايو تہ هوءَ هڪ غريب خاندان سان تعلق رکي ٿي، وٽس اهڙي موبائل فون ئي ناهي، جنهن ۾ اهڙي سهولت هجي. تڏهن بہ هُو پنهنجي ان اڻ ڏٺل محبوبا سان موبائل فون تي راتين جون راتيون ڪچهريون ڪندو رهيو. پيار ۽ محبت جون اهڙيون ڳالهيون، جيڪي ڪڏهن بہ کُٽنديون ناهن. انهن اڻکٽ ڳالهين جي وچ وچ ۾ هُو رمشا کي روز منٿون ڪندو هو ملڻ لاءِ پر رمشا کيس ٽاري ڇڏيندي هئي. ائين بہ نہ هو تہ رمشا فقط ٽائيم پاس ڪري رهي هئي ۽ هُو ڪا هڪ طرفي محبت ڪري رهيو هو. رمشا بہ هر وقت ساڻس ڳالهائڻ لاءِ اُتاولي رهندي هئي. ڏينهن ۾ ويھ ڀيرا تہ کيس مِسڊ ڪال ڏيندي هئي، جنهنڪري هن تہ سندس نالو ئي 'مِسڊ ڪال' رکي ڇڏيو هو. پر رمشا ملڻ کان ڪنهن اڻاتي خوف سبب لهرايو پئي. هڪ رات هُو رمشا سان فون تي ڳالهائيندي چڙي پيو ۽ کيس ڌمڪي ڏنائين، "رمشا، جيڪڏهن تون مون سان نہ ملندينءَ تہ مان توسان ڳالهائڻ ڇڏي ڏيندس."

جواب ۾ هن رمشا جو ٿڌو ساهہ ٻُڌو جڻ رمشا جو ساهہ سُڪي ويو هجي.

”جواب ڏي نہ تہ مان فون بند ڪري ڇڏيندس ۽ پنهنجو نمبر بہ مٽائي ڇڏيندس. “ هن رمشا کي ٻي ڌمڪي ڏني هئي.

اُها ٻي ڌمڪي پنهنجو اثر ڏيکاري وئي ۽ رمشا هن سان ملڻ لاءِ تيار ٿي وئي. اُن ئي وقت ملاقات جو ڏينهن ۽ وقت مقرر ٿي ويو.

فيشن ايبل علائقي جي رنگ برنگي روشنين واري فوٽ پاٿ تي هلندي هن وقت ڏٺو. رمشا جي اچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ باقي هيو ۽ جنهن ريسٽورنٽ ۾ کيس رمشا سان ملڻو هو اُها ريسٽورنٽ ڏهن منٽن جي پنڌ تي هئي. هلندي هلندي هن مُرڪي ٽڏو ساهہ کنيو تہ سندس نظر روڊ جي ٻئي طرف هلي وئي. زيبرا ڪراسنگ تان هڪ بيحد حسين ڇوڪري روڊ ڪراس ڪري هن طرف اچي رهي هئي. ڇوڪريءَ طرف ڏسندي هن عجيب ڇڪ محسوس ڪئي. الائجي ڇو کيس يقين ٿي ويو تہ اِها ئي رمشا آهي. هُو بي اختيار زيبرا ڪراسنگ وٽ بيهي رهيو.جيئن جيئن ڇوڪري ويجهو ايندي ٿي وئي سندس دل جو ڌهڪو وڌندو ٿي ويو ۽ سندس نظرون ڇوڪريءَ جي وجود تي ڄمي ويون. ويجهو ايندڙ ڇوڪريءَ بہ سندس گُهور کي محسوس ڪري ورتو.ڇوڪري جيئن ئي ويجهو اچي فوٽ پاٿ تي چڙهي تہ هُوبي اختيار مُرڪي پيو.

”تنهنجو دماغ تہ خراب ناهي ٿيو؟“ ڇوڪريءَ سخت ڪاوڙ مان اهو جملو چيو ۽ ساڳيءَ تيزيءَ سان هڪ طرف وڃڻ لڳي.

هي ڇا....اُهو ئي ساڳيو فون وارو رمشا جو آواز....هِن جي مٿان حيرتن جو پهاڙ ڪِري پيو.هِن پُٺيري ويندڙ ڇوڪريءَ جي پويان وڃڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پنهنجن ئي پيرن سندس ساٿ نہ ڏنو. ڄڻ سندس پير، سندس مٿان ڪِري پيل حيرتن جي پهاڙ جو بار کڻڻ کان لاچار بڻجي پيا هجن. هن ڏاڍي بيوسيءَ مان پُٺيري ويندڙ ڇوڪريءَ طرف ڏٺو. ڇوڪريءَ جي هر قدم سان فاصلو وڌندو پئي ويو. تڏهن هن بي اختيار اوچتو رڙ ڪئي، ”رمشا...!“

ماڻهن جي هجوم ۾ ويندڙ ڇوڪريءَ رڙ تي بيهي هيڏانهن هوڏانهن تہ ضرور نهاريو پر پوئتي ڪنڌ ورائي نہ ڏٺو ۽ هڪ شاپنگ سينٽر جي مين انٽرينس کان اندر هلي وئي. انهيءَ شاپنگ سينٽر ۾ ڪيترائي گفٽ شاپس هيا.

پنهنجن ڳرن قدمن سان فوٽ پاٿ تي بيٺي بيٺي هن جي چپن تي مُرڪ ڦهلجي وئي. کيس پڪ ٿي وئي تہ اِها ئي رمشا هئي ۽ ساڻس ملڻ لاءِ ريسٽورنٽ

تي اچڻ کان اڳ هوءَ سندس لاءِ ڪو گفٽ وٺڻ شاپنگ سينٽر ۾ هلي وئي آهي. بيحد حسين رمشا سان ملڻ جو تصور ڪيائين تہ سندس ڳرا ٿي ويل قدم اوچتو هلڪا ٿي ويا. هُو تڪڙو تڪڙو هلندو شاپنگ سينٽر جي مين انٽرينس تائين هليو ويو. فوٽ پاٿ تان بيٺي ئي شاپنگ سينٽر جي انٽرينس ۾ ڏٺائين. اندر خريدارن جو هڪ هجوم هو. هن فوٽ پاٿ تي بيٺي بيٺي ئي فيصلو ڪيو تہ شاپنگ سينٽر ۾ اندر وڃي رمشا کي ڳولڻ مناسب ناهي. رمشا جي اڳيان سندس امپريشن خراب ٿي پوندو تہ هن سندس پيڇو ڪيو آهي ۽ رمشا کي اها غلطفهمي بہ ٿي پوندي تہ فون تي ڳالهائڻ کان اڳ ئي هُو ڪيس سڃاڻندو هو. هن وقت ڏٺو. رمشا سان ملاقات لاءِ مقرر ٿيل وقت ۾ باقي ويهہ منٽ هيا ۽ ڏهن منٽن جي پنڌ تي ملاقات لاءِ رٿيل ريسٽورنٽ هئي. هو چُپ چاپ اڳتي وڌي ويو. ڪيس اهو ئي بهتر محسوس ٿيو تہ رمشا ملاقات لاءِ اچي تہ ڪيس اڳ ۾ ئي انتظار ۾ ويٺل ڏسي.

جڏهن هُو ڪينڊل لائيٽس واري انهيءَ بيحد خوبصورت ۽ ننڍڙي ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿيو تہ اڌ اونداهيءَ واري رومينٽڪ ماحول ۾ حواسن تي ڇانئجي ويندڙ خوشبوءِ ۽ وڻندڙ مڌر موسيقيءَ جي ڌُن سندس آجيان ڪئي. هن بيٺي بيٺي ڪنڊ واري هڪ خالي ٽيبل جي چونڊ ڪئي، ۽ مختلف ٽيبلن تي ڪينڊل لائيٽس ۾ هلڪن آوازن سان ڪچهريون ڪندڙ جوڙن جي پرسان گذرندو ڪنڊ واريءَ خالي ٽيبل تائين هليو ويو. ڪرسيءَ تي ويهي هن وقت ڏٺو. رمشا جي اچڻ ۾ پورا ڏهہ منٽ باقي هيا.

ريسٽورنٽ ۾ بيٺل ويٽر هڪ نظر هن طرف ڏٺو ۽ منهن ڦيري ڇڏيو.

هو مُرڪي پيو. سوچيائين، 'ڪيڏا ذهين آهن هن ريسٽورنٽ جا ويٽر. سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا. کين خبر آهي تہ آرڊر ڪڏهن ملندو.' هن مُرڪندي مُرڪندي ئي پنهنجي برائون ڪلر جي شرٽ جو ڪالر ٺيڪ ڪيو ۽ پينٽ جي کيسي مان رمشا لاءِ آندل نيڪلس وارو ننڍڙو گفٽ پئڪ ڪڍي ٽيبل تي رکي ڇڏيو. فون تي اِهي ئي نشانيون طئي ٿيون هيون، جن سان رمشا کيس سڃاڻي سندس ٽيبل تائين اچڻي هئي.

هو ريسٽورنٽ جي دروازي ۾ نظرون وجهي ويٺل رهيو. هاڻي هڪڙي منٽ جو انتظار بہ کيس ڏاڍو مشڪل لڳي رهيو هو. هڪڙي ئي منٽ ۾ هن تي

چار دفعا وقت پئي ڏٺو. ائين ڏهه منٽ بہ گذري ويا. رمشا جو ڏنل وقت ٽي ويو پر ريسٽورنٽ جو در نہ کُليو. هن بيچينيءَ مان پنهنجن وارن ۾ هٿ ڦيري ٽڏو ساهہ کنيو تہ اوچتو ريسٽورنٽ جو در آهستي آهستي کُلڻ شروع ٿيو. هن ڪان ساهہ کڻڻ ۽ اکيون چنيڻ وسري ويون. دروازو پورو کُليو تہ کيس اڌ اونداهي ماحول ۾ هڪ ڇوڪري در مان اندر ايندي نظر آئي. هن جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ شروع ڪيو. پر هي ڇا.....؟
اُن ڇوڪريءَ جي پنيان تہ هڪ ڇوڪرو بہ در مان اندر اچي ويو ۽ اُهي بيئي هڪ خالي ٽيبل طرف وڌي ويا. هن ڪنڌ جهڪائي واچ ۾ وقت ڏٺو. رمشا جي ڏنل ٽائيم کان پنج منٽ مٿي ٿي ويا هئا. هن واچ تان نظرون هٽائي ڇڏيون، پر ڪنڌ مٿي نہ کنيائين. سوچ ۾ پئجي ويو. 'ڇو ڪانہ آئي رمشا اڃا.... هوءَ جنهن شاپنگ سينٽر ۾ ويئي هئي، اُتان کان ريسٽورنٽ تائين ڏهن منٽن جي تہ واڪ آهي. پنڌ اچي ها، تہ بہ هن مهل تائين پهچي وڃي ها.... ضرور ٻن چئن منٽن ۾ پهچي ويندي....'
هن ڪنڌ مٿي کنيو تہ اُن مهل ئي ريسٽورنٽ جو در کُليو ۽ هڪ اڪيلي ڇوڪري ريسٽورنٽ جي اڌ اونداهي ماحول ۾ اندر اچي وئي.
اڌ اونداهي ماحول ۾ هن غور سان ڇوڪريءَ طرف ڏٺو پر هي شاپنگ سينٽر وٽ نظر آيل ڇوڪري نہ هئي. هيءَ تہ ڪا ٻي ڇوڪري هئي.
ڇوڪريءَ ريسٽورنٽ ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهايو. هڪ نظر هن ڏانهن بہ ڏنائين، ۽ پوءِ هڪ خالي ٽيبل طرف وڃي اڪيلي ويهي رهي.
هن وري واچ ۾ ڏٺو. هاڻي تہ رمشا جي ٻڌايل وقت کان پورا ڏهہ منٽ وڌيڪ ٿي ويا هئا. هُو وري سوچ ۾ پئجي ويو. "آخر... ڇو دير ڪئي آهي رمشا!.... شايد.... شايد گفٽ جي چونڊ ۾ کيس ڪجهہ وقت لڳو هجي.... ها.... ائين ئي هوندو.... پڪ.... ويچاري غريب خاندان جي ڇوڪري آهي.... ڪو گهٽ قيمت وارو گفٽ ڳوليو هوندائين..... دڪاندار سان قيمت تي بحث ڪري گهٽ ڪرائي هوندائين..... بس هاڻي اچي ويندي پنجن ڏهن منٽن ۾...." پر هاڻي پنج ڏهہ منٽ وڌيڪ انتظار ڪرڻ سندس وس ۾ ئي نہ رهيو هو. هن پنهنجي شرٽ جي کيسي مان موبائل فون ڪڍي رمشا جو نمبر ٽچ ڪيو. هڪ لمحي کان

حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر

پوءِ سندس پينٽ جي کيسي ۾ پيل موبائل فون جي رِنگ ٽون وڳي تہ هُو ڇرڪي پيو. هن پنهنجي موبائل فون تان ڪال ڊسڪنيڪٽ ڪري، پينٽ جي کيسي ۾ پيل موبائل فون ڪيڏي ورتي. ڪجهہ دير اڳ ۾ بيحد خوبصورت ڇوڪريءَ ڪان ڦُر ڪيل موبائل جي اسڪرين تي سندس ئي نالي جي مِسڊ ڪال لڳل هئي!

---

# فٽ پاٿ تي پيل چُمي

خودڪشيءَ جو فيصلو مراد هڪڙي ئي سيڪنڊ ۾ ڪيو هو. وڏي ياءُ اياز جو چماٽ لاءِ ڪنيل هٿ جيسين مراد جي ڳل تائين پهتو انهيءَ وچ ۾ هن اهو فيصلو ڪري ورتو. چماٽ جو ڏک تيهن سالن جي سگهاري مراد کي جسماني طور تہ نہ لوڏي سگهيو پر سندس روح بہ ٽُڪر ٽي پيو. ڪيس لڳو چڻ زندگيءَ جي ميلي ۾ هاڻي سندس ڪا بہ گنجائش ناهي رهي.

چماٽ لڳڻ سان ئي پنهنجي زندگيءَ جي روشنين جو سئچ آف ڪرڻ واري خيال سان گڏوگڏ، سندس زندگيءَ جي آخري خواهش جاڳي پيئي. وڏي ياءُ کي ورائي چماٽ هڻڻ جي خواهش. پر شديد خواهش جي باوجود سندس هٿ ڪجي نہ سگهيو. هن ڪنڌ جهڪائي ڪاوڙ مان پنهنجي هٿ ڏانهن ڏٺو. ڪيس لڳو چڻ سندس هٿ سندس جسم جو نافرمان حصو هجي. مراد پنهنجي بيوسيءَ جي صدمي سبب پنڊ پهڻ ٿي ويو.

وڏي ياءُ پنهنجي والٽ ۾ ستيل نوٽن مان هزار جو هڪڙو نوٽ ڪڍي، مراد جي سامهون ڊائننگ ٽيبل تي اُڇلائيندي ڪاوڙ مان چيو. "اسان جي لاهور مان واپس اچڻ تائين گهر جو خيال رکجان، ۽ آوارا گردي نہ ڪجانءِ"

مراد پٿر جي بُت جيان خاموش بيٺو رهيو.

اياز ڊائننگ ٽيبل تي رکيل جهاز جون ٽڪيٽون کڻيون ۽ پنهنجي زال سلطانہ جو هٿ جهلي، اپارٽمينٽ جي ٻاهرئين دروازي طرف وڌي ويو. دروازو کُلڻ ۽ بند ٿيو تہ دروازي جي بند ٿيڻ جي آواز تي مراد جي پنڊ پهڻ ٿيل جسم ۾ جڻ زندگي موٽي آئي. زندگيءَ سان گڏ خواهش بہ ٻيهر جاڳي پيئي. وڏي ڀاءُ کي چماٽ هڻڻ جي خواهش مراد تيزيءَ سان اپارٽمينٽ جي ٻاهرئين در وٽ وڃي در کوليو. وڏو ڀاءُ ۽ اُن جي زال لفٽ ۾ سوار ٿي چڪا هئا. ۽ لفٽ جو دربند ٿي رهيو هو. فقط هڪ لمحي لاءِ هن جون نظرون وڏي ڀاءُ جي نظرن سان مليون ۽ لفٽ جو در بند ٿي ويو. مراد شديد ڪاوڙ ۽ بيوسيءَ مان اپارٽمينٽ جي در ۾ ئي بيٺل رهجي ويو. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو وڏي ڀاءُ کي چماٽ هڻڻ جي خواهش، جيڪا سندس زندگيءَ جي آخري خواهش طور پيدا ٿي هئي، سا اڻ پوري رهجي وئي هئي. هن انتهائي زور سان اپارٽمينٽ جو در بند ڪندي، اها سڄي طاقت استعمال ڪئي، جيڪا سندس جسم ۾ وڏي ڀاءُ کي چماٽ هڻڻ لاءِ گڏ ٿي وئي هئي.

فرج مان پاڻيءَ جي بوتل ڪڍي هو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ڊبل بيڊ جي ڪنڊ تي ويهي، سائيڊ ٽيبل جي خاني مان ننڊ جي گورين جي شيشي ڪڍي ورتائين. اڪثر راتين جو ڪيس ننڊ نہ ايندي هئي، تڏهن هو ننڊ جي هڪڙي گوري کائي ڇڏيندو هو. اها شيشي هو ڪالهہ ئي وٺي آيو هو جنهن مان هن هڪڙي گوري گذريل رات کاڌي هئي، باقي سموريون گوريون شيشيءَ ۾ موجود هيون. هن اڌ گوريون هٿ تي لاهي وات ۾ وڌيون ۽ پاڻيءَ جي بوتل کولي وات ڏانهن وڌايائين، تہ سندس نظر سائيڊ ٽيبل تي رکيل ماءُ جي تصوير واري فريم تي وڃي پيئي. مراد جي اندر ۾ ماءُ جو آواز گونجي اٿيو جيڪا پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين، اُٿندي ويهندي ڪيس ڏسي اها ئي دعا گهرندي رهندي هئي، ”ابا! الله ڪري شل وڏي حياتي ڏيندئي.“

وات جي اڳيان پاڻيءَ جي کليل بوتل جهلي بيٺل مراد جو هٿ ٿورو ڪنبيو پر پنهنجي وات ۾ پيل گورين جي ڦهلجندڙ ڪڙاڻ کي

هن پنهنجي زندگيءَ جي هر ذائقي مٿان حاوي ٿيندي محسوس ڪيو ۽ پاڻيءَ جي بوتل کي وات ۾ اوتي ڇڏيو. گوريون سندس نڙيءَ کان هيٺ لهي ويون.

هن ٻيهر ماءُ جي تصوير ڏانهن ڏٺو. ڪيس ماءُ جو محبت ڀريو ياڪر ياد اچي ويو. ڪيس لڳو زندگيءَ جي آخري سرحد کان پوءِ، موت جي واديءَ ۾ سندس ماءُ ڪيس ياڪر ۾ ڀري ونندي. ماءُ جي ياڪر جي خواهش سندس اندر ۾ شدت اختيار ڪرڻ لڳي. هن باقي بچيل گوريون هٿ ۾ لاهڻ کان سواءِ ئي، شيشيءَ مان ئي وات ۾ اوتي ڇڏيون ۽ پاڻيءَ جا وڏا وڏا ڍڪ ڀري گوريون نڙيءَ کان هيٺ لاهي ڇڏيون. پاڻيءَ ۽ گورين جي خالي شيشي سائيڊ ٽيبل تي رکي، هو بيڊ تي مٿي سُري ويو ۽ بيڊ جي هيڊ بورڊ تي مٿو رکي پينٽ جي کيسي مان والٽ ڪڍي ورتائين. والٽ کولي، والٽ ۾ لڳل ماريا جي مرڪندڙ تصوير ڏٺائين. زندگيءَ سان ڀرپور ماريا جي مرڪ اڄ ڪيس الوداعي مرڪ محسوس ٿي رهي هئي. هن پنهنجون الوداعي گهڙيون ماريا جي احساس سان گڏ گذارڻ ٿي چاهيون، ان ڪري ماريا جي تصوير لڳل کليل والٽ کي پنهنجي سيني تي رکي اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

اها ماريا ئي هئي، جنهن جي محبت تان هٿ کڻڻ بجاءِ مراد اڄ پنهنجي زندگيءَ جي ڏور کي هٿن مان ڇڏي ڏنو هو ۽ هاڻي هو زندگيءَ جي آسمان تان ڪاٽا ٽيل لغڙ جيان هيٺ ئي هيٺ وڃي رهيو هو. جيڪڏهن هو ماريا جي محبت تان هٿ کڻي وڃي ها، تہ زندگيءَ جون بيشمار رنگينيون سندس منتظر هيون، پر ماريا کان سواءِ هن لاءِ زندگيءَ جي ڪا معنيٰ ئي نہ هئي.

زندگي تہ هن لاءِ تڏهن ئي معنيٰ وڃائي ويهي رهي هئي، جنهن ڏينهن سندس ماءُ مري ويئي هئي. بي معنيٰ زندگيءَ جا ڏهہ سال گذارڻ کان پوءِ، ماريا جي محبت سندس زندگيءَ کي هڪ نئين معنيٰ، هڪ نئون رخ ڏنو هو پر ماريا کي حاصل ڪرڻ جي هر رخ ۾ رڪاوٽون ئي رڪاوٽون هيون. وڏي ڊگري هئڻ جي باوجود مراد جي بيروزگاري، بيروزگاريءَ جي نتيجي ۾ وڏي ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ جي ڌڪار. ساڳئي ئي

سبب ڪري ماريا جي پيءُ جو انڪار. پوءِ مراد جي ياڄائيءَ هڪ ڏينهن سندس اڳيان آسائشن جو تصور رکيو. انهن بي شمار آسائشن جي بدلي ۾ مراد کي سندس ياڄائيءَ جي ننڍي ڀيڻ سان شادي ڪرڻي هئي. مراد وٽ سواءِ انڪار جي ٻيو ڪو بہ جواب نہ هو. مراد جو وڏو ڀاءُ سندس انڪار جو بند دروازو کڙڪائيندو رهيو ۽ رڙيون ڪري کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو تہ هو بہ سلطانہ سان شاديءَ کان پوءِ ئي گهر، گاڏي ۽ نوڪريءَ جو مالڪ ٿي سگهيو آهي، پر مراد جي انڪار جو بند دروازو نہ کليو. انهيءَ انڪار کي مراد جي ياڄائيءَ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي تذليل سمجهيو ۽ بدلي ۾ مراد کي ذليل ڪرڻ جا نوان نوان طريقا ايجاد ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. مراد ڪيترن ئي مهينن کان سڀ ڪجهہ خاموشيءَ سان برداشت ڪري رهيو هو پر اڄ سندس صبر جو پيالو نيٽ ڇلڪي ئي پيو.

ڪالهہ شام مراد جي جنم ڏينهن جي موقعي تي ماريا کيس قيمتي موبائل فون تحفي ۾ ڏني هئي. اڄ جڏهن مراد جو وڏو ڀاءُ، مراد طرفان انڪار ڪيل پنهنجي ساليءَ جي ڪنهن ٻئي نوجوان سان رٿيل مڱڻي جي تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ زال سان گڏ لاهور وڃڻ لاءِ گهر مان نڪرڻ وارو ئي هو تہ مراد جي موبائل فون بيل وڳي. مراد کيسي مان سيل فون ڪڍي اسڪرين تي نظر وڌي ۽ ڪا غيرضروري ڪال سمجهي لاٽين ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏي. اڃا هن موبائل کيسي ۾ واپس بہ نہ وڌي هئي تہ سندس وڏي ڀاءُ غور سان ڏانهس ڏسندي پڇيو "ڪڏهن ورتي اٿئي اها موبائل؟"

" جي .... هُو .... ڪالهہ منهنجو جنم ڏينهن هو ......" مراد جي ڳالهہ اڃا پوري نہ ٿي هئي.

سندس ياڄائي هن کي ذليل ڪرڻ جو نئون موقعو ڏسندي، هڪدم هڪ نئون ڪوڙ گهڙي ورتو. مڙس ڏانهن ڏسندي چيائين، "ڊارلنگ بہ ڏينهن پهرين منهنجا ٽيهہ هزار رپيا غائب ٿي ويا هئا. پڇوهن کان تہ ڪيڏانهن ويا اُهي؟"

"ادا، ڪوڙ تي ڳالهائي ڀاڀي، الزام ٻئي هٽي مون تي!" مراد هڪدم رڙ ڪري وضاحت ڪئي.

"ڇا ..... ڪوڙ تي ڳالهايان مان؟" ياڄائيءَ صدمي جو تاثر ڏنو.

”ها، ڪوڙ تي ڳالهائين!“ مراد رڙ ڪئي، ”ڪوڙي آهين تون!“
سلطانہ صدمي واري تاثر سان هڪ نظر مڙس طرف ڏنو ۽ منهن ڦيرائي ڇڏيو. انهيءَ لمحي اوچتو اياز جو هٿ مٿي ٿيو ۽ هڪ زوردار چماٽ اچي مراد جي ڳل تي لڳي هئي.
ياءَ جو هٿ کڄڻ ۽ سندس ڳل تي چماٽ لڳڻ واري هڪ سيڪنڊ جي وچ ۾ مراد خودڪشيءَ جو فيصلو ڪري چڪو هو. ڪيس لڳو هو زندگيءَ جي ميلي ۾ هن جي ڪا بہ گنجائش ناهي. هو هڪ بيڪار شيءِ آهي.
بيڊ جي هيڊ بورڊ تي مٿو رکي، اڌ ليٽيل حالت ۾ ويٺل مراد پنهنجين اکين تي ڪيپ چڙهندي محسوس ڪيا. پگهر سان گڏ جسم ۾ هيٺائي محسوس ڪيائين. ڪيس لڳو هاڻي زندگيءَ جي آخري سرحد ويجهو ايندي ٿي وڃي. هن پنهنجي جسم کي ڍرو ڪري، هيٺ سُرڻ شروع ڪيو جيئن هيڊ بورڊ تي رکيل مٿي کي هيٺ وهاڻي تي لاهي، سڌو ٿي سمهي موت جي وادين ۾ هليو وڃي. اڃا سندس مٿو وهاڻي تائين هيٺ نہ ٿيو هو تہ اوچتو ڊور بيل جو آواز گهر ۾ گونجي اُٿيو. هن ڊور بيل جي آواز کي لنوائي ڇڏيو ۽ بستري تي هيٺ ڍرڪڻ شروع ڪيائين. ڊوربيل ٻيهر وڳي ۽ پوءِ مسلسل وڄندي رهي. نہ چاهيندي بہ هن اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ آسانيءَ سان اٿي ويهي رهيو. ڪيس لڳو زندگيءَ جون اڃا ڪجهہ گهڙيون باقي موجود آهن. هو ڪمري مان نڪري، اپارٽمينٽ جي ٻاهرئين دروازي تائين هليو ويو. دروازو کوليائين تہ ڪوريئر سروس جو نمائندو هڪ لفافو ڪيس ڏئي هليو ويو. در بند ڪري لفافو ڏٺائين، تہ سندس ئي نالي آيو هو. لائونج ۾ ويٺي ويٺي ئي لفافو کولي ليٽر ڪڍيائين. ليٽر پڙهندي سندس چهري تي شديد ڏک ۽ حيرت جي لهر ڇانئجي وئي ۽ هو پنهنجي ڪمري طرف وڌي ويو.
بيڊ تي ويهي هن پرسان پيل موبائل فون کڻي ماريا جو نمبر ٽچ ڪيو. ٿورڙي دير ۾ ئي ماريا جو موهيندڙ آواز سندس موبائل فون مان اڀريو.”هيلو مراد!“

مراد خشڪ چپن سان ڳالهايو "ماريا ...... منهنجي ...... منهنجي نوڪريءَ جو آرڊر اچي ويو آهي..."

"ڊيٽس گڊ. ڪهڙي جاب آهي؟" ماريا هڪدم پڇيو.

مراد درد مان هڪ ٿڌو ساهه کنيو "هڪ....هڪ..... ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾........ ايگزيڪيوٽو پوسٽ آهي...."

"زبردست!" ماريا خوشيءَ مان رڙ ڪئي، "هاڻي تہ ڊيڊي بلڪل انڪار نہ ڪندو!"

"نہ ماريا........" مراد وڏا وڏا ساهه کڻندي وراڻيو "دير ٿي وئي آهي.... هاڻي ڏاڍي دير ٿي وئي آهي!"

"ڇا مطلب؟" ماريا چيو "هي تون ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين مراد؟"

مراد ڪوبہ جواب نہ ڏنو. پنهنجي اندر ۾ اوندهہ ڦهلجندي محسوس ڪيائين. خاموشيءَ سان بيڊ تي سڏو ليٽي پيو.

"تون جواب ڇو نٿو ڏئين مراد؟" ماريا پريشانيءَ مان پڇيو.

"مون کي..... مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ ماريا!" مراد پنهنجي سڏڪي کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"مراد! پليز مراد........ ٻڌاءِ، ڇا ڳالهہ آهي؟" ماريا جي لهجي ۾ پريشانيءَ سان گڏ مراد لاءِ بي انتها محبت بہ هئي.

مراد هڪ ڊگهو ساهہ کنيو. هڪ لمحو سوچائين ۽ پوءِ چئي ڏنائين، "ماريا...... مون......... مون....... خودڪشيءَ لاءِ وڏي تعداد ۾ گوريون کائي ڇڏيون آهن."

"ڇا!" ماريا هڪدم ڇرڪي رڙ ڪئي، "هي......هي تو...... هي تو ڇا ڪيو مراد؟"

"مون ........ مون جيئڻ جي ڏاڍي جستجو ڪئي ماريا، پر...." مراد جو آواز پرچي آيو "جيڪڏهن...... نوڪريءَ جو آرڊر ٿوري دير اڳ ملي وڃي ها...... تہ شايد......"

موبائل فون مان ماريا جو سُڏڪي سان آواز اڀريو "مراد! پليز...... پليز تون فون ادا اياز کي ڏي!"

مراد ٿڌو ساهہ کنيو "ادا گهر ڪونهي!"

”اوهه!“ ماريا جي آواز ۾ شديد پريشاني هئي، ”تون..... تون ياييءَ کي فون ڏي!“

”ادا ۽ يايي ٻئي لاهور هليا ويا آهن!“ مراد اکيون بند ڪندي ورائيو

”يا خدا!“ ماريا دهشت مان رڙ ڪئي، ”مراد، مون کي ٻه ته تنهنجي گهر تائين پهچڻ ۾ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت لڳي ويندو آهي ۽ تيسين شايد....“ ماريا وڌيڪ ڪجهه نه چئي سگهي.

”ها ماريا..... هاڻي........ هاڻي مون وٽ..... ايترو وقت ئي ناهي.....!“ مراد پنهنجون اکيون ڳريون ٿينديون محسوس ڪيون.

ماريا روئي پئي. مراد خاموشيءَ سان سندس سڏڪا موبائل فون تي ٻڌندو رهيو. اوچتو ماريا جي رڙ موبائل فون مان ابري، ”مراد! مراد..... پليز...... پليز تون جلدي پنهنجي ڪامپليڪس جي پرسان واري ڪلينڪ تي هليو وڃ!“

مراد پنهنجون بند ٿيندڙ اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪو به جواب نه ڏنائين.

”پليز مراد ..... جلدي ڪر........ خدا جي واسطي!“ ماريا جو دهشت ڀريو آواز ابريو.

مراد اکيون پوريءَ طرح کولي ورتيون، ۽ پنهنجي جسم جي سموري طاقت گڏ ڪري هوا ٿي ويهي رهيو.

”هيلو......هيلو مراد!“ ماريا جي پريشاني، مراد جي ڪن تي رکيل موبائل فون مان ابري رهي هئي.

”هون!“ مراد ٿڏو ساهه کڻي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”تو کي منهنجو قسم مراد!“ موبائل فون مان ماريا جا سڏڪا ٻاهر نڪري رهيا هئا،”جلدي ڪر مراد...... نه ته...... نه ته مان به مري وينديس!“

”نه .........نه ماريا..... نه!“ مراد چرڪي پيو. ”مان...... مان وڃان ٿو ڪلينڪ تي......“

”موبائل پاڻ وٽ رکجانءِ، مان وري تو کي فون ڪنديس!“ ماريا روئندي چيو.

مراد موبائل ۽ والٽ کٽي ڪيسن ۾ رکيا، ۽ پنهنجي جسم جي سگهه گڏ ڪري بيڊ تان اٿي بيهي رهيو. بيهڻ شرط پنهنجو مٿو ڦرندي محسوس ڪيائين، پر ماريا جي تصور سان پنهنجي اندر ۾ هڪ نئين طاقت کي گڏ ڪري ورتائين، ۽ ڪمري جي درڪان نڪري، لائونج مان ٿيندو اپارٽمينٽ جي درڪان ٻاهر هليو ويو.

ڪوريڊور مان هو ڊوڙندو لفٽ جي دروازي تائين هليو ويو ۽ لفٽ جي بٽڻ تي هٿ رکندي ئي پنهنجي ڊوڙندڙ ٻيرن کي وچي روڪيائين. هو مسلسل لفٽ جي بٽڻ کي دٻائيندو رهيو ۽ ٻي چيني ءَ مان لفٽ جي در کي ڌڪ هڻندو رهيو. وقت سندس هٿن مان نڪرندو پئي ويو، پر لفٽ نه آئي.

”اڄ وري هي لفٽ خراب ٿي پئي آهي!“ پرسان گذرندڙ ڪنهن پاڙيسريءَ جو آواز سندس ڪنن سان ٽڪرايو ته سندس جسم ۾ خوف جي لهر ڊوڙي وئي. ڪيس لڳو هاڻي موت آهستي آهستي نه پر تيزيءَ سان هن طرف ڊوڙندو ٿو اچي. پر هاڻي هن مرڻ نٿي چاهيو ماريا سان گڏ جيئڻ ٿي چاهيو. جيئڻ جي تمنا سان گڏ هن ڏاڪڻين ڏانهن ڊوڙ پاتي. ڏاڪڻين تان تيزيءَ سان ڊوڙندو هو ٻه فلور هيٺ لهي ويو. اڃا هڪ فلور هن کي هيٺ لهڻو هو پر سندس ڄنگهن مان سمورو سَتُ نڪري ويو. پگهر سندس ڪپڙي مان وهي شرٽ ۾ جذب ٿي رهيو هو. هو سهڪندو ڏاڪڻ تي ويهي رهيو. ڪيس پنواتي اچي رهي هئي. هن کي لڳو هاڻي هو ويئي ويئي چڪرائجي ويندو ۽ ڏاڪڻين مان ليٽڙيون پائي وڃي هيٺ ڪرندو ۽ مري ويندو. جيئڻ جي شديد خواهش جي باوجود هن پاڻ کي موت لاءِ ذهني طور تيار ڪري ورتو. ڪيس لڳو جڻ بس سندس زندگيءَ جو باقي هڪڙو ساهه وڃي بچيو هجي ۽ اهو آخري ساهه کٽي هو ڪِري مري ويندو. هن اهو آخري ساهه کنيو ته موبائل فون جي بيل وڳي. مخصوص ٽون اگ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو ته لائين تي ماريا هئي. هن کيسي مان موبائل ڪڍي ڪن تي رکي، پر ڪجهه ڳالهائي نه سگهيو. فقط سهڪندو رهيو.

”ڪٿي آهين مراد؟“ موبائل فون مان ماريا جو پريشان آواز اڀريو.

”مان ........مان .........اپارٽمينٽس جي ڏاڪڻين تي ويٺو آهيان!“ مراد سهڪندي ڳالهايو.

”دير نہ ڪر مراد ......... دير نہ ڪر....... اٺ....... جلدي اٺ!“ماريا جي آواز ڇڙ سيل فون جو اسپيڪر تي ڦاڙيو.

”ها......... ها...... ماريا........!“ مراد فون بند ڪري، پنهنجي جسم جي سڄي قوت گڏ ڪري اٿي ويهي رهيو. ماريا جي آواز وري ڪيس نئين طاقت بخشي ڇڏي هئي. هو ڊوڙندو ڏاڪڻيون لهي ويو ۽ بنا ساهي پٽڻ جي ساڳي رفتار سان ڊوڙندو ڪامپليڪس کان ٻاهر هليو ويو. خوش قسمتيءَ سان ڪامپليڪس جي گيٽ وٽ ئي ڪيس هڪ بيٺل رڪشا ملي وئي.

ڪلينڪ جي ڪمري ۾ ڊاڪٽر هڪ مريض کي تپاسي رهيو هو جو مراد اوچتو اندر هليو آيو. سهڪندي چيائين، ”ڊاڪٽر صاحب..... پليز اڳ ۾.....اڳ ۾ منهنجو علاج ڪريو!“

”توهان ٻاهر وڃو ۽ پنهنجي واري سان اندر اچو.“ ڊاڪٽر سرد مهريءَ سان وراڻيو.

” نہ ڊاڪٽر صاحب....... مون وٽ..... مون وٽ وڌيڪ وقت ناهي!“ مراد سهڪندي چيو ”مون.........مون...... خودڪشيءَ لاءِ وڏي تعداد ۾ گوريون کاڌيون آهن!“

ڊاڪٽر مريض کي ڇڏي، حيرت مان مراد ڏانهن ڏسندو اٿي بيهي رهيو.”خودڪشي! هي تہ...... ميڊيڪو ليگل ڪيس آهي!“

”پليز ڊاڪٽر! دير نہ ڪريو!!“ مراد جو جسم ڪنبي رهيو هو.

”ويري سوري... مان توهان جو علاج نٿو ڪري سگهان!“ ڊاڪٽر انڪار سان ڪنڌ لوڏيو.

مراد جي اکين ۾ موت جي اونداهي لهي آئي. دهشت مان رڙ ڪيائين، ”پر ڇو.........ڇو ڊاڪٽر..... پليز........!“

”مون چيو نہ، هي ميڊيڪو ليگل ڪيس آهي. نٿو ڪري سگهان مان توهان جو علاج!“ ڊاڪٽر جي جملي جي هر لفظ ۾ انڪار هو.

مراد موت جا پاڇا گهرا ٿيندي محسوس ڪيا. پر هن اڃا بہ مرڻ نٿي چاهيو. پنهنجا ٻئي ڪنبندڙ هٿ جوڙڻ جي ڪوشش ڪندي، پرجي آيل اکين سان ڊاڪٽر ڏانهن ڏسندي منٿ ڪيائين. ”ڊاڪٽر صاحب...... پليز.....مان.....مان..... جيئڻ ٿو چاهيان!“

”پر مان پوليس جي چڪرن ۾ نٿو پوڻ چاهيان!“ ڊاڪٽر جي هر لفظ ۾ وڏيڪ شدت جو انڪار هو.

مراد مايوس ٿي ويو. کيس لڳو هو زندگيءَ جي آخري سرحد جي بلڪل ويجهو پهچي ويو آهي. هن پرسان پيل اسٽريچر کي هڪ هٿ سان جهلي ورتو.

”وقت نہ وڃايو جلدي سول اسپتال پهچڻ جي ڪوشش ڪريو!“ ڊاڪٽر کيس صلاح ڏني.

”پر.....سول اسپتال تہ..... تمام گهڻو پري آهي...... تيسين تہ شايد......“ ۽ مراد موت کي پنهنجي جسم ۾ داخل ٿيندي محسوس ڪيو.

”پنهنجو وڌيڪ وقت نہ وڃايو جلدي هليا وڃو!“ ڊاڪٽر چيو. ”ميڊيڪو ليگل ڪيس کي سول اسپتال ۾ ئي ڊيل ڪيو ويندو آهي. جلدي وڃو توهان!“

مراد هڪ لمحو ڪجهہ سوچيو. هڪ دفعو وري پنهنجي جسم ۽ ذهن جي طاقت کي سميٽيائين، ۽ پوءِ اوچتو ڊاڪٽر جي ڪمري مان تيزيءَ سان نڪري ويو.

هو ڪلينڪ مان ڊوڙندو ٻاهر روڊ تي نڪري آيو.

ٻاهر سندس استقبال موت جهڙي مايوسيءَ ئي ڪيو. ڪا بہ رڪشا يا ٽيڪسي موجود نہ هئي. هن ڪنڌ ورائي ويران رستي جي ٻنهي پاسن ڏانهن ڏٺو. ٻنهي پاسي پري پري تائين ڪا بہ سواري نظر نہ پئي آئي. فقط موت جهڙي ويراني هئي. خالي ويران رستي تي تيز هوا سان گڏ ڇٽيل پن اڏامي رهيا هئا. کيس لڳو سندس ساهہ جسم مان نڪري بس اڏامڻ وارو ئي آهي. هن هڪ تمام ڏکو ساهہ کنيو ۽ ڇڻ ٿورڙو وڌيڪ جيئڻ جي ڪوشش تي ڪيائين. پر کيس لڳو هاڻي زندگي پنهنجو هٿ هن کان ڇڏائيندي ٿي وڃي. هن لاءِ بيهي سگهڻ ممڪن نہ رهيو تہ فوٽ پاٿ تي ويهي رهيو. پر کيس لڳو هاڻي ويهڻ جيتري طاقت بہ باقي نہ رهي آهي. هن پنهنجي پرسان واري فوٽ پاٿ جي ٽڪري کي ڏٺو. کيس يقين ٿي ويو تہ فوٽ پاٿ جي انهيءَ ئي

ٽڪري تي سندس موت لکيل آهي. هن بند ٿيندڙ اکين سان آخري دفعو دنيا جي روشنيءَ ڏانهن ڏٺو ۽ ليٽڻ لاءِ جنگهون سڌيون ڪيائين ته پري کان هڪ ڪار ايندي ڏٺائين. اها ڪار ڪيس زندگيءَ جي آخري اميد جيان محسوس ٿي. هن اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، ته جسم سندس ساٿ نه ڏنو. ٽڏو ساهه پري، پنهي ٻانهن تي زور ڏيئي ٻيهر اُٿڻ جي ڪوشش ڪيائين ته هڪ ٻانهن ٿڙي ويس ۽ فوٽ پاٿ سان رهڙجي ڳاڙهي ٿي ويس. ڪار ويجهو اچي رهي هئي. ڪيس لڳو انهيءَ ڪار جي گذري وڃڻ کان پوءِ هن لاءِ فقط موت ئي رهجي ويندو. ويجهو ايندڙ ڪار طرف ڏسندي، جيئڻ جي شديد خواهش هن کي هڪ دفعو ٻيهر اٿڻ لاءِ همٿايو. ٻيهر ٻئي هٿ فوٽ پاٿ تي رکي هن اٿڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اٿي ٻيهي رهيو. هن ويجهو ايندڙ ڪار ڏانهن وڌندي، هٿ لوڏي ڪار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪار نه بيٺي ۽ ساڳي رفتار سان ڇٽيل پن اڏائيندي گذري ويئي. هن ڪيپ چڙهيل اکين سان هڪ نظر ويندڙ ڪار کي ڏٺو ۽ پوءِ پوئتي ڪنڌ ورائي فوٽ پاٿ ڏانهن ڏٺائين. هن ساڳئي فوٽ پاٿ تي ليٽي زندگيءَ جو آخري ساهه کڻڻ تي چاهيو پر ڪيس اندازو ٿيو ته هاڻي هو واپس فوٽ پاٿ تائين پنڌ ڪري نه سگهندو. پنهنجي پنواٽي ڪائيندڙ مٿي تي هٿ رکي، ويران روڊ جي وچ تي ويهڻ وارو ئي هو جو سامهون کان هڪ خالي ٽيڪسي ايندي ڏٺائين. زندگي وري سندس اکين ۾ جاڳي پيئي. هن ٻئي هٿ لوڏڻ شروع ڪيا. ٽيڪسي سندس پرسان اچي ٻيهي رهي. هو ايترو ته جلدبازيءَ سان ٽيڪسيءَ ۾ وينو جو ٽيڪسي ڊرائيور ڪاوڙمان ڪيس چيو "ڪيون، تمهارا جهاز ڇهوٽ رها هي کيا؟"

"يار..... جلدي چلو." هن وراڻيو.

"ايئرپورٽ چلون؟" ٽيڪسي ڊرائيور مرڪي پڇيو.

"نهين- سول هاسپيٽل- جلدي!" هن رڙ ڪئي.

ٽيڪسي اڳتي وڌي ته مراد جي موبائل فون بيل وڄڻ شروع ٿي. ماريا جي نمبر تي سيٽ ڪيل مخصوص رِنگ ٽون ٻڌي، هن ڪيسي مان موبائل ڪڍي آن ڪري ڳالهائڻ شروع ڪيو "ماريا! تون..... تون

فڪر نہ ڪر..... هاڻي مان..... جلدي سول هاسپيٽل..... پهچي ويندس!“

” تہ ڇا...“ ماريا جو سخت ڳڻتيءَ ۽ خوف وارو آواز موبائل مان ايريو”پرائيويٽ ڪلينڪ ۾ تنهنجو علاج....“

”نہ...... نہ تي سگهيو........“ مراد ڏاڍو مشڪل سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پر ڇو...... ڇو مراد!“ ماريا جو دهشت ڀريو آواز مراد جي ڪن سان ٽڪرايو.

مراد چاهيو تہ سول هاسپيٽل پهچڻ تائين هو ماريا سان ڳالهائيندو رهي، جيئن سندس اندر ۾ زندگي جاڳندي رهي، پر کيس محسوس ٿيو تہ هاڻي هو وڌيڪ نہ ڳالهائي سگهندو. تڏهن هن فقط ايترو ئي ڳالهايو”ماريا.... مان..... پهچي ويندس سول هاسپيٽل...... تون بس........ دعا ڪجانءِ!“

”پر مراد........“ ماريا جو سڏڪو سيل فون مان ٻاهر نڪري، مراد جي اندر ۾ لهي ويو.

”مان........مان فلحال.......وڌيڪ........نٿو ڳالهائي سگهان ماريا!“ مراد نستو ٿيندڙ هٿ سان لائين ڊسڪنيڪٽ ڪري، موبائل فون شرٽ جي کيسي ۾ وجهي ڇڏي، سيٽ جي هيڊ ريسٽ تي مٿو رکي اکيون بند ڪري ڇڏيائين. سندس ڪاڪڙو خشڪ ٿي ويو هو ۽ پنهنجي اندر ۾ سيون چُڀندي محسوس ڪيائين. اوچتو کيس احساس ٿيو تہ ٽيڪسي بيهي رهي آهي. ٽيڪسيءَ جي بيهڻ سان هن جي اندر ۾ زندگيءَ ڪر موڙيو ۽ هن زوريءَ پنهنجون اکيون کوليون. پر اکيون کولڻ سان هن کي موت پنهنجي ويجهو ايندي محسوس ٿيو. ٽيڪسيءَ کان ٻاهر ڏسي کيس اندازو ٿيو تہ هو سول هاسپيٽل جي گيٽ تي نہ، پر هاسپيٽل کان اڃا بہ تمام گهڻو پري هو. هن ڪنڌ ورائي ڊرائيور طرف ڏٺو. ڊرائيور روڊ جي پاسي تي بيٺل ٻي ٽيڪسيءَ جي ڊرائيور سان ڪچهري ڪري رهيو هو. مراد پنهنجي جسم ۾ بچيل طاقت گڏ ڪري ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي،”جلدي چلو بهائي.... ميرا وقت ضايع مت کرو.“

ٽيڪسي ڊرائيور ڪاوڙ مان مراد طرف ڏٺو"پانچ دس منٽ مين ڪوئي آسمان نهين ٽوٽ پڙي گا! صبر ڪرو!!"

مراد ڏاڍي مشڪل سان ٿي ڳالهائي سگهيو "مين ني... خودڪشي ڪي لئي گوليان ڪهائي هوئي هين..... اگر...... اگر تم ني دير ڪردي تو......"

ٽيڪسي ڊرائيور هڪدم پنهنجي سيٽ تان لهي اچي سندس پاسي وارو در ڪولي، سندس ٻانهن ۾ هٿ وڌو"اترو بابا، اترو هماري گاڙي سي!"

مراد پاڻ ڇڏائڻ جي ڪمزور ڪوشش ڪئي. سندس اکين مان موت جهاتيون پائڻ لڳو. سندس لهجي ۾ زندگيءَ جي بيوسي هئي، "نهين.... نهين اتارو مجهي..... مرجائون گا مين!"

"اپني ساتهه مجهي بهي مروائو گي ڪيا؟" ٽيڪسي ڊرائيور ڇڪ ڏئي کيس ٽيڪسيءَ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ تڪڙ ۾ وڃي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺو. ٽيڪسي هڪ جهٽڪي سان اڳتي وڌي وئي. ڪجهري ڪندڙ ٻيو ٽيڪسي ڊرائيور بہ صورتحال کي سمجهي هڪدم اتان هليو ويو.

نيم ويران روڊ جي پاسي تي بيٺل مراد کي لڳو تہ هو وڌيڪ بيهي نہ سگهندو. هڪڙي لمحي کان پوءِ ڪرندو ۽ سندس ساهہ پورو ٿي ويندو. سندس مٿو ڦرڻ لڳو هن جون اکيون بند ٿيڻ لڳيون جو سامهون کان ايندڙ خالي رڪشا کيس نظر آئي. هن پوري سگهہ سان پاڻ تي قابو پائي رڪشا لاءِ رڙ ڪرڻ چاهي، پر آواز سندس نڙيءَ ۾ ئي دٻجي ويو. هٿ مٿي ڪري اشاري سان رڪشا روڪڻ چاهيائين، پر سندس هٿ مٿي نہ ڪجي سگهيو. همت ڪري، پرسان گذرندڙ هڪ شخص کي ٻانهن کان جهلي روڪڻ جي ڪوشش ڪيائين، تہ ان شخص سَٽ ڏئي پنهنجي ٻانهن ڇڏائي ورتي، ۽ ڪاوڙمان هن ڏانهن ڏسندو تيزيءَ سان اڳتي هليو ويو. هاڻي مراد لاءِ بيهڻ بلڪل ممڪن نہ رهيو هو. هن وک کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ٿيڙ اچي ويس. تڏهن بہ پاڻ سنڀالي هڪ ديوار جو سهارو وٺي پاڻ کي ڪِرڻ کان بچائي ورتائين. کيس لڳو اها ئي سندس موت جي جاءِ آهي. بند ٿيندڙ اکين سان پنهنجي پيرن ۾ زمين کي ڏٺائين. ويهڻ لاءِ سوچيائين تہ ان مهل سندس شرٽ جي کيسي ۾ پيل موبائل فون جي ماريا

واري مخصوص رِنگ ٽون وڄڻ شروع ٿي وئي. هن ۾ ايتري طاقت نہ رهي هئي تہ کيسي مان موبائل فون ڪڍي آن ڪري ۽ ڪجھہ ڳالهائي سگهي. سندس ڄنگهون نستيون ٿي ويون هيون. سندس سڄي جسم جي طاقت ڇڏائجي وئي هئي. ديوار تي رکيل سندس هٿ هيٺ ڍرڪڻ لڳا. اوچتو سندس هڪ ڄنگهہ ڍرڪي وئي ۽ سندس گوڏو وڃي زمين سان لڳو. هن ٻي جهڪيل ڄنگهہ جو گوڏو بہ زمين تي رکيو ۽ گوڏن ڀر ويهي رهيو. ديوار کي ٽيڪ ڏئي، زوريءَ بند ٿيندڙ اکيون کوليائين. اجهامندڙ لاٽ جيان آخري دفعو سڄي طاقت گڏ ڪري، شرٽ جي کيسي مان موبائل فون ڪڍي، موت جي واديءَ ۾ وڃڻ کان پهرين آخري دفعو ماريا جو آواز ٻڌڻ چاهيائين. موبائل فون کي ڪن تي رکيائين تہ ماريا جو انتهائي پريشان آواز ڪن تي پيس، ”مراد! ڪٿي آهين!؟“

هن ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪو هڪڙو لفظ بہ سندس وات مان نہ نڪتو.

”پليز مراد! ڳالهاءِ..... ڪجھہ ڳالهاءِ!“ موبائل فون مان ماريا جي دهشت ڳالهائڻ لڳي، ”ڪٿي آهين؟“

هن کان ماريا جي پريشاني برداشت نہ ٿي، تہ ٽِٽل ٽِٽل لفظ هو چپن تائين آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ”مون..... مون کي..... ٽيڪسيءَ واري..... رستي ۾..... لاهي ڇڏيو آهي.....مان.....فوٽ پاٿ تي.....“

”اوهہ ماءِ گاڊ!“ ماريا جي رڙ هن جي اندر کي لوڏي ڇڏيو. ”تہ پوءِ ڪا ٻي ٽيڪسي روڪ!“

”نہ.....نہ ماريا..... هاڻي..... هاڻي مون ۾..... همت ناهي رهي!“ هن کان لفظن جو ساٿ ڇڏائجي رهيو هو.

”پليز مراد! ڪنهن ٽيڪسيءَ کي روڪ، رڙيون ڪر!“ موبائل فون مان ماريا جي رڙ اڀري.

”نہ..... هاڻي.....هاڻي تہ مان ......ڳالهائي بہ نٿو سگهان..... رڙ.....نہ.....نہ...“ مراد جو آواز گم ٿيڻ لڳو. هو وڏي مشڪل سان موبائل فون ڪن تي رکي ويٺو رهيو. چاهيائين پئي، تہ زندگيءَ جي آخري سرحد کي، هو ماريا جو آواز ٻڌندو پار ڪري وڃي. موبائل فون مان فقط

ماريا جا سڏڪا سندس ڪن تي پوندا رهيا. ۽ مراد جون اکيون ٻوٽجڻ لڳيون.

اوچتو موبائل فون مان ماريا جون رڙيون گونجي نڪتيون. سندس بي خوديءَ واريون رڙيون. ”ٽيڪسي...ٽيڪسي! ٽيڪسي!“ هوءَ موبائل فون تان رڙيون ڪري، مراد لاءِ ٽيڪسي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي رهي، پر موبائل فون مان ايرنڊڙ ماريا جي رڙين جو آواز ڪنهن ٽيڪسي ڊرائيور تائين پهچڻ بجاءِ مراد جي اندر ۾ جذب ٿيندو رهيو. ماريا لڳاتار روئندي ۽ رڙيون ڪندي رهي، ”ٽيڪسي.... ٽيڪسي!“

زندگيءَ جي آخري سرحد تي پهچي ويل مراد کي ماريا جي رڙين روڪي ورتو. مراد بند ٿيل اکيون هڪ دفعو وري کوليون. هڪ دفعو وري هن ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ”ماريا..... پليز ماريا..... نه روءُ.....نه روءُ......مان......مان پاڻ.... هاسپيٽل تائين.....پهچڻ جي .. ڪوشش ... ڪريان... تو....“

”ڪم آن_ ڪم آن مراد_ همت ڪر!“ماريا رڙ ڪري کيس همت ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ها ... ها ماريا .... مان ...... ڪوشش ڪريان... تو..... پر تون..... تون فون.... بند نه ڪجانءِ..... مون سان ..... ڳالهائيندي رهجانءِ..... نه ته ....“ مراد جي وات مان لفظ نڪرڻ بند ٿي ويا. هن پنهنجي بند ٿيندڙ اکين کي زوري کولي رکڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ڪم آن.... ڪم آن مراد..... اٿ.... اٿ ....“ موبائل فون مان ماريا جو آواز ايريو ته هن ديوار جو سهارو وٺي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽي دفعا لاڳيتو ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ چوٿين ڪوشش سان هو اٿي بيهي رهيو. ۽ وري ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين، ”مام .... مار .. يا ... اٿي .... بيٺو آهيان.....“

”ديٽس گڊ ..... ديٽس گڊ مراد! ٿراءِ،ٿراءِ تو مووِ!“ماريا اميد ڀريل لهجي سان کيس همٿايو.

ماريا جي تصور مراد جي اندر ۾ موجود زندگيءَ جي آخري چٽنگ کي روشن ڪري ڇڏيو. هن ديوار جو سهارو وٺي ڪجهه وکون کنيون ته

وري ماريا جو آواز آيو ”موو.... فاسٽ موو ... جلدي .... تو کي منهنجو قسم مراد!“

مراد ديوار جو سهارو ڇڏي ڊوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس پير ٿڙڻ لڳا، ۽ هن پنهنجو مٿو ڦاٽندي محسوس ڪيو. ويهڻ جي ڪوشش ڪيائين ته ڄنگهن سندس ساٿ نه ڏنو. سندس ٻئي گوڏا وڃي زمين سان لڳا. پاڻ کي منهن پر ڪِرڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪيائين ته موبائل فون سندس هٿ مان ڇڏائجي ڪجهه اڳتي هلي وئي ۽ سندس سينو اچي زمين تي لڳو. اونڌي منهن زمين تي پيل مراد ٿورو ڪنڌ مٿي ڪري، بند ٿيندڙ اکين سان ڪجهه فاصلي تي پيل موبائل فون ڏانهن ڏٺو. موبائل فون ڏانهن هٿ وڌايائين ته ڪجهه انچن جو فاصلو باقي رهجي ويو. ماريا کي الوداعي چمي ڏيڻ جي خواهش ۾ هن پاڻ کي سيني پر اڳتي سوريو ۽ موبائل فون جي مٿان وڃي سندس هٿ پيو پر سندس هٿ موبائل فون جي مٿان ئي پيل رهيو ۽ سندس الوداعي چمي فٽ پاٿ تي ئي رهجي وئي.

---

# حيدرآباد 47 ڪلوميٽر

سپر هائي وي تي سَو ڪان وڌيڪ رفتار سان ڪار ڊرائيو ڪنديءَ سرمد سي ڊي پليئر تي هلندڙ ڪشور ڪمار جي گيت سان سُر ملائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو "زندگي اڪ سفر هَئي سُهانا، يهان ڪل ڪيا هو ڪس ني جانا..." اوچتو گيت سان گڏ موبائل فون جي رِنگ ٽون جو آواز به ڪار ۾ گونجڻ لڳو. سرمد ڊيش بورڊ ۾ پيل موبائل فون کڻي ڏٺي. موبائل فون جي اسڪرين تي ارم جي تصوير ڏسيءَ هن مُرڪي سي ڊي پليئر بند ڪري ڪال اٽينڊ ڪئي، "هيلو جان!"

"ڇا تون نڪتو آهين ڪراچيءَ کان؟" ٻئي طرف کان ارم پڇيو.

"ها جان!" سرمد ورائيو "مان ته پنجاهه ڪلوميٽرن کان وڌيڪ فاصلو به طئي ڪري چڪو آهيان."

"ائين نه ٿئي ته حيدرآباد پهچي گهر اچڻ بجاءِ ڪنهن محفل ۾ وڃي ويهين!"

"نه منهنجي جان، ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين!"

"سرمد، توکي خبر آهي ته چوڪيدار ۽ سندس زال به اڄ موڪل تي آهن، اڪيلي آهيان مان گهر ۾. سڄو گهر اڄ جانءِ شام ٿي رهي آهي."

"حاضر سائين!" سرمد مُرڪي ورائيو "مان بس ڪلاڪ ڏيڍ ۾ اچي ٿو توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيان."

سرمد موبائل فون ڊيش بورڊ ۾ واپس رکي ڪنڌ مٿي ڪيو ته سندس پير بي اختيار ايڪسيليٽر تان هٽي بريڪ تي اچي ويو ۽ ڪار روڊ جي پاسي ۾ بيٺل اُن خوبصورت ڇوڪريءَ جي پرسان وڃي بيٺي جنهن کيس بيهڻ جو اِشارو ڪيو هو.

”جي محترما!“ سرمد مُرڪي بيحد حسين ڇوڪريءَ طرف ڏٺو.

”منهنجي ڪار خراب ٿي بيٺي آهي. پليز توهان ڏسي وٺو.“ خوبصورت ڇوڪريءَ گذارش ڪئي.

”ضرور. مان ته هڪڙي منٽ ۾ توهان جي ڪار ٺيڪ ڪري ڇڏيندس.“ سرمد مُرڪي ڪار مان لهي آيو.

سرمد ڪيتريءَ دير تائين ڪوشش ڪئي ته ڪنهن نموني خوبصورت ڇوڪريءَ جي ڪار اسٽارٽ ٿي وڃي پر هر طرح جي ڪوشش ڪان پوءِ کيس لڳو ته ڪار اسٽارٽ ڪرڻ سندس وس جي ڳالهه ناهي. تڏهن هن معذرت واري انداز سان ڇوڪريءَ طرف ڏٺو ”سوري! لڳي ٿو ڪار ۾ ڪا وڏي خرابي آهي.“

”هاءِ مان ڇا ڪيان!“ ڇوڪري ڪجهه پريشان ٿي وئي.

”ڇا مان هائي وي هيلپ لائين کي فون ڪيان؟“ سرمد پڇيو.

”نه خبر ناهي اُهي ڪڏهن اچن. مون کي جلدي آهي.“ ڇوڪريءَ وراڻيو.

”ته پوءِ مان توهان کي هائي وي تي ئي ڪنهن موٽر مڪينڪ تائين پهچائي ٿو ڇڏيان. اُنهيءَ کي هِتي وٺي اچو.“

”ڇا....“ ڇوڪري جڻ ٿورو چڙي پئي. ”مان ڪنهن مستريءَ سان گڏ ڌڪا ڪائيندي وتنديس!“

سرمد هڪ نظر ڪجهه فاصلي تي پاڻيءَ جو دٻو جهلي بيٺل پوڙهي شخص طرف ڏٺو ۽ بي دليءَ سان چيو ”مان توهان جي ڊرائيور کي ڪنهن مڪينڪ تائين...“

”اِهو منهنجي ڪار جو ڊرائيور ناهي.“ ڇوڪريءَ سرمد جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو ”اُنهيءَ ماڻهوءَ جو ته هُو سامهون هوٽل آهي. منهنجي مدد لاءِ هليو آيو هو.“

”اِهو ته مون کان به نه ٿيندو ته مان ڪنهن مستريءَ کي وٺي واپس هِتي اچان.“ سرمد ٿورو بيزاريءَ سان چيو.

”نہ نہ ڪنهن مستريءَ کي تہ مان حيدرآباد کان بہ موڪلي سگهان ٿي“ ڇوڪريءَ ورائيو.

سرمد خوشيءَ مان مُرڪي پيو ”پوءِ تہ ڪو مسئلو ناهي. حيدرآباد تائين تہ مان توهان کي لفٽ ڏيئي سگهان ٿو.“

ڇوڪري مُرڪي پيئي ”ها، مان توهان جي لفٽ قبول ٿي ڪري وٺان“

سرمد جي دل ۾ ڳاڙها گل ٽڙي پيا.

ڇوڪريءَ پنهنجي ڪار مان هڪ ننڍو ٽريول بيگ ڪڍي سرمد جي هٿ ۾ ڏنو ۽ پنهنجي پرس مان هڪ وزٽنگ ڪارڊ ڪڍي هوٽل واري پوڙهي طرف وڌايو ”توهان جي مهرباني بابا. جيڪڏهن هائي وي پوليس منهنجي بيٺل ڪار بابت جاچ ڪري تہ هي ڪارڊ اُنهن کي ڏيکاري ڇڏجو.“

پوڙهي ڪو بہ جواب نہ ڏنو. ڇوڪريءَ کان ڪارڊ وٺي ڪارڊ ڏسي مُرڪي پيو. ڇوڪري وڃي سرمد جي ڪار ۾ ويهي رهي

”منهنجو نالو سرمد آهي“ هن ڪار اسٽارٽ ڪندي مُرڪي ڇوڪريءَ طرف ڏٺو.

ڇوڪريءَ ڪو بہ جواب نہ ڏنو.

”توهان حيدرآباد ۾ رهنديون آهيو؟“ سرمد ڪار کي اڳتي وڌائيندي پڇيو.

”ها.“ ڇوڪريءَ مختصر جواب ڏنو.

”توهان جو نالو پڇي سگهان ٿو؟“

”راڻي“

”راڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪو بادشاهہ بہ هوندو!“ سرمد شرارت سان چيو.

راڻيءَ ڪو بہ جواب نہ ڏنو. ٿورڙو مُرڪي پيئي تہ سندس چهرو وڌيڪ خوبصورت ٿي پيو. ڄڻ ڪو گُلاب ٽڙي پيو.

”راڻي صاحبا!“ سرمد مُرڪي چيو ”توهان ٻڌايو ڪونہ تہ توهان جي زندگيءَ ۾ ڪو بادشاهہ آهي يا نہ!“

”نہ!“ راڻيءَ سنجيدگيءَ سان چيو.

”ڇو، توهان شادي ناهي ڪئي؟“

”نہ“ راڻيءَ سرد لهجي ۾ ورائيو.

”بلا شاديءَ کان سواءِ ڪو شهنشاهہ!؟“ سرمد جي لهجي ۾ شرارت برقرار رهي

"بلڪل نه." راڻيءَ سرد لهجي ۾ چيو.

اُن ئي لمحي راڻيءَ جي پرس ۾ رکيل موبائل فون جي بيل وڄڻ لڳي. راڻيءَ پرس مان موبائل ڪڍي ڪن تي رکي ۽ هڪدم ڪال ڪندڙ کي چيو "هن وقت نٽي ڳالهائي سگهان مان توسان. انتظار ڪر، مان اچان پئي." راڻيءَ موبائل واپس پرس ۾ رکي ڇڏي.

سرمد مُرڪي پيو "ڪنهن جي فون هئي؟"

"بس، ائين ئي... هئي... ڪنهن جي..." راڻيءَ لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سرمد جي چهري تي ذومعنيٰ مُرڪ اچي ويئي، "لڳي ٿو آهي توهان جي زندگيءَ ۾ به ڪوئي!"

"توهان ڇو ٿا ايتري بڪواس ڪيو!" راڻي چِڙي پيئي، "ڇو ٿا مون سان فِري ٿيڻ جي ڪوشش ڪيو!؟"

"توهان ته بداخلاقي ٿا ڪريو مون سان!" سرمد پنهنجي ڪاوڙ تي ضبط ڪندي وراڻيو "اهڙي خبر هجي ها ته، توهان کي لفٽ ئي نه ڏيان ها!"

"ته پوءِ هاڻي به لاهي ڇڏيو مون کي گاڏيءَ مان!" راڻيءَ وڏيڪ چڙ مان چيو ۽ سيٽ بيلٽ کولڻ لڳي.

"شايد لاهي به ڇڏيان ها توهان کي..." سرمد، ڪار جي ايڪسيليٽر تي پير جو دٻاءُ وڌائيندي چيو "پر رستي تي ائين لاهي ڇڏڻ بداخلاقي ٿيندي ۽ شايد ڪِرائيم به!"

راڻيءَ خاموشيءَ سان سامهون هائي وي تي نظرون کُپائي ڇڏيون، ڪوبه جواب نه ڏنائين. سرمد خاموشيءَ سان ڊرائيو ڪرڻ لڳو ۽ دل ئي دل ۾ پاڻ تي ڪاوڙ ڪندو رهيو ته جيڪر راڻيءَ کي لفٽ ئي نه ڏئي ها. پاڻ تي لاڳيتي جبر ۽ غلطيءَ جي احساس سبب ڪجهه ئي لمحن کان پوءِ هن پنهنجي نڙيءَ ۾ ڪنڊا چُڀندي محسوس ڪيا. هن ساڳئي رفتار سان ڪار ڊرائيو ڪندي، هڪ هٿ پوئتي ڪري، بئڪ سيٽ تان پاڻيءَ جي باٽل کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس هٿ باٽل تائين نه پهچي سگهيو. تڏهن هن ڪاوڙ تي ضبط ڪندي، لهجي کي

نرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي راڻيءَ طرف ڏٺو. ”پليز بئڪ سيٽ تان باٽل کڻي ڏيو.“

راڻيءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو. خاموشيءَ سان سامهون هائي وي طرف ڏسندي رهي.

”مون توهان کي عرض ڪيو آهي محترما!“ سرمد سرد لهجي ۾ چيو ”وڏي مهرباني ٿيندي جيڪڏهن پاڻيءَ جي باٽل کڻي ڏيو!“

راڻي هائي وي طرف ڏسندي رهي.

سرمد پنهنجي ڪاوڙ تي ضبط ڪري نہ سگهيو ”آخر مون توهان جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو ائين منهن سُجائي ويٺيون آهيو!؟“

راڻي خاموش ويٺي رهي. ڪار جي اڳيان هلندڙ ڪوچ طرف ڏسندي رهي.

سرمد تيز رفتار ڪار کي اوچتو فُل بريڪ هڻي تہ ڪار روڊ تان لهي ذري گهٽ ڪلوميٽر جي پٿر سان ٽڪرائجڻ کان بچي بيهي رهي. ڪلوميٽر جي پٿر تي لکيل هو:

حيدرآباد

47

ڪلوميٽر

سرمد انتهائي ڪاوڙ مان هڪ نظر راڻيءَ طرف ڏٺو ۽ پوءِ ٿڏو ساهہ کڻي سيٽ بيلٽ کولي، پاڻهن پوئتي ورائي بئڪ سيٽ تان باٽل کڻي ورتي. باٽل جو ڍڪ کولي ڪجهہ سوچي هن راڻيءَ طرف ڏٺو ”هڪڙي ئي باٽل آهي ۽ گلاس بہ ڪونهي. پاڻي پيئڻ چاهيو تہ بيشڪ پهرين توهان پي وٺو.“

راڻيءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

”پيئندؤ؟“ سرمد پاڻيءَ جي باٽل کي راڻيءَ طرف وڌايو.

راڻي چُپ ويٺي رهي.

سرمد جي ضبط ڪيل ڪاوڙ ٻيهر سندس لهجي ۾ شامل ٿي ويئي. ”توهان تہ ائين ناراض ويٺيون آهيو جڻ مون توهان کي ڪا غلط ڳالهہ چئي هجي!“

راڻيءَ ڪوبہ ردعمل نہ ڏيکاريو.

”توهان منهنجي ڳالهہ جو جواب ڇو نٿيون ڏيو!“ سرمد وڏيڪ ڪاوڙ مان چيو ”راڻي صاحبا! توهان سان پيو ڳالهايان مان، پيو ڪير بہ ناهي گاڏيءَ ۾!“

راڻي سڪون سان خاموش ويٺي رهي.

”آخر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي مون توهان جو؟“ سرمد ذري گهٽ رڙ ڪري چيو.

راڻيءَ وري به جواب نه ڏنو.

سرمد جي ضبط جا سمورا بند ٽُٽي پيا. هو ڪار جو دروازو کولي هيٺ لهي آيو ۽ راڻيءَ جي پاسي وارو در وڃي کوليائين. ”مهرباني ڪري لهي وڃو منهنجي ڪار مان. ڪنهن ڪوچ ۾ روڪيان ٿو مان توهان لاءِ“

راڻيءَ ڪو به جواب نه ڏنو.

سرمد جي ڪاوڙ انتها تي پهچي ويئي ۽ هن راڻيءَ کي ٻانهن کان جهلي سَٽ ڏني ”لهو! جان ڇڏيو منهنجي!“

سَٽ اچڻ سان ڪار جي سيٽ بيلٽ ۾ جڪڙيل راڻيءَ جو جسم ڪار جي دروازي طرف ڍُرڪي پيو. سرمد ڇرڪي پيو. هن راڻيءَ جي ڍُرڪيل جسم کي سيٽ تي سڌو ڪري ويهاريندي رڙ ڪئي ”راڻي!“

راڻيءَ جي جسم ۾ ڪا به چُرپُر پيدا نه ٿي. سندس اکيون کُليل ئي رهيون.

سرمد ڪار جي ٻاهران بيٺي بيٺي ئي راڻيءَ جي جسم کي ڏونڌاڙيو. سندس نبض ڏٺي. سندس نڪ جي اڳيان هٿ جهلي ساهه کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر راڻيءَ جي جسم ۾ زندگيءَ جي ڪا به علامت موجود نه هئي. خوف مان سرمد جي ڇهري تي پگهر اچي ويو. هو سمجهي ويو ته ظاهري طور تي ڪار جي سيٽ تي اکيون کولي زنده انسان جيان ويٺل راڻي مري چڪي آهي.

”يا الله! هي مان ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاسي ويس! هاڻي مان ڇا ڪيان!“ بي اختيار ئي لفظ سرمد جي واتان نڪتا. اُنهيءَ مصيبت مان جان آجي ڪرڻ جي خيال کان پهرين ئي هائي وي پوليس ڪار جي سائرن جو آواز سندس ڪنن تائين پهچي ويو. هن ڇرڪي هائي وي طرف ڏٺو. ڪجهه فاصلي تان پوليس ڪار سائرن وڄائيندي اچي رهي هئي. سرمد هڪدم ڪار جو دروازو بند ڪري ڇڏيو. ۽ ڪار ۾ ويٺل راڻيءَ جي لاش طرف ڏٺو. راڻي اکيون کولي ڪنهن زنده ڇوڪريءَ جيان ويٺل نظر اچي رهي هئي.

هائي وي پوليس ڪار سرمد جي ڪار جي پرسان اچي بيهي رهي. پيٽرول آفيسر ڪار مان لهندي پڇيو ”اينِي پرابلم؟“

"نو سر، نو پرابلم." سرمد مُرڪڻ جي ڪوشش ڪندي، پنهنجي هڪ هٿ جي ننڍي آڱر سڌي ڪئي ۽ روڊ کان هيٺ ڪچي ۾ لهي ويو. پينٽ جي زپ کولي، هڪڙي منٽ تائين هرو ڀرو ٻئي طرف منهن ڪري بيٺو رهيو. هڪڙي منٽ جي اداڪاريءَ کان پوءِ زپ بند ڪري جڏهن هو واپس وريو ته ڏٺائين، پوليس ڪار ڪجهه فاصلي تي وچ بيهي رهي هئي. هو پنهنجي ڪار تائين ويو. نه چاهيندي به ڪار جو در کوليائين ۽ ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي رهيو. ڪار جو در بند ڪري هن خوف واري حالت مان پرسان ويٺل لاش طرف ڏٺو ۽ ڏڪندڙ هٿ سان چابيءَ کي اگنيشن سئچ ۾ ڦيرائي ڇڏيائين. پوليس ڪار ساڳيءَ جاءِ تي بيٺل رهي، ۽ سرمد پوليس ڪار جي پرسان گذرندي پنهنجي ڪار جي اسپيڊ وڌائي ڇڏي ڪجهه فاصلي تي پهچي هن بئڪ مِرر مان پوليس ڪار طرف ڏٺو. پوليس ڪار يُوٽرن ڪري روڊ جي ٻئي ٽريڪ تي واپس وڃي رهي هئي. سرمد ڏڏو ساهه کڻي پرسان ويٺل راڻيءَ جي لاش طرف ڏٺو ته خوف سندس سڄي وجود کي ورائي ويو. سندس نڙي خشڪ ٿي ويئي. هن ڪار جي اسپيڊ هڪدم گهٽائي سيڪنڊ گيئر لڳائي ڇڏي ۽ ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي ويو.

ڪار کي سائيڪل واري رفتار سان سلو ڊرائيو ڪندي، هو ڪيتريءَ دير تائين سوچيندو رهيو، پر ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو ته هو ڇا ڪري. تصور ۾ ڪيترائي ڀيرا جيل ڪال ڪوٺڙي ۽ ڦاهي گهاٽ ڏسڻ کان پوءِ سندس ذهن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. تڏهن هن وڏو سياسي اثر رکندڙ پنهنجي هڪ انتهائي ويجهي دوست کي فون ڪئي "يار! مان هائي وي تي آهيان ۽ مون سان تمام وڏو مسئلو ٿي ويو آهي!"

"ڇا ڪو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي تنهنجو؟" دوست پڇيو.

"نا" سرمد خشڪ چپن مان زوريءَ لفظ ڪيڙڻ جي ڪوشش ڪئي.

"اُنهيءَ کان ته منهنجو ايڪسيڊنٽ ٿئي ها.... مري وڃان ها ته چڱو هوا!"

"آخر ٿيو ڇا آهي؟" دوست انتهائي فڪرمنديءَ سان پڇيو.

سرمد جڏهن سڄي ڳالهه دوست کي ٻڌائي ته سندس دوست ڪنهن به قسم جي مدد کان اٿين چٽي انڪار ڪري ڇڏيو ته اَهڙي قسم جي معاملي ۾ هٿ وجهڻ سان سندس سياسي ڪيريئر خراب ٿي پوندو.

"پر يار منهنجي عزت، منهنجي گهر ۽ منهنجي زندگيءَ جو سوال آهي!" سرمد منٿ ڪئي.

”عقل ڪان ڪم وٺ. لاش کي هائي وي تي ڪٿي ڦِٽي ڪري جان ڇڏائي وٺ!“ دوست ڪيس صلاح ڏيئي فون بند ڪري ڇڏي.

سرمد موبائل فون ڊيش بورڊ تي رکي لاش طرف نِهاريو. لاش ڏانهن ڏسندي ايئرڪنڊيشنر جي ڪولنگ باوجود سرمد پنهنجي ڪپاڙي مان پگهر وهندي محسوس ڪيو. هڪ لمحي لاءِ لاش کي هائي وي تي ڦِٽي ڪرڻ واري صلاح تي سوچيائين ۽ ٻئي لمحي اها صلاح اهو سوچي رد ڪري ڇڏيائين ته ڪنهن ڏِسي ورتو ته پوءِ... هن پنهنجي ڪنڌ کي ڄڻ گهُٽو ايندي محسوس ڪيو. ڪنڌ تي هٿ ڦيرائي هائي وي طرف نِهاريائين. هائي وي جي ٻنهي پاسي لڳاتار ٽريفڪ هلي رهي هئي. ڪيس لڳو سندس اڄوڪي سفر جي پڄاڻي جيل جي ڪال ڪوٺڙي تي وڃي ٿيندي. هن خشڪ چپن تي خشڪ زبان ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پنهنجي ئي موبائل فون بيل تي ڇرڪي پيو. ڊيش بورڊ تان فون کڻي نِهاريائين ته ويتر پريشان ٿي ويو. موبائل فون جي اسڪرين تي سندس زال ارم جي تصوير هئي. ڏڏو ساهه کڻي نه چاهيندي به هن ڪال اٽينڊ ڪئي. ”هيلو!“

”ٻن ڪلاڪن ۾ ڪراچيءَ کان حيدرآباد پهچندو آهين اڄ تو کي ٽي ڪلاڪ ٿي ويا آهن تون آهين ڪٿي؟“ اِرم هلڪي ناراضگيءَ ۽ فڪرمنديءَ سان پڇيو.

”اِرم... مان... مان اڃا.... هائي وي تي ئي آهيان!“ لفظن کي سرمد زوريءَ نڙيءَ مان ٻاهر ڪڍيو.

”ڇا!“ اِرم حيرت ۽ ڪاوڙ مان پڇيو ”پر ڇو؟“

”اصل ۾.... منهنجي... گاڏي... پنڪچر ٿي پئي هئي!“

”گهر نه اچڻ جا ته تو وٽ هزار بهانا هوندا آهن!“ اِرم ڪاوڙ مان چيو ”گڏ ڪير آهي توسان؟“

سرمد ڇرڪي پيو. هن هڪ نظر پرسان ويٺل لاش طرف نِهاريو ۽ پاڻ سنڀالي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ”ڪير.... ڪير به ناهي... بس مان.... ٿوري دير ۾ پهچي ويندس گهر.“

سرمد فون واپس ڊيش بورڊ تي رکي، ڪجهه لمحا سلو ڊرائيو ڪندي سوچيندو رهيو ۽ پوءِ ڪار کي روڊ جي پاسي تي بيهاري ڇڏيائين. سيٽ بيلٽ کولي پوئين سيٽ تان پاڻيءَ جي باٽل کڻي ڪجهه ڍڪ پنهنجي خشڪ ٿي ويل وات ۾ اوتيائين. هڪ لمحي لاءِ پنهنجي پرسان ويٺل لاش ڏانهن نِهاريائين ۽ پوءِ ڪار

مان لهي ويو. ڪار جو اسپيئر ويل ۾ جيڪ ڪڍي فرنٽ ليفٽ ويل جي پرسان رکي ويل بدلائڻ جي اداڪاري ڪندي هن محتاط نظرن سان اوسي پاسي نهاريو ۽ پوءِ هائي وي تي پنهي پاسي ڏٺو. جڏهن هن محسوس ڪيو تہ ويجهو ڪابہ گاڏي ناهي، تڏهن هن اُتي ڪار جو دروازو کوليو. لاش جو سيٽ بيلٽ کولي هن لاش کي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر اوچتو هڪ تيز رفتار ڪوچ جي هارُن سبب ڇرڪي پيو تہ سندس هٿ لاش مان نِڪري ويا. ڪوچ تہ هڪڙي لمحي ۾ پري نڪري وئي پر سرمد جي تيز تيز ڌڙڪندڙ دل بہ جڻ سيني مان ٻاهر نِڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هن پري نڪري ويل ڪوچ تان نظر هٽائي وري لاش ۾ هٿ وڌا، تہ پري کان ڪتان پوليس ڪار جي سائرن سندس دل جي ڌڪي ۾ دهشت پري ڇڏي هن تڪڙ ۾ لاش مان هٿ ڪڍي ڪار جو در بند ڪري ڇڏيو. اسپيئر ويل ۾ جيڪ واپس گاڏيءَ ۾ رکي تيزيءَ سان وڃي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺو. خوف مان ڌڪندڙ هٿن سان لاش کي سيٽ بيلٽ لڳائي ڪار اسٽارٽ ڪري هڪدم روڊ تي اچي ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ هائي وي پوليس جي هڪ ڪار روڊ جي ٻئي ٽريڪ کان گذري هلي وئي تہ هن پنهنجن وکريل وارن ۾ هٿ ڦيرائي ڪار جي رفتار گهٽائي ڇڏي ڪيس يقين تي ويو تہ هو راتيءَ جي لاش کي روڊ تي اُڇلائي نہ سگهندو. اُنهيءَ احساس کيس مايوس ڪري ڇڏيو. سندس اندر ۾ اُونداهي ڦهلجي وئي، ڪال ڪوٺڙيءَ جهڙي اُونداهي. سُور کان سندس لوُندڙيون ڏنوڻ لڳيون. ڪنن جون پاپڙيون تپي باهہ تي ويس. پر وري اوچتو ڪال ڪوٺڙيءَ جي روشندان مان ايندڙ ڪنهن ڪِرڻي جيان سندس اندر ۾ اُميد جاڳي پئي. هن ڊيش بورڊ تان موبائل فون ڪڍي نمبر ٽچ ڪيو. ڪجهہ لمحن کان پوءِ هن ننڍپڻ جي دوست سمير جو خوشيءَ ڀريو آواز ٻڌو "هيلو سرمد، ڪهڙا حال آهن؟"

"سمير! يار، مان... مان هڪ وڏي مصيبت ۾ ڦاسي پيو آهيان! تمام وڏو مسئلو تي پيو آهي مون سان!"

"فڪر نہ ڪر يار، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو" سيل فون مان سمير جو آواز آ يو.

"تنهنجو مسئلو منهنجو پرابلم آهي. ڇا ڪرڻو آهي مون کي؟"

"فقط... فقط منهنجي مدد ڪرڻي آهي توکي!" سرمد ٿڌو ساهہ کنيو.

”يار تون حڪم تہ ڪر!“ سمير جي آواز ۾ محبت جي جهلڪ هئي ”تون آرڊر ڪر، آسمان جا سيئي ستارا، چنڊ سوڌو لاهي ٻن منٽن ۾ تنهنجي پيرن ۾ وڇائي ڇڏيندس. اڄ الائي ڪيئن ياد ڪيو اٿئي!“

”مهرباني... مهرباني سمير!“ سرمد پنهنجي اندر ۾ ڪجهہ سُڪون ۽ اُميد محسوس ڪئي. ”يار مون... هائي وي تي هڪڙي ڇوڪريءَ کي لفٽ ڏني هئي. پر.... پر اُها ڇوڪري... ويئي ويئي منهنجي ڪار ۾ مَري وئي آهي!“

”ڇا!“ موبائل فون مان ايندڙ سمير جي رڙ سرمد جي دل تائين لهي ويئي ۽ سندس دل جو ڌڪ وري وڌي ويو.

سرمد ڳيت ڏئي ڪجهہ ڳالهائڻ جي همت گڏ ڪئي. سندس آواز ۾ منٿ هئي. ”يار تون ايڏو وڏو بيوروڪريٽ آهين. آسانيءَ سان منهنجو مسئلو حل ڪري سگهين ٿو!“

”نہ!“ سمير جي آواز ۾ سڌو انڪار هو. ”مان اهڙي معاملي ۾ هٿ نٿو اَٽڪائي سگهان. معاملو ميڊيا تي اچي ويو تہ منهنجو پروموشن رُڪجي ويندو!“

”پليز يار، ڦاسي ويندس مان!“ سرمد جو آواز روئڻهارڪو ٿي ويو.

”ويري سوري. مان تنهنجي ڪابہ مدد نٿو ڪري سگهان!“ سمير جي آواز ۾ اوپرائپ شامل ٿيڻ لڳي.

سرمد وري منٿ جي ڪوشش ڪئي. ”يار تون بہ منهنجي مدد نہ ڪندين تہ....“

سمير، سرمد جو جملو ڪٽي ورتو. ”مان فقط تنهنجي ايتري مدد ڪري سگهان ٿو تہ پوليس کي اطلاع نہ ڪريان!“

ڪال ڊسڪنيڪٽ ٿي ويئي. سرمد موبائل فون ڪن تان هٽائي هڪ نظر فون جي اسڪرين کي ڏٺو ۽ پوءِ مايوسيءَ مان فون کي ڊيش بورڊ تي ڦٽي ڪري ڇڏيو. هڪ نظر پرسان ويٺل لاش طرف ڏسي هن ٻنهي هٿن سان اسٽيئرنگ کي جڪڙي ورتو. بي اختيار سندس پير جو دٻاءُ ايڪسيليٽر تي وڌي ويو ۽ ڪار جي رفتار هڪ جهٽڪي سان وڌي ويئي. هن ڪاوڙ مان زور سان هڪ هٿ جو ڌڪ اسٽيئرنگ تي وهائي ڪڍيو. ڪار جو بئلنس بگڙي ويو ۽ ڪار پاسيري ٿي ٻن ويلن تي هلڻ لڳي ۽ پويان ايندڙ تيز رفتار ٽرالر وڏي آواز سان هارن وڄائيندو اوورٽيڪ ڪرڻ لڳو. سرمد بريڪ هڻڻ سان گڏ ڪار جو بئلنس ٺيڪ ڪرڻ

جي ڪوشش ڪئي ته ڪار ذري گهٽ ٽرالر جي ڦيٿن ۾ ڦاسڻ کان بچندي ڪچي ۾ لهي وڃي بيهي رهي. موت جي منهن مان بچي هن ڪيترائي وڏا سهڪندڙ ساهه کنيا ۽ پوءِ نه چاهيندي به لاش طرف ڏٺو. سيٽ بيلٽ ۾ جڪڙيل لاش جيئن جو تيئن زنده سلامت ڇوڪريءَ جيان ويٺل هو. سرمد پنهنجي خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي بند ٿي ويل ڪار کي اسٽارٽ ڪري روڊ تي ڪٺي آيو. پر هاڻي هو ڏاڍو گهبرائجي ويو هو. سندس چهري مان مايوسي ۽ خوف جهلڪي رهيو هو. اکين مان رکي رکي ڳوڙها ڪِري ٿي پيس. سندس ڪنبندڙ آواز سان گڏ سندس هلڪا هلڪا ٻيل سڏڪا سندس چپن جا بند ٽيچي رهيا هئا. "يا الله! هي مان ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاسي ويو آهيان.. ڇا ڪيان مان.. ڪيڏانهن وڃان.. مدد ڪر... او منهنجا مالڪ... منهنجي مدد ڪر..."

هو سلو ڊرائيو ڪندو دل ئي دل ۾ دعائون گهرندو رهيو. اوچتو هو موبائل فون جي بيل تي ڇرڪي پيو. سندس هٿ پنهنجي موبائل فون ڏانهن وڌندي رڪجي ويو ڇو ته اها سندس موبائل فون جي بيل نه هئي. سندس ڌيان ڊيش بورڊ تي رکيل راڻيءَ جي پرس طرف هليو ويو. جنهن مان موبائل بيل جو آواز اچي رهيو هو. سرمد خوف مان هڪ نظر پرسان ويٺل راڻيءَ جي لاش طرف ڏٺو ۽ پوءِ راڻي جو پرس کڻي ان مان سندس موبائل ڪڍي ورتي. موبائل جي بيل لڳاتار وڄي رهي هئي. اسڪرين به روشن هئي. پر حيرت جي ڳالهه اها هئي ته ڪال ڪندڙ جو نالو يا نمبر اسڪرين تي نه هو. اسڪرين بلڪل خالي هئي. خوف مان سرمد جي جسم کي ڌرڙي اچي ويئي. تڏهن به هن ڏڪندڙ هٿن سان ڪال رسيو ڪري فون کي ڪن تي رکيو ته ڇرڪي پيو. سندس چهرو زرد ٿي ويو. موبائل فون مان ڪنهن ننڍڙي ٻار جي روئڻ جو آواز اچي رهيو هو. سو به ڪجهه پراسرار قسم جو آواز. ٿوري ئي دير ۾ ڪال پاڻ ئي ڊسڪنيڪٽ ٿي وئي. سرمد خوف مان موبائل فون کي ڪن تان هٽايو ۽ پرس ۾ واپس وجهي پرس کي ڊيش بورڊ تي اڇلي ڇڏيو. ڪيس سمجهه ۾ ئي نه آيو ته ڇا هيو اهو سڀ ڪجهه! هن خوف مان پرسان ويٺل راڻيءَ جي لاش طرف ڏٺو ته الائجي ڇو راڻيءَ جي لاش مان به ڪيس پراسراريت جو گهرو احساس ٿيو. سرمد جي رڳن ۾ رت بجاءِ جڻ خوف ڊوڙڻ لڳو. خوف مان بي اختيار سندس وات مان رڙ نڪري ويئي "يا الله!!" ۽ ان لمحي سندس نظر روڊ جي پاسي تي ٺهيل مسجد طرف هلي وئي. مسجد تي نظر پوندي ئي هن پنهنجي اندر ۾

ڪجھ سڪون محسوس ڪيو. ڪجھ سوچي هن ڪار جو رخ مسجد طرف ڦيرائي ڇڏيو. ويراني ۾ ٺهيل ننڍڙي مسجد جي دروازي کان ڪجھ فاصلي تي هن ڪار روڪي ورتي ۽ ڪار ۾ ويٺي ويٺي اوسي پاسي جو جائزو ورتائين. پري پري تائين ڪوبہ ماڻهو نہ هيو. هن بنل نظرن سان لاش طرف ڏٺو ۽ ڪار مان لهي مسجد ۾ اندر هليو ويو. مسجد ۾ پهچڻ سان هن ذهني طور تي پاڻ کي ڏاڍو هلڪو ۽ پرسڪون محسوس ڪيو. هن مسجد ۾ گوڏن ڀر ويهي دعا لاءِ هٿ کنيا، تہ بي اختيار سُڏڪي پيو ۽ سندس اکيون ساوڻيءَ جي ڪڪرين جيان برسي پيون. سُڏڪن سان سندس آواز مسجد ۾ گونجي اُٿيو. ”او منهنجا مالڪ! مون کي معافي ڏي.. مون کي معاف ڪري ڇڏ.. اي مشڪل ڪشا! هن ڏکئي وقت ۾ ڪوئي ناهي منهنجو توکان سواءِ.. يا الله! پنهنجي پيارن جي صدقي، منهنجي عزت رکجانءِ.. او منهنجا مالڪ! هن عذاب جي گهڙيءَ مان منهنجي جند آجي ڪر..“ ۽ پوءِ لفظن مٿان سندس سڏڪا حاوي پئجي ويا. ڪيتريءَ دير تائين ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان سڏڪا ڀري روئندو رهيو. جڏهن سندس سڏڪا بند ٿيا تہ دعا لاءِ کنيل هٿ چهري تي ڦيرائي ويٺي ويٺي بہ ٽي وڏا ساهہ کنيائين، تہ سندس جسم کي جڻ نئين طاقت ملي وئي. اُٿي وچي منهن ڌوتائين ۽ مسجد کان ٻاهر هليو ويو. مسجد مان نڪري، ڪار ۾ ويٺل لاش طرف ڌسڻ کان سواءِ ئي هن وڃي ڪار جو در کوليو ۽ ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي رهيو. ڪار اسٽارٽ ڪري لاش طرف ڏٺائين تہ ڪار جي دريءَ مان سندس نظر ٻاهر هلي وئي. ڪجھ فاصلي تان هڪ ماڻهو تڪڙو تڪڙو ڪار طرف اينڊي ڪيس ڀيهڻ جو اشارو ڪري رهيو هو. سرمد کي خوف ورائي ويو. هن ايڪسيليٽر کي دٻايو ۽ ڪار تيزيءَ سان هائي وي طرف هلي وئي. سرمد بئڪ مِرر مان پوئتي ڏٺو. اُهو شخص ڊوڙندو هائي وي طرف اچي رهيو هو. سرمد هڪدم ڪار جي رفتار وڌائي ڇڏي ۽ ڪار چند لمحن ۾ گهڻو اڳيان هلي وئي.

ڪار جي رفتار گهٽ ڪري، سرمد انتهائي پريشانيءَ ۽ خوف مان پرسان ويٺل لاش طرف ڏٺو ۽ انتهائي بيوسيءَ مان سوچيائين، ”هاڻي تہ حيدرآباد جو فاصلو بہ باقي ٿورو وڃي بچيو آهي. لاش هائي وي تي ٽٽو ڦٽي ڪري سگهان تہ شهر ۾ لاش مان ڪيئن جان ڇڏائي سگهندس!“ خوف سان ڳڻ ڳتي ورائي ويس. اندر ئي اندر ڀيڙجڻ لڳو. ڪيس يقين ٿي ويو تہ جيل ئي سندس مقدر آهي. هو جيل هليو

ويندو ۽ سندس سڄو ڪاروبار تباهہ ٿي ويندو. پنهنجي زال ارم جي اڳيان هو ڪنڌ کڻڻ جهڙو بہ نہ رهندو. سياڻي ميڊيا تي خبرون اچي ونديون، ۽ هو سدائين لاءِ سماجي لعنتاڻي جو شڪار بڻجي ويندو. هن سخت ڪاوڙ مان پرسان وينل لاش جي چهري طرف ڏٺو تہ سندس ڪاوڙ تي خوف حاوي پئجي ويو. گهَري ٿيندڙ شام جي هلڪي روشنيءَ ۾ راڻي جي لاش جو چهرو ڪيس ڏاڍو پراسرار لڳو. هن هڪدم لاش جي چهري تان نظر هٽائي ٻاهر ڏٺو. ٻاهر جي ماحول سندس اندر جي دهشت ويتر وڌائي ڇڏي. سج لهي چڪو هو ۽ سڄو آسمان ڳاڙهو ٿي ويو هو. رات ٿيڻ واري هئي ۽ هن ۾ اها همت نہ هئي تہ رات جي اونداهيءَ ۾ لاش سان گڏ هائي وي تي گهمندو رهي. هن پنهنجي اندر ۾ خوف جي هڪ نئين لهر اُٿندي محسوس ڪئي. هن ٿيڏي نظر سان لاش جي چهري ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، پر همت نہ ساري هن نظرون گهمائي ڇڏيون تہ اوچتو ڇرڪي پيو. سندس ئي موبائل فون جي رنگ ٽون ڪيس ڇرڪائي وڌو هو. ڊيش بورڊ تان موبائل کڻي ڏٺائين، فون جي اسڪرين تي سندس زال ارم جي تصوير هئي. ارم جي ڪال سان ارم جي تصوير ڏسي هڪ لمحي لاءِ هن خوف واري اڪيلائيءَ مان پاڻ کي آجو ٿيندي محسوس ڪيو ۽ سڪون جو ساهہ کڻي ڪال اٽينڊ ڪيائين، پر هڪڙو ئي لفظ سندس واتان نڪتو "ارم..."

"تون آهين ڪٿي هن مهل تائين!؟" ارم هڪدم وڏي آواز مان پڇيو.

"هائي وي تي ئي آهيان!" هن ڏاڍي ٿڪل آواز سان وراڻيو.

"ڇا....!" ارم انتهائي حيرت مان رڙ ڪئي، "تون ڇا پيو ڪرين هائي وي تي پنجن ڪلاڪن کان؟"

"ڇا پنج ڪلاڪ گذري چڪا آهن مون کي هائي وي تي!" سرمد کي ان ڳالهہ تي پاڻ بہ حيرت لڳي.

"او ماءِ گاڊ!" ارم انتهائي پريشانيءَ مان چيو "توکي تہ وقت جو احساس بہ ناهي رهيو! آخر ڇا ٿيو آهي اهڙو؟"

”نہ... ڪجھ نہ...“ هو وڌيڪ نہ ڳالهائي سگهيو.

”پر سرمد! تون... تون ڪجھ پريشان بہ لڳين پيو!“ ارم فڪرمنديءَ سان چيو.

”ها, پريشاني تہ آهي ڪجھ..“ بي اختيار سرمد جي واتان اهو جملو نڪري ويو.

”ڪهڙي پريشاني آهي؟ ڇا ٿيو آهي؟“ ارم وڌيڪ پريشانيءَ مان پڇيو.

”ڪجھ ناهي ٿيو مان فون بند پيو ڪيان!“ سرمد وڌيڪ ڳالهائڻ نٿي چاهيو.

”نہ ڪجانءِ فون بند!“ ارم هڪلم رڙ ڪئي ”مون کي لڳي ٿو هائي وي تي توسان ڪو مسئلو ٿي پيو آهي!“

”چيم نہ ڪجھ ناهي!“ سرمد انتهائي بيزاريءَ مان چيو.

”اوڪي.. تون نٿو ٻڌائين تہ مان هائي وي پوليس هيلپ لائين کي فون ٿي ڪيان تہ توکي سرچ ڪري وٺن.“ ارم پريشانيءَ مان ڳالهايو.

”نہ!“ سرمد هڪلم رڙ ڪئي ”نہ ڪجانءِ هائي وي پوليس کي فون!“

”تہ پوءِ تون ٻاڌ ٿي ٻڌاءِ ڇو پريشان آهين.“ ارم پڇيو ”۽ ڇا پيو ڪرين پنجن ڪلاڪن کان هائي وي تي؟“

سرمد ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ٻاهر ڦهلجندڙ اونداهيءَ سبب ڪار جون هيڊ لائيٽس ٻاري ڇڏيائين.

”تون جواب ڇو نٿو ڏئين؟“ ارم فڪرمنديءَ سان پڇيو.

”ڇا جواب ڏيان!“ سرمد ٺڏو ساهہ کنيو.

”تون ٻڌائين ٿو يا مان هائي وي پوليس کي فون ڪيان؟“ ارم پختي لهجي سان چيو.

”پليز ارم, اهڙو ڪجھ نہ ڪجانءِ نہ تہ..“ هو جملو پورو ڪري نہ سگهيو.

”نہ تہ ڇا؟“ ارم جي پريشاني اڃا بہ وڌي ويئي

”بس مان.. جلدي گهر پهچي ويندس“ سرمد سامهون نظر ايندڙ ڄامشورو ٽول پلازا ڏانهن ڏسندي چيو ”ڄامشوري پهچي ويو آهيان مان“

”اوڪي.. مان انتظار ٿي ڪيان تنهنجو.“ ارم ڪجھ سڪون سان چيو ۽ ڪال ڊسڪنيڪٽ ٿي وئي

## حيدرآباد 47 ڪلوميٽر

سرمد ٽڏو ساهه کڻي موبائل فون ڊيش بورڊ تي رکي. خوف ۽ پريشانيءَ جي گڏيل احساس سان لاش جي چهري ۾ ڏٺائين. لاش جون ڪليل اکيون ڏسي ٿورڙو اطمينان محسوس ڪيائين ته ڪنهن به ڏسڻ واري کي ڪو شڪ محسوس نه ٿيندو. ڪجهه لمحن کان پوءِ سندس ڪار ڄامشورو ٽول پلازا ڪراس ڪري وئي.

حيدرآباد باءِ پاس جي ٽول پلازا کان ڪجهه اڳتي وڃي هن ڪار کي روڊ سائيڊ تي روڪي ورتو. بس هي آخري موقعو هو ته حيدرآباد شهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ هو لاش کي ڪار مان ٻاهر ڦٽي ڪري سگهي. هو ڪيتري دير تائين ڪار ۾ ويهي انتظار ڪندو رهيو پر مسلسل ٽريفڪ ۽ گاڏين جي تيز روشنيءَ سبب ڪيس اهڙو موقعو نه ملي سگهيو. تڏهن هن پاڻ ۾ همت پيدا ڪئي ته ڪار ۾ ويٺي ويٺي ئي لاش جي پاسي وارو دروازو کولي. هو لاش کي ڌڪو ڏئي ڪيرائي ڇڏي ۽ تيزيءَ سان هليو وڃي. هن لاش جو سيٽ بيلٽ کولڻ لاءِ هٿ وڌايو ۽ ٻئڪ مرر ۾ پويان ايندڙ گاڏين طرف ڏٺو ته ڇرڪي پيو.

پويان ڪجهه فاصلي تان هائي پوليس ڪار اچي رهي هئي. هن ارادو بدلائي تڪڙ ۾ ڪار جي گيئر لڳائي ۽ روڊ تي اچي ويو. خوف سبب سندس پير جو دٻاءُ ايڪسيليٽر تي وڌي ويو ۽ ڪجهه ئي منٽن کان پوءِ هو باءِ پاس جي واڏو واهه موڙ تائين پهچي ويو. ڪار کي واڏو واهه روڊ طرف موڙيائين ته اڳيان بيٺل پوليس ڪيس روڪي ورتو. ڪجهه گاڏيون اڳ ۾ ئي بيٺل هيون. هڪ سپاهيءَ ڪيس لائين ۾ بيهڻ جو اشارو ڪيو. سندس ساهه سُڪي ويو. ڪيس پڪ ٿي وئي ته راڻيءَ جي وارثن راڻيءَ جي گم ٿي وڃڻ جو پوليس کي اطلاع ڪيو هوندو ۽ هاڻي هو پڪڙجي پوندو. چيڪنگ لاءِ جيئن سندس وارو ويجهو ايندو پئي ويو، تيئن سندس سڄي جسم مان وڏيڪ پگهر ٿي وهيو. سندس وارو آيو ته روڊ تي بيٺل انسپيڪٽر ڪار ۾ عورت کي ويٺل ڏسي بنا ڪجهه پڇڻ جي ڪيس وڃڻ جو اشارو ڏنو. سرمد مُرڪڻ جي ڪوشش ڪندي انسپيڪٽر ڏانهن ڏٺو ۽ ڪار کي اڳتي وڌائي ڇڏيو پر سندس پريشاني اڃا به وڌي ويئي. شهري آبادي.. روشنيون.. ماڻهن جي اچ وڃ.. نسيم نگر چوڪ تي پهتو ته ٽريفڪ بلاڪ هئي. هن ڪار کي بريڪ هنئي ته هڪڙي ئي منٽ اندر پيون ڪيتريون ئي گاڏيون سندس ڪار جي پويان بيهجي ويون. سندس ڪار وچ ۾ ڦاسي ويئي. اهڙي ڪابه وٿي نه هئي

جتان هو پنهنجي ڪار ڪيڏي اُتان نڪري وڃي. هن پريشانيءَ مان پرسان ويٺل لاش طرف ڏٺو. راڻيءَ جو لاش هڪ بيحد خوبصورت زنده ڇوڪريءَ جيان ويٺل هو ۽ رستي تان پنڌ ويندڙ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ گهوري راڻيءَ طرف پئي ڏٺو. هو وڏيڪ پريشان ٿي ويو. دل ئي دل ۾ الله کي ياد ڪيائين. "يا الله هاڻي مان ڇا ڪيان... ڪيڏانهن ڪٿي وڃان هن لاش کي... شهر ۾ ته... ڦاسي ويندس مان... ڪجهه ته ٿي سگهي ٿو..." ڪجهه سوچي هن ٿڌو ساهه کنيو ۽ ٿورو پرسڪون ٿي ويو. جڻ هن ڪو فيصلو ڪري ورتو هجي. سندس ڪار جي اڳيان بيٺل گاڏي ٿورو اڳتي وڌي، ته هن ڪار جي فرسٽ گيئر لڳائي ۽ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. هن ڪنڌ ورائي لاش جي چهري طرف ڏٺو. رات جي روشنين ۾ راڻيءَ جو چهرو وڌيڪ حسين نظر اچي رهيو هو.

سرمد پنهنجي گهر جي گيٽ تي پهچي ٻه ٽي دفعا هارُن وڄايو. ڪجهه دير کان پوءِ ٿورڙو گيٽ کليو ۽ گيٽ مان ارم جو چهرو ظاهر ٿيو. ڪار طرف ڏسندي ارم جي چهري تي شديد ڪاوڙ جو تاثر اُڀريو. هن گيٽ جي هڪ تاڪ کي ڪاوڙ مان ڌڪو ڏئي کولي ڇڏيو ۽ ٻيو تاڪ کولڻ کان سواءِ واپس وڃڻ لڳي. سرمد هڪدم ڪار مان لٿو ۽ ڊوڙندو پورچ ۾ هليو ويو. ارم کي ٻانهن کان جهلي خوف ۽ پريشانيءَ مان پڇيائين، "گهر ۾ ڪوئي آهي ته ڪونه؟"

"ڪير آ گاڏيءَ ۾؟" ارم ذڪ ۽ ڪاوڙ مان سوال ڪيو.

"پليز هتي ڪجهه نه پُڇ. گهر ۾ ڪير آهي ته ڪونه؟" سرمد رازداريءَ واري پريشان انداز سان ڳالهايو.

"ڪوئي ناهي" ارم گيٽ جي ٻاهران بيٺل ڪار طرف ڏسندي پڇيو. "پر ڪير آهي اها ڇوري؟"

"تون... تون اندر وڃ ارم." سرمد ارم جي ٻانهن ڇڏي آهستي چيو "مان اندر اچي توکي سڀ ڪجهه ٻڌايان ٿو."

ارم سخت ڪاوڙ مان زور سان لائونج جي در کي ڌڪو ڏئي اندر هلي وئي.

سرمد تڪڙ ۾ وڃي مين گيٽ جو ٻيو تاڪ کوليو. ساڳي تڪڙ مان ڪار اندر ڪري، ڪار مان لهي وڃي گيٽ بند ڪري ڇڏيائين. هڪ لمحي لاءِ بند ڪيل گيٽ وٽ بيهي رهيو. ڪيس ائين لڳو جڻ هن کي پناهه ملي وئي هجي. ٿڌو ساهه کڻي اندر وڃڻ لاءِ واپس مُڙيو. ڪار وٽ پهچي، ڪار ۾ اندر ويٺل راڻيءَ جي

لاش طرف ڏنائين ته سندس پير زمين تي ڄمي بيهي رهيا. ڏک، پريشاني خوف ۽ ندامت سان سندس ڪنڌ جهُڪي ويو. ڪيس سمجهه ۾ نه آيو ته هاڻي هو ارم سان ڪيئن نظرون ملائي ڳالهائي سگهندو!

لائونج ۾ ارم پُٺيري بيٺي هئي. سرمد آهستي آهستي وڃي پٺيري بيٺل ارم جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

ارم سندس هٿ کي سَٽ ڏئي پنهنجي ڪلهي تان لاهي ڇڏيو "نه لاءِ مون کي هٿ!"

هن ارم کي پاڪر ۾ پرڻ جي ڪوشش ڪئي "ارم... پليز... منهنجي ڳالهه ته ٻُڌ..."

"نه ڳالهاءِ مون سان ڇڏي ڏي مون کي!" ارم سندس پاڪر مان نڪري وئي. سرمد، ارم کي ٻانهن کان جهلي ورتو "خدا جي واسطي ارم! تون ٻُڌي ته وٺ منهنجي ڳالهه!"

"ناهي ٻُڌڻي مون کي تنهنجي ڪائي ڳالهه" ارم، سرمد کي ڌڪو ڏئي پاڻ ڇڏائي ورتو سندس آواز ۾ درد پرجي آيو "مون ته ڪڏهن سوچيو به نه هو... ته تون ايترو نيچ به ٿي سگهين ٿو!"

"تون غلط پيئي سمجهين ارم، پليز..." سرمد منٿ ڪئي.

"سڀ سمجهان ٿي مان!" ارم صدمي مان واراٽيو "اڳي ته شايد... گهر کان ٻاهر ئي هيو اهو سڀ ڪجهه پر اڄ تون گهر ۾ به چوري وٺي آيو آهين!"

"غلط فهمي ٿي آهي توکي" سرمد وري به منٿ ڪئي "تون ٻُڌين ڇو نٿي منهنجي ڳالهه!"

"اڇا تنهنجون ڳالهيون ٻُڌان!" ارم سخت نفرت مان چيو "سڀ ڪجهه اکين سان ڏسان ته پيئي!"

"دوکو پيون ڏين تنهنجيون اکيون توکي!" سرمد سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"دوکو ته تون پيو ڏئين مون کي" ارم ڪاوڙ مان واراٽيو "وٺي اچ انهيءَ رن کي اندر مان وڃان ٿي هي گهر ڇڏي!"

سرمد، ارم کي سختيءَ سان ٻانهن کان پڪڙي ورتو "هائي وي تي هن جي گاڏي خراب ٿي پئي هئي. مون ته هن کي فقط لفٽ ڏني هئي پر... پر..."

”پر ڇا؟“ ارم پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ”هين ڪي لفٽ ڏيندو ته وتين ڪڏهن منهنجي لاءِ به سوچيو اٿئي!“

”پليز... پليز ارم...“ سرمد دل ڀڏي ڇڏي ڏنو ”هوءَ منهنجي ڪار ۾ ويٺي ويٺي مري ويئي آهي!“

سرمد جي هٿن مان ارم جي پاڻ ڇڏائڻ واري مزاحمت هڪلم ختم ٿي ويئي. سندس چهري تي ڪاوڙ بجاءِ حيرت ۽ پريشاني اُڀري آئي.

سرمد، ارم جي جسم تان پنهنجن هٿن جو زور گهٽ ڪندي ڏاڍي ٿڪل ۽ هيٺي انداز سان چيو ”هوءَ.... هڪ لاش آهي ارم!“

خوف مان ارم جون اکيون ڦاٽي ويون. سندس سڄو جسم ڪنبڻ لڳو. سرمد کيس سهارو ڏئي پر سان پيل صوفا تي ويهاري ڇڏيو. پاڻ فرش تي ويهي ارم جو هٿ جهلي ورتائين. پشيمانيءَ مان چيائين. ”منهنجو ڪو به قصور ناهي ارم... هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ڇا ڪيان مان؟“

ارم خشڪ ٿي ويل چپن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ”ڇا... ڇا... هُوءَ... واقعي لاش آهي!“

”ها ارم!“ سرمد ٿڌو ساهه کنيو ”تون پاڻ هلي ڏسي يقين ڪري وٺ اُتي اُتي هل ڪار پورچ ۾!“

ارم پنڌ پهڻ جيان پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺي رهي. سندس سڄي وجود تي پريشاني ۽ خوف ڇانئجي ويو هو. سرمد کيس ٻنهي ٻانهن کان وٺي ڇڪي اُٿاريو ۽ سندس هٿ پڪڙي کيس لائونج جي در تائين وٺي ويو. لائونج جو در کوليائين ته ارم لائونج مان پير ٻاهر ڪڍڻ بجاءِ خوف مان سختيءَ سان سرمد کي جهلي ورتو. پورچ ۾ بيٺل ڪار جي فرنٽ سيٽ تي زنده ڇوڪريءَ جيان ويٺل راڻيءَ جو لاش هلڪي روشنيءَ ۾ ڏاڍو پراسرار نظر اچي رهيو هو. ارم دهشت واري حالت مان هڪلم واپس لائونج ۾ هلي ويئي. سندس جسم جي ڌڪڻي وڌي ويئي. چهري تي پگهر جا ڦڙا ظاهر ٿي پيس. سرمد پر سان اچي کيس ڀاڪر ۾ پيري ورتو ”ارم پليز... معاف ڪري ڇڏ مون کي!“

سرمد، ارم کي صوفا تي ويهاري، پاڻ سندس پيرن وٽ فرش تي ويهي رهيو. هٿ جوڙي ارم جي چهري ۾ ڏنائين ۽ بيحد ندامت سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ”پليز ارم... معافي ڏي مون کي!“

ارم، سرمد جي جوڙيل هٿن کي هيٺ ڪري ڇڏيو. ڪوبہ جواب نہ ڏنائين.

سرمد بيحد پريشانيءَ ۾ منٿ سان ڳالهايو "منهنجي سيني دوستن منهنجي مدد کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ پوءِ... پوءِ مون کي فقط گهر جو رستو ئي سمجهہ ۾ آيو...!"

ارم پٿر جي بُت جيان خاموش ويٺي رهي.

سرمد جون اکيون آليون ٿي ويون. "ڏس ارم... جيڪڏهن... تو بہ منهنجي مدد کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ..." هو وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو ۽ پنهنجو مٿو ارم جي گوڏن تي رکي ننڍڙي ٻار جيان سُڏڪي پيو.

ارم ڪجهہ دير خاموش ويٺي رهي، ڪجهہ سوچيندي رهي ۽ پوءِ سرمد جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي. سرمد ڪنڌ مٿي ڪري ارم جي چهري طرف ڏٺو تہ ارم سندس لُڙڪ اُگهي ورتا.

"پليز... پليز ارم، منهنجي مدد ڪر!" سرمد ڳيت ڏني.

ارم هڪ وڏو ساهہ کڻي پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، "منهنجي خيال ۾ اسان کي پوليس کي اطلاع ڪرڻ کپي."

سرمد چرڪي پيو. "ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين ارم! تون مون کي جيل موڪليندينءَ ڇا!"

"تہ پوءِ ڇا ڪيون!" ارم پريشانيءَ مان وراڻيو.

"اهوئي تہ مان توکان ٿو پڇان!" سرمد فرش تان اُٿي ارم جي پرسان صوفا تي ويهي سندس هٿ جهلي ورتو.

ارم هڪ لمحو سوچي ڳالهايو "پوليس کي نٿو ٻڌائي سگهين، تہ پوءِ لاش کي هائي وي تي ڪٿي ڦٽي ڪري ڇڏين ها!"

سرمد انتهائي ڏکيو ساهہ کنيو "مون بہ ٽي دفعا اهڙي ڪوشش ڪئي، پر... موقعو ئي نہ مليو. ڏاڍو ڏڪي بہ ويو هوس مان."

لائونج ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. سرمد ارم جو هٿ ڇڏي، ٻنهي هٿن سان پنهنجو مٿو جهلي ورتو. ڪيتريءَ دير تائين ٻيئي سوچيندا رهيا، ۽ پوءِ ارم جي هلڪي آواز پراسرار ماٺ کي ٽوڙيو. "سرمد!"

سرمد پنهنجي مٿي تان هٿ هٽائي ارم طرف ڏٺو.

”ڇو نہ لاش کي ڄامشوري جي پُل تان درياهہ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيون“ ارم ڪجھہ سوچيندي چيو ”لاش مليو بہ تہ اهو ئي سمجهيو ويندو تہ ڇوڪريءَ خودڪشي ڪئي هوندي!“

سرمد کي خوف ورائي ويو ”پر... تمام وڏي رسڪ آهي اها. پُل جي ٻنهي پاسي پوليس بہ موجود هوندي آهي!“

”تہ پوءِ..“ ارم ڪجھہ سوچيندي چيو ”رات جي اونداهيءَ ۾ ئي لاش کي ڪنهن ويران هنڌ تي ڦٽي ڪري ٿا اچون“

”خطرو تہ تڏهن بہ آهي نہ“ سرمد وڌيڪ پريشان ٿي ويو ”جيڪڏهن ڪنهن ڏسي ورتو تہ ٻيئي پڪڙجي پونداسين!“

”تہ پوءِ ڪيڏانهن ڪيون لاش کي!“ ارم کي پريشاني سان گڏ خوف ورائي ويو.

سرمد ڪجھہ سوچي چيو ”هڪڙو... هڪڙو حل آهي انهيءَ جو!“

”ڇا؟“ ارم هڪلم پڇيو.

”ڇو نہ... لاش کي... پنهنجي گھر جي لان ۾ دفن ڪري ڇڏيون!“ سرمد ڪجھہ مُنجهيل لهجي ۾ چيو.

ارم ٿوري دير سوچي هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو ”ها... شايد... اهو ئي بهتر آهي“

سرمد ڊگھو ساهہ کنيو. ڄڻ سندس مٿي تان وڏو بوجھہ لهي ويو هجي.

لان ۾ اڌ رات جو کوٽائي ڪندي، سرمد جي سڄي جسم مان پگھر لاڙون ڪري وهي رهيو هو. لڳاتار کوٽائي ڪندي هو سهڪي رهيو هو پر هن پنهنجو هٿ نہ روڪيو. جلد کان جلد هن اهو ڪم پورو ڪرڻ ٿي چاهيو. خوف بجاءِ هڪ جستجو سندس اندر ۾ جاڳي پيئي هئي. هن وساري ڇڏيو هو تہ پرسان بيٺل ڪار ۾ ڪو لاش بہ آهي. ڪار پورچ ۽ لان جون سموريون لائيٽس بند هيون. رات جي اونداهيءَ ۾ فقط ڪجھہ جيتن جا آواز ماٺ کي ٽوڙي رهيا هئا. يا وري گهٽيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن مهل چوڪيدار جو آواز ٿي گونجيو.

ارم پاڻيءَ جي باٽل ۽ گلاس کڻي لائونج جي دروازي کان نڪري پورچ ۾ آئي تہ هڪ لمحي لاءِ سندس پير هڪ هنڌ ڄمي بيهي رهيا. خوف جي هڪ لهر سندس سڄي جسم ۾ ڊوڙي ويئي اڄ ڪيس پنهنجي ئي گھر جو ماحول پراسرار

محسوس ٿي رهيو هو. پنهنجي خوف تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي هوءَ سرمد کي پاڻي پيارڻ لاءِ اڳتي وڌي ڪار وٽ پهچي هن نه چاهيندي به ڪار ۾ ويٺل لاش طرف ڏٺو ته سندس پيرن اڳتي هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ارم کي ائين لڳو ڄڻ راتيءَ جي لاش جون اکيون ڪيس گهوريندڙيون هجن. لاش جي اکين جي گهورَ ارم کي دهشت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. خوف سبب ارم جون اکيون ڦاٽي ويون. چپ خشڪ ٿي ويس ۽ سندس سڄو جسم ڪنبڻ لڳو. اوچتو سندس ڪنبندڙ هٿ مان گلاس ڪِريو ۽ ٽُڪرا ٿي ويو. لان ۾ کوٽائي ڪندڙ سرمد ڇرڪي ارم طرف ڏٺو. هن کوٽائي ڇڏي وچي ارم کي ٻانهن کان جهليو ته ارم خوف جي شدت کان بچڻ لاءِ سرمد کي چنبڙي پيئي. سرمد ڪيس لان ۾ وٺي وڃڻ چاهيو پر ارم بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي سرمد کي ٻانهن کان ڇڪيندي اندر وٺي ويئي.

لائونج ۾ داخل ٿيندي ئي ارم خوف مان ڏڪندڙ آواز سان ڳالهائڻ شروع ڪيو "نه... نه سرمد... جيڪڏهن... لاش گهر جي لان ۾ دفن رهيو ته... ته مان... نه رهي سگهنديس هن گهر ۾!"

سرمد بيحد پريشان ٿي ويو. هن پنهنجي هٿن ۽ ڪپڙن کي چنبڙيل لان جي چيڪي مٽيءَ کي ڏٺو "هاڻي ته مون... ذري گهٽ ڪڏهن به ڪوٽي ورتي آهي!"

ارم دهشت مان ڪنبڻ لڳي. سندس اکين مان لڙڪ وهي پيا. "نه... نه سرمد... لاش واري گهر ۾... هڪڙو ڏينهن به نه رهنديس مان!"

سرمد، ارم کي هٿ کان جهلي صوفا تي ويهاريو. پاڻ فرش تي ويهي رهيو. ڪجهه دير سوچڻ کان پوءِ ارم جي چهري طرف ڏٺائين. "تون پريشان نه ٿي ارم، اسان هي گهر ئي وڪڻي ڇڏينداسين!"

ارم خوف مان ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو "نه... نه سرمد... جيڪڏهن... گهر خريد ڪرڻ وارن ڪڏهن لان جي کوٽائي ڪئي ته...!"

"ايترو پري جي سوچ!" سرمد بيزاريءَ ۽ پريشانيءَ ۽ ڪاوڙ مان وراڻيو "تون ته هر ويرو ٿي پريشان ڪرين مون کي!"

"تون به ڪجهه سوچ سرمد!" ارم خوف مان خشڪ ٿي ويل چپن سان ڳالهايو "جيڪڏهن... ڪڏهن به... لاش ظاهر ٿيو ته... اسان ٻنهي تي سڌو سنئون قتل جو ڪيس ٺهي پوندو!"

"پر... اسان قتل ڪيو ته ناهي!" سرمد وڌيڪ پريشان ٿي ويو.

”پر اُن وقت... تنهنجي ڪهاڻيءَ تي ڪوبہ اعتبار نہ ڪندو... ۽ مان... مان جيل وڃڻ نٿي چاهيان!“ ارم خشڪ نڙيءَ سان ڳيت ڏني.

سرمد جي چهري تي شديد ڏک ۽ مايوسي ڇانئجي ويئي، ”ارم! دوستن جيان... تو بہ... اڪيلو ڇڏي ڏنو مون کي!“

”نہ سرمد، اهڙي ڳالهہ ناهي.“ ارم لفظن تي زور ڏيئي چيو ۽ سرمد جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ورتو ”مان توکي ڪيئن ٿي ڇڏي سگهان!“

سرمد ڪوبہ جواب نہ ڏنو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.

ارم هڪ لمحو سوچڻ کان پوءِ چيو ”سرمد! اسان مري ويل ڇوڪريءَ جي وارثن سان بہ تہ رابطو ڪري سگهون ٿا.“

”پر ارم، تڏهن بہ تہ...“ سرمد پريشانيءَ سبب جملو پورو ڪري نہ سگهيو.

”پوءِ ڏنو ويندو. ٿي سگهي ٿو ڪا بهتريءَ جي صورت نڪري پوي.“ ارم کيس دلاسو ڏنو.

سرمد ڪوبہ جواب نہ ڏنو. سوچ ۾ پئجي ويو.

ارم وري کيس آٿت ڏني، ”ڪجهہ نہ ٿيندو سرمد. ڇو تہ تو قتل ناهي ڪيو.“

سرمد خاموش رهيو.

ارم پيار مان سرمد جي هٿ کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهليو ”تون پريشان نہ ٿي. مان آهيان نہ... مان تو سان گڏ آهيان سرمد!“

”پر ڪيئن... ڪيئن خبر پوندي سندس وارثن جي؟“ سرمد ٿڌو ساهہ کنيو.

”ڇوڪريءَ وٽ ڪو سامان هيو؟“ ارم پڇيو.

”ها!“ سرمد وراڻيو ”هڪ پرس، موبائل فون ۽ هڪ بيگ.“

”پوءِ تہ ڪو مسئلو ناهي.“ ارم چيو ”تون اهي سڀ شيون ڪار مان ڪڍي اچ.“

ٿوري دير لاءِ ذهن مان نڪري ويل خوف کي سرمد وري پنهنجن رڳن ۾ ڊوڙندي محسوس ڪيو. ڪي لمحا هو چُپ چاپ ويٺو سوچيندو رهيو ۽ پوءِ اُٿي ٻاهر هليو ويو.

ڪار مان هو راڻيءَ جون سامان ڪڍي واپس لائونج ۾ آيو. راڻيءَ جو سامان ارم جي پرسان صوفا تي رکيائين تہ هوءَ اڃاتي خوف سبب اُتي ويهي رهي.

”تون هي سامان چيڪ ڪر. تيسين مان واش روم مان ٿي اچان ٿو.“ سرمد پنهنجي گپ تي ويل جسم ۽ ڪپڙن طرف ڏٺو ۽ بيڊ روم طرف هليو ويو.

سرمد جسم صاف ڪري ۽ ڪپڙا تبديل ڪري واش روم مان ٻاهر نڪتو تہ ارم کي خوف واريءَ حالت ۾ ڊبل بيڊ جي ڪنڊ تي ويٺل ڏٺائين. ”تو سامان چيڪ ڪيو؟“

”نہ.“ ارم جي آواز ۾ اڃا بہ خوف جو تاثر هو. ”تون... تون پاڻ چيڪ ڪري وٺ!“

سرمد لائونج مان راڻيءَ جو پرس ۽ بيگ کڻي اچي ڊبل بيڊ تي رکيو ۽ ٽڏو ساهہ کڻي ارم طرف ڏٺائين.

”سرمد. تون... تون هن جي موبائل فون ڪڍي چيڪ ڪر. ڪنهن بہ نمبر تان سندس باري ۾ معلومات ملي ويندي.“

سرمد. راڻيءَ جو پرس کولي موبائل فون ڪڍي ورتي. موبائل فون کي چيڪ ڪندي سندس چهري تي انتهائي حيرت ۽ خوف جو تاثر گهرو ٿيڻ لڳو. سندس پريشاني وڌڻ لڳي.

”ڇا ڳالهہ آ سرمد؟“ ارم پڇيو.

”هي... هي موبائل تہ بلڪل خالي آهي!“ سرمد پريشانيءَ مان چيو ”نہ ڪو فون بُڪ ۾ نمبر. نہ ڪو ميسيج!“

”چڱي طرح ڏس!“ ارم جي پريشاني بہ وڌي ويئي. ”شايد... شايد ڪال رجسٽر ۾ ڪجهہ نمبر هجن!“

موبائل فون جي اسڪرين ۾ ڏسندي سرمد انتهائي حيرت ۽ خوف سان ڳالهايو ”هن جي تہ ڪال رجسٽر ۾ بہ ڪوئي نمبر ناهي. نہ ڪائي مِسڊ ڪال. نہ ڪائي رسيوڊ ڪال ۽ نہ ئي ڪو ڊائلڊ نمبر!“

ارم ڪوبہ جواب نہ ڏنو. سرمد شديد حيرت سان وري ڳالهايو. ”جيتوڻيڪ هن منهنجي ڪار ۾ ويهڻ کان پوءِ پنهنجي فون تي هَڪ ڪال رسيو

ڪئي هئي، ۽... ۽ هن جي مرڻ کان پوءِ بہ سندس فون تي هڪ ڪال آئي هئي! پر... اها ڪال... بنا نمبر جي هئي!"

"ڇا!" ارم اوچتو ڇرڪي پيئي.

"ها ارم!" سرمد خوف مان وراڻيو. "اها ڪال مون اٽينڊ بہ ڪئي هئي، پر... پر فقط.. هڪ ننڍڙي ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو... ۽... ۽ پوءِ... لائين ڊسڪنيڪٽ ٿي ويئي هئي...!"

خوف کان ارم جا چَپَ ڪنبڻ لڳا. "منهنجي تہ... ڪجھ سمجھڻ ۾ نٿو اچي!"

"تون ڏس تہ، پرس ۾ ٻيو ڇا هي؟" سرمد ٻيهر سيل فون کي چيڪ ڪرڻ لڳو.

ارم نہ چاهيندي بہ پرس ۾ هٿ وڌو تہ سندس هٿ ۾ ڪجھ ننڍڙا ڪارڊس اچي ويا. "شايد وزٽنگ ڪارڊس آهن."

سرمد کي ڇڻ ڪجھ ياد اچي ويو. هن موبائل فون هڪ طرف رکي ڇڏي، "منهنجي خيال ۾ اهي سندس پنهنجا ئي وزٽنگ ڪارڊس هوندا."

"پر هي سمورا ڪارڊس تہ بلڪل خالي آهن!" ارمؔ سيني ڪارڊس کي حيرت مان اٿلائي پٿلائي ڏسندي وراڻيو.

سرمد جي لهجي ۾ شديد حيرت سان گڏ پراسراريت وارو خوف بہ سمائجي ويو. "پر... هن تہ... اِنهن ئي ڪارڊس مان هڪڙو ڪارڊ هوٽل واري پوڙهي کي بہ ڏنو هو!"

ارم ڪوبہ جواب نہ ڏنو. هن ڏڪندڙ هٿن سان پرس کولي ان کي بيڊ تي اونڌو ڪيو. ڪاغذ جا ڪيترائي خالي ٽڪرا بيڊ تي وکري ويا. سرمد حيرت مانِ ڪاغذن جي ٽڪرن کي ڪٽي ڏٺو. سندس لهجي ۾ خوف جو تاثر گهرو ٿي ويو. "ارم... هي ڪاغذ جا خالي ٽڪرا... مختلف نوٽن جي سائيز جا ناهن؟"

"ها، بلڪل!" ارم جي اکين مان شديد خوف جهلڪڻ لڳو. سرمد نوٽن جي سائيز وارا خالي ڪاغذ هڪ طرف رکي ڇڏيا. سندس چهري تي پگهر اچي ويو.

”تون... تون هن بيگ کي کولي ڏس.“ ارم خوف مان بيڊ تي پيل بيگ طرف ڏسندي چيو ”شايد... ڪا اهڙي شيءِ ملي وڃي، جنهن مان خبر پوي تہ...“ ارم جملو اڌورو ڇڏي ڏنو.

سرمد بيگ ڏانهن هٿ وڌايو تہ سندس هٿ ڏڪڻ لڳو. هن ڏڪندڙ هٿ سان بيگ کي پاڻ طرف سوري، بيگ جي زپ ۾ هٿ وڌو تہ ڪيس ائين لڳو ڄڻ زپ کولڻ سان بيگ مان ڪا پراسرار شيءِ نڪري ڪيس جهٽي وٺندي هو سوچ ۾ پئجي ويو.

”تون... تون کولين ڇو نٿو بيگ کي؟“ ارم کي بہ بيگ کان اڇاتو خوف محسوس ٿيڻ لڳو.

سرمد دل ئي دل ۾ دعا گهري ۽ نہ چاهيندي بہ بيگ جي زپ کولي ڇڏي بيگ ۾ سفيد رنگ جو ڪپڙو مٿان ئي مٿان بي ترتيبيءَ سان پيل نظر اچي رهيو هو.

سرمد ڪپڙي کي ٻاهر ڇڪڻ شروع ڪيو. ڇهن سٽن ميٽرن جو ڪپڙو ٻاهر نڪري آيو. سرمد پريشانيءَ مان بيگ ۾ ڏٺو ”بيو تہ... هن ۾... ڪجهہ بہ ناهي!“

ارم جي سڄي وجود کي خوف ورائي ويو ”هي... هي سڀ ڇا هي سرمد! سڀ ڪجهہ... خالي خالي... اڇو...!“

سرمد اڇي ڏٺي ڪپڙي طرف ڏسندي، خوف کي پنهنجي روح ۾ اندر تائين لهندي محسوس ڪيو. سندس چپ ڪنبڻ لڳا. ”هي... ڏس تہ... هي ڪپڙو ڪفن جهڙو ناهي!“

ارم ڇرڪي پيئي. سندس اکيون ڦاٽي ويون. ”ها... هن ڪپڙي جي ڏيکھ بہ... ڪفن جيتري ئي ٿي لڳي!“

انهيءَ لمحي ئي راڻيءَ جي موبائل فون جي بيل تي پيئي شدت سان ڇرڪي پيا. بيڊ تي پيل راڻيءَ جي موبائل فون جي بيل مسلسل وڄي رهي هئي، پر موبائل جي اسڪرين تي ڪوبہ نالو يا نمبر نہ هيو. اسڪرين بلڪل خالي هئي. ارم موبائل فون جي اسڪرين طرف ڏسندي خوف کان ٿورو پوئتي سُري ويئي. سرمد نہ چاهيندي بہ ڏڪندڙ هٿ سان موبائل فون کڻي ڪال رسيو ڪري فون ڪن تي رکي تہ ڇرڪي پيو. فون مان ڪنهن ننڍڙي ٻار جا پراسرار ٽهڪ ٻُڌڻ ۾ اچي رهيا هيا. سرمد فون کي ڪن تان هٽائي فون جو اسپيڪر کولي ڇڏيو. ڪمري ۾ ٻار جا پراسرار ٽهڪ گونجڻ لڳا. ارم ڇرڪي اُٿي بيهي رهي. هڪ لمحي ڪانپوءِ لاءِين

ڪنجي ويئي، ۽ ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. سرمد خوف مان موبائل فون کي بيڊ تي اڇلي، اُٿي ارم جي ويجهو هليو ويو. ارم دهشت واري حالت مان سرمد جي ٻنهي هٿن کي جهلي ورتو. ٻنهي جي وات مان ڪوبہ لفظ نٿي نڪتو. ٻيئي انتهائي شدت سان پراسراريت جي خوف ۾ مبتلا ٿي ويا. ارم کي پنهنجي ئي بيڊ روم جي ماحول ۽ بيڊ تي پيل راڻيءَ جي پراسرار سامان کان دهشت محسوس ٿيڻ لڳي. ارم شديد خوف واري حالت مان سرمد کي ڇڪيندي بيڊروم کان ٻاهر وٺي ويئي.

لائونج ۾ صوفا تي هڪ ٻئي جا هٿ جهلي ويهي، هو رات جي خاموشيءَ ۾ ڪيتريءَ دير تائين سوچيندا رهيا. پر ڪين ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. ڪيتريءَ دير کان پوءِ سرمد خاموشيءَ کي ٽوڙيو. سندس لهجي ۾ گهرو خوف ۽ فڪرمندي هئي، ”هاڻي... هاڻي... آخر ڇا ڪيون ارم!؟“

ارم هڪ لمحو سوچي وراڻيو ”چو نہ... اِنهيءَ لاش کي هائي وي تي ڇڏي اچون!“

”ڇا مطلب؟“ سرمد پريشانيءَ مان پڇيو.

”اِنهيءَ لاش کي سندس پنهنجي ئي گاڏي ۾ هلي وڃهي ڇڏ يون!“ ارم وراڻيو.

سرمد وڌيڪ پريشان ٿي ويو ”ڪا عقل جي ڳالهہ ڪر ارم!“

”منهنجي ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر سرمد!“ ارم، سرمد جي هٿ کي زور ڏنو.

سرمد سوچ ۾ پئجي ويو.

ارم ڳالهہ کي اڳتي وڌايو ”ائين اسان جي جان تہ ڇُٽي پوندي.“

”لاش کي هتان سئو کن ڪلوميٽر پري واپس وڃي سندس ڪار ۾ وجهڻ، اهو ايترو آسان ڪم ناهي ارم... ۽... ۽ تمام وڏي رسڪ بہ آهي!“ سرمد انتهائي پريشاني، خوف ۽ ٿڪاوٽ سان وراڻيو.

”انهيءَ کان وڏي رسڪ تہ صبح ٿيڻ سان شروع ٿي ويندي“ ارم چيو ”صبح سان گهر جو چوڪيدار ۽ سندس زال بہ اچي ويندي.. ۽

پوءِ... ڏينهن جي روشني ۾ رش ۾، ڪيئن انهيءَ لاش مان جان ڇڏائي سگهندا سين؟"

سرمد جي خشڪ نڙي وڌيڪ خشڪ ٿي ويئي. خوف مان پنهنجي ڪياڙي ٿڌي ٿيندي محسوس ڪيائين.

"اسان وٽ وڌيڪ وقت ناهي سرمد!" ارم وال ڪلاڪ طرف ڏسندي چيو "رات جا باقي فقط ٻه ڪلاڪ بچيا آهن!"

سرمد ڪجهه سوچي ٿڌو ساهه کنيو "شايد... شايد تون ٺيڪ ٿي چوين ارم... لاش کي... واپس هائي وي تي سندس ڪار ۾ وجهي اچڻ ئي بهتر آهي!"

ڪار پورچ ۾ رات جي پوئين پهر جي پراسرار اونداهي ۾ خاموشي ڇانيل هئي. ڪار کان ڪجهه فاصلي تي بيٺل ارم دهشت هاڻين نظرن سان ڪار ۾ ويٺل راڻيءَ جي لاش طرف ڏسي رهي هئي. سرمد ڪار جي پوئين سيٽ جو در کولي، راڻيءَ جو سامان سيٽ تي رکي، ارم طرف ڏٺو "هاڻي لاش کي اڳئين سيٽ تان کڻي پوئين سيٽ تي ويهارڻو آهي."

"نه... مان... مان پويان ويهي رهنديس!" ارم خوف مان هلڪي آواز ۾ ورائيو.

سرمد لاش طرف ڏٺو ته سندس جسم ۾ خوف جي شدت وڌي ويئي، "نه ارم، هاڻي مان وڌيڪ انهيءَ لاش سان گڏ نه ويهي سگهندس!"

ارم خوف مان پري بيٺي لاش طرف ڏسندي رهي.

سرمد، ڪار جو لاش جي پاسي وارو دروازو کوليو. "پليز ارم، هن کي پويان ويهارڻ ۾ منهنجي مدد ڪر!"

ارم خوف مان هڪ قدم پوئتي هٽي ويئي "نه نه... لاش کي اُتي ئي ويٺو رهڻ ڏي!"

"ته پوءِ ٺيڪ آ، مان پويان ٿو ويهان ڪار تون ڊرائيو ڪر." سرمد لاش جي پاسي وارو در بند ڪري ڇڏيو.

"نه نه... مان... مان ڊرائيو نه ڪنديس... نه ويهي سگهنديس مان لاش سان گڏ!" ارم جو سڄو وجود خوف ۾ ورنجي ويو.

"ته پوءِ اچ، منهنجي مدد ڪر." سرمد وري لاش جي پاسي وارو در کوليو.

ارم نه چاهيندي به سخت خوف واري حالت مان اڳتي وڌي سرمد لاش کي ٻانهن ۾ جيلهه کان جهڪي ٿورو ٻاهر طرف سوريو ۽ ارم طرف ڏٺو. ارم ڪنبندڙ هٿن سان لاش جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ته خوف جي ٿڌي لهر سندس جسم ۾ ڊوڙي ويئي.

سرمد پنهنجون ٻئي ٻانهون لاش جي چيلهه ۾ وجهي لاش کي ڇڪيو ته لاش جو چهرو اچي ارم جي ڪلهي تي ڪريو. ارم جي وات مان دهشت وچان رڙ نڪري ويئي ۽ هن لاش مان هٿ ڪڍي ورتا.

"پليز ارم، ڪجهه خيال ڪر. تنهنجي ڪا اهڙي رڙ پاڙي واري ماڻهوءَ ٻڌي ورتي ته..." سرمد رازداريءَ واري انداز سان ڳالهايو.

ارم ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ هن وري لاش کي ڪار جي فرنٽ سيٽ تان ڪڍڻ ۾ سرمد جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي. جڏهن هنن لاش کي ڪار جي پوئين سيٽ تي ويهاري ورتو ته ٻئي سهڪي رهيا هئا، پر هو ٻئي بنا دير جي ڪار ۾ ويهي رهيا.

ڄامشورو ٽول پلازا تائين سرمد ڏاڍي احتياط ۽ گهٽ رفتار سان ڪار ڊرائيو ڪئي پر جيئن ئي ڪار ٽول پلازا کان اڳتي وڌي ته سرمد هڪدم ايڪسيليٽر تي پير جو دٻاءُ وڌائي ڇڏيو. هڪڙي ئي منٽ ۾ ڪار جي اسپيڊ ميٽر جو ڪانٽو سوَ کان مٿي چڙهي ويو. لاش ڪار جي پوئين سيٽ تي زنده ڇوڪريءَ جيان سڪون سان ويٺل هيو پر ارم اڃا به شديد خوف واري ڪيفيت ۾ مبتلا هئي ۽ هن پنهنجو هڪ هٿ ڊرائيو ڪندڙ سرمد جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو هو. ارم کي رکي رکي اهو دهشت ڀريو خيال ستائي رهيو هو ته جڏهن ڪنهن به وقت لاش جو هٿ ڪيس پويان کان پڪڙي وٺندو. ڪار ساڳئي تيز رفتار سان هلندي رهي ۽ ڪار اندر خاموشي ڇانيل رهي. خاموشيءَ کي سرمد جي آواز ئي ٽوڙيو. سندس آواز ۾ سخت خوف ۽ پريشاني شامل هئي "ارم... هاڻي جيڪڏهن راتيءَ جي ڪار پنهنجي جاءِ تي موجود نه ملي ته...!"

ارم ٿڌو ساهه کڻي سپر هائي وي جي ٻنهي پاسي ڦهليل اونداهيءَ طرف ڏٺو ۽ ڏاڍي مشڪل سان ڳالهائڻ جي همت ڪيائين. "هاڻي کان ئي ته اهڙيون ڳالهيون نه سوچ!"

"تي سگهي ٿو سندس ڪار کي اُتان هٽايو ويو هجي!" سرمد جي اندر ۾ وسوسا جنم وٺڻ لڳا.

ارم ڳيٽ ڏيئي هائي وي جي ٻئي ٽريڪ تان ايندڙ گاڏين جي روشنين طرف ڏٺو ۽ سرمد کي دلاسو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. "تون ڳڻتي نه ڪر. هاڻي ته مان به توسان گڏ آهيان نه!"

"پر ارم، جيڪڏهن اُتي ڪار نه هوندي، ته پوءِ ڇا ڪنداسين؟" سرمد وڏيڪ پريشانيءَ مان چيو.

ارم هائي وي جي اونداهيءَ ڏانهن ڏٺو هڪ لمحو سوچي چيائين "تہ پوءِ.. پوءِ اسان.. ڪٿي نہ ڪٿي لاش کي ڪيرائي ڇڏينداسين!"

"پر ارم.." سرمد پريشانيءَ مان سوچيندي ورائيو "اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو.. تہ راڻيءَ جي وارثن بہ سندس ڳولا شروع ڪئي هجي.. ۽.. ۽ سندس وارث يا پوليس بہ.. هائي وي تي ئي ڪٿي موجود هجن!"

"جيڪڏهن.. جيڪڏهن سندس ڪار جي پرسان اهڙي ڪا صورتحال هوندي تہ.. تہ اسان ٻيهڻ بجاءِ اڳتي هليا وينداسين!" ارم چيو "هونءَ بہ سندس ڪار ۾ اُها صورتحال هائي وي جي ٻئي طرف ئي هوندي، جو تہ تو هُن کي ڪراچيءَ کان ايندي لفٽ ڏني هئي ۽ هاڻي اسين ڪراچيءَ طرف وڃي رهيا آهيون"

اوچتو سرمد جي ڪار اڳيان ڪو ننڍڙو جانور اچي ويو. سرمد هڪدم ڪار کي بريڪ هڻي تہ جهٽڪي سان لاش جو مٿو اچي ارم جي سيٽ پٺيان ٽڪرايو. ارم دهشت مان پويان نهاريو. لاش پاسيرو ٿي ڪِري رهيو هو. سرمد پنهنجو هٿ پوئتي ڪري لاش کي سيٽ طرف ڌڪو ڏنو تہ لاش وري سيٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. سرمد ڪار جي رفتار وري وڌائي ڇڏي

سڄي ماحول تي رات جي پوئين پهر جي آخري حصي واري اونداهي ۽ خاموشي ڇانيل هئي. ڪنهن ڪنهن مهل هائي وي تان گذرندڙ ڪنهن ٽرڪ يا ٽرالر جي آواز اونداهيءَ ۽ خاموشيءَ کي ٽوڙيو ٿي. راڻيءَ جي ڪار ساڳيءَ جاءِ تي هائي وي جي پاسي کان جهوپڙا هوٽل جي سامهون بيٺل هئي.

سرمد ٻُو ٽَرن تان ڦيرائي اچي پنهنجي ڪار راڻيءَ جي ڪار جي پويان بيهاري ۽ ٿڌو ساهہ کڻي ارم ڏانهن ڏٺو. ارم جي چهري تي خوف ۽ پريشانيءَ جا پاڇا نظر اچي رهيا هئا. سرمد هوٽل طرف ڏٺو. هوٽل ۾ اڌ اونداهي ڦهليل هئي فقط هڪ ننڍڙو بلب ٻري رهيو هو ۽ چلهي مان دونهون نڪري رهيو هو.

سرمد ڳيت ڏئي پنهنجي خوف کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي ڊرائيونگ سيٽ جو در کوليندي ارم ڏانهن ڏٺو "مان هوٽل ۾ اندر وڃي چڱيءَ طرح ڏسي اچان تہ ڪير اسان کي ڏسي تہ نہ پيو."

سرمد ڪار مان لٿو تہ ارم بہ هڪدم خوف مان لهي اچي سرمد کي ٻانهن کان جهليو "مون کي.. مون کي اڪيلي ۾ دپ ٿو لڳي لاش جي پرسان مان بہ ٿي هلان!"

جهوپڙا هوٽل جي اڌ اونداهي ماحول تي عجيب قسم جي پراسراريت ڇانيل هئي. اهڙي پراسراريت، جنهن کي ڏسي ارم سان گڏ سرمد جي به لونءُ لونءُ ڪانڊارجي ويئي. هو بيئي خوف مان هڪٻئي جو هٿ جهلي هوٽل ۾ اندر داخل ٿيا. هنن ٻنهي هوٽل ۾ هر طرف ڏٺو ڪين ڪوبه ماڻهو نظر نه آيو. تنهن هوندي به سرمد رڙ ڪئي "ڪوئي آهي؟" پر ڪوبه جواب نه آيو. هن ورائي ورائي وڏي آواز سان به ٽي دفعا رڙ ڪئي "ڪوئي آهي؟" پر هوٽل ۾ خاموشي ڇانيل رهي. فقط چلهي مان باهه جو پڙڪو ٿيڻ جو هلڪو آواز ٿيو ۽ ٻيهر خاموشي ڇانئجي ويئي. هنن ٻنهي آخري دفعو هوٽل ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ۽ هڪ ٻئي جو هٿ جهلي تيزيءَ سان هوٽل مان ٻاهر نڪري ويا.

سرمد راڻيءَ جي بيگ ۾ هڪ ننڍڙي خاني مان سندس ڪار جي چاٻي ڳولي ڪڍي ۽ راڻيءَ جي ڪار طرف هليو ويو. ارم خوف سبب سندس پٺيان اچي بيهي رهي. سرمد راڻيءَ جي ڪار جو در کولي، ڪار جي انٽيريئر لائيٽ ٻاري ڪار ۾ ڏٺو. ڪار منجهند واري ساڳي حالت ۾ بلڪل خالي هئي. هو راڻيءَ جي ڪار جو در کُليل ڇڏي، ارم جو هٿ پڪڙي ڪيس پنهنجي ڪار وٽ وٺي ويو. ٿڌو ساهه کڻي بيحد ٿڪل انداز سان چيائين، "ارم، هاڻي لاش کي ڪڍي سندس ڪار ۾ ويهارڻ لاءِ منهنجي مدد ڪر!"

خوف کان ارم جي سڄي جسم کي ڪنبڻي ورائي ويئي پر هوءَ چاهيندي به انڪار نه ڪري سگهي.

سرمد هائي وي تي ٻنهي پاسي ڏٺو. پري پري تائين ڪا به گاڏي نه هئي سواءِ هڪ ٽرالر جي جيڪو ساڳئي ٽريڪ تان اچي رهيو هو. سرمد پنهنجي ڪار جي ٽائر کي ڏسڻ جي اداڪاري ڪندي هيٺ جهڪي ويو. ڪجهه لمحن کان پوءِ ٽرالر وڏي آواز سان سندن پٺيان گذري هليو ويو. ٽرالر جي گذرڻ شرط ئي هن سڌو ٿي هڪدم پنهنجي ڪار جي پوئين سيٽ جو در کوليو ۽ لاش کي ٻاهران ڇڪيو. اُن مهل سرمد جي جسم ۾ نجاڻ ڪٿان ايتري طاقت اچي ويئي جو هن ارم جي مدد کان سواءِ لاش کي ويٺل حالت ۾ ئي کڻي ورتو. ارم خوف مان ٿورو پري ٿي بيهي رهي. سرمد هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ئي هر ممڪن حد تائين تکڙ ڪري پنهنجا ڳرا ڳرا قدم کڻندو راڻيءَ جي ڪار جي کُليل دروازي تائين هليو ويو. هڪ وڏو ساهه کڻي هن لاش کي ڪار جي در مان اندر وڌو. لاش جيئن ويٺل حالت ۾ ڄمي ويو هو تيئن ئي پاسيرو

تي ڪار جي بنهي اڳين سيٽن مٿان ڪِري پيو. سرمد راڻيءَ جي ڪار جو در بند ڪري ڇڏيو. پرسان بيٺل ارم سرمد جو هٿ جهلي ورتو ۽ هو ٻئي پنهنجي ڪار طرف وڌيا. ابا هو پنهنجي ڪار جي ويجهو مس پهتا ته راڻيءَ جي ڪار اسٽارٽ ٿيڻ جي آواز بنهي کي شدت سان ڇرڪائي وڌو. هنن بنهي دهشت وچان راڻيءَ جي ڪار طرف ڏٺو. راڻيءَ جي ڪار اوچتو هڪ جهٽڪي سان روڊ تي چڙهي وئي آواز سان روڊ مٿان ٽائرن جا اسڪريچز ڇڏيندي انتهائي تيز رفتار سان حيدرآباد طرف وڃڻ لڳي. هنن بنهي دهشت واري حالت ۾ تڪڙ ۾ پنهنجي ڪار جي دروازن ۾ هٿ وڌا، ته اوچتو وري هڪ زوردار ٺهڪ جي آواز بنهي کي ڇرڪائي وڌو. بنهي خوف مان آواز جي طرف ڏٺو. جهوپڙا هوٽل جي اڏ اونداهيءَ واري ماحول ۾، هڪ پراسرار پوڙهو هنن ٻنهي ڏسندي ٺهڪ ڏئي رهيو هو. سرمد کي هڪدم ياد اچي ويو ته هي اُهوئي پوڙهو هو جيڪو اڄ ڏينهن جو هن راڻيءَ جي ڪار جي پرسان ڏٺو هو. سرمد شديد خوف واري حالت مان هڪدم ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي رهيو. ٻئي طرف ارم فرنٽ سيٽ تي ويهي در بند ڪري ڇڏيو. سرمد تڪڙ ۾ ڪار اسٽارٽ ڪئي ۽ حيدرآباد واري ٽريڪ تي سنڌس ڪار ڊوڙڻ لڳي.

”پر... ان طرف ته... لاش واري ڪار به وئي آهي!“ ارم جو آواز دهشت مان ڪنبي رهيو هو.

”اسان جو گهر به ان طرف ئي آهي، حيدرآباد ۾!“ سرمد وڏو ساهه کڻي وراڻيو.

”پر...“ ارم خوف مان رڙ ڪري ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو.

سرمد، ارم جو جملو پورو ٿيڻ نه ڏنو ”پليز ارم، هاڻي خاموش ٿي ويهي رهه مون کي ڊرائيو ڪرڻ ڏي!“

ارم چپ ٿي وئي. سرمد ڪار جي رفتار وڌائي ڇڏي ڪار جي اسپيڊ ميٽر جو ڪانٽو هڪ سئو ٽيهن کان به مٿي هليو ويو.

رات پوري ٿي وئي هئي. صبح جي هلڪي هلڪي روشني هائي وي تي ڦهلجي رهي هئي. سرمد جي نظر اوچتو ڪجهه فاصلي تي سامهون روڊ سائيڊ تي ڪلوميٽر 47 جي پرسان بيٺل راڻيءَ جي ڪار تي پئجي وئي ۽ سرمد کان خوف مان رڙ نڪري وئي، ”اها ساڳي ڪار آهي نه!“

”ها!“ ارم دهشت مان روئڻهارڪي آواز سان رڙ ڪئي ۽ سرمد کي ٻانهن کان جهلي ورتو.

”انهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي پهچي مون کي اندازو ٿيو هو تہ راڻي مري چڪي آهي!“ سرمد خوف سان ڳالهايو.

ان لمحي ئي جيئري جاڳندي راڻي پنهنجي ڪار جي ڊرائيونگ سيٽ وارو در کولي روڊ تي لهي آئي ۽ سرمد جي ڪار کي لفٽ وٺڻ لاءِ هٿ سان اشارو ڪيائين.

سرمد خوف مان پنهنجي ڪار جي ايڪسيليٽر تي پورو زور ڏنو ۽ ڪار راڻيءَ جي پرسان گذرندي پري هلي ويئي.

سرمد پنهنجي ڪار جي بئڪ مِرر مان پوئتي ڏٺو.

راڻي پويان ايندڙ هڪ ٻي ڪار کي لفٽ لاءِ بيهڻ جو اشارو ڪري رهي هئي.

اها ٻي ڪار راڻيءَ جي پرسان اچي بيهي رهي......

# زيب سنڌي جا ڪتاب

| | |
|---|---|
| 01. گُهٽيل خواهشون (ڪهاڻيون) | 1977ع |
| 02. زندگي درد جي ٻانهن ۾ (ڪهاڻيون) | 1981ع |
| 03. موهن جي دڙي جو خزانو (ترجمو) | 1982ع |
| 04. اسان زنده رهنداسين (ترجمو) | 1983ع |
| 05. پٿر دل (ترتيب) | 1983ع |
| 06. ڌرتي ماءُ (ترجمو) | 1984ع |
| 07. فلسطيني ڪهاڻيون (ترتيب) | 1985ع |
| 08. ڪنوار جي سيج (ترجمو) | 1991ع |
| 09. خليل جبران جي جيون ڪٿا (ترجمو) | 1992ع |
| 10. جنم (ترتيب: تاج جويو سان گڏ) | 1992ع |
| 11. ڌنڌ ۾ گم ٿيل منظر (ڪهاڻيون) | 2001ع |
| 12. ڪيفي قليچ (انٽرويوز) | 2009ع |
| 13. حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر (ڪهاڻيون) | 2010ع |
| 14. سيتا زينب (ناول) | (ڇپائيءَ هيٺ) |
| 15. ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون (ترتيب) | (ڇپائيءَ هيٺ) |
| 16. ٽي وي ڊراما (ترتيب) | (ڇپائيءَ هيٺ) |
| 17. آوارا بادل ۽ زيب (شاعري) | ---- |
| 18. جانشين (ڊراما سيريل) | ---- |
| 19. درد جي موسم (ڊراما سيريل) | ---- |

# زيب سنڌي جا سنڌي ٽي وي ڊراما

**سيريل :**

1. سمنڊ جون سرحدون
2. گهر ياتي
3. ميران
4. اشتهاري گهوٽ
5. درد جي موسم
6. جانشين

**سولو پلي :**

1. وڇايل ٻار
2. ماءُ
3. خالي گهر (ٻه حصا)
4. خالي ڪاغذ
5. مرڪ
6. چوڏو
(نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي "چوڏو" جي ڊرامائي تشڪيل)
7. سمجهوتو
8. ڏنڌ ۾ گم ٿيل منظر
9. دل جي ڳالهه
10. ميڏا عشق وي تون
11. توکي چاهيون ٿا
12. بند دروازو
13. وقت ڪان پوءِ
14. ٽنل تارو
15. زلزلو

# زيب سنڌي جا اردو ٽي وي ڊراما

## سيريل :

1- جانشين

2- انجانے راستے

3- جلتے لمحے

## سولو:

1: چھال

(نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي "چوڙو" جي ڊرامائي تشڪيل)

2: دو سائے

(شيخ حفيظ جي ڪهاڻي "ٻه پاڇا" جي ڊرامائي تشڪيل)

3: کیسی یہ تڑپ

4: سمجھوتہ

## ٽيلي فلم:

1 - سیتا زینب

2 - چند خطوط، چند تصویریں

(نورالهدي شاهه جي سنڌي اسڪرپٽ جو ترجمو)

3- میرے ساتھ چلو

4- پھول کھلنے کا زمانہ

5- حیدرآباد 47 کلو میٹر

---

ريڊيو لاءِ سنڌي ۽ اردوءَ ۾ لکيل اٽڪل پندرهن سولو ڊراما ۽ هڪ اردو سيريل ”ایک رشتے کا سوال ہے“

## زيب سنڌي

جو پهريون ناول

# سيتا زينب

*جنهن ڪتابي صورت ۾ ڇپجڻ کان اڳ ئي*
*مقبوليت حاصل ڪري ورتي آهي.*

هن ناول ماهوار "امرتا" ۾ قسط وار ڇپجڻ سان
نه فقط پڙهندڙن جي پذيرائي حاصل ڪئي
پر پاڪستان جي هڪ اهم ٽي وي چينل ARY
هن ناول تي ٽيلي فلم تيار ڪئي
جيڪا اٺ دفعا ٽيليڪاسٽ ڪئي ويئي.

هاڻي اهو ناول
پهريون ڀيرو ڪتابي صورت ۾
جلد ڇپجي رهيو آهي.

**سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم**
**حيدرآباد، سنڌ.**



زيب سنڌيءَ لاءِ مون ڏهه سال اڳ، سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "ڌنڌ ۾ گم ٿيل منظر" پڙهي، انهيءَ ڪتاب بابت لکيو هو ته، "هو پنهنجي هم عصرن سان گڏ، پنهجي وقت جي وڏن ليکڪن ۾ شمار ٿئي ٿو." ___ ۽ اڄ مان پوري ايمانداريءَ سان چوان ٿو ته هو سنڌ جي ليکڪن ۾ روشن ستاري جيان چلڪي ۽ چمڪي رهيو آهي. بيشڪ کيس موجوده دور جي ڪهاڻيڪارن ۾ مٿاهون مقام حاصل آهي. زيب، ڪهاڻيءَ جي ڪلاسيڪي ۽ جديد اصولن کي گڏ ڪري، ڪهاڻيءَ جي هڪ نئين واٽ تي چڙهي آيو آهي. هن ڪتاب "حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر" ۾ شامل سندس ڪهاڻيون بين الاقوامي سطح جون محسوس ٿين ٿيون.

**غلام نبي مغل**

Photography
Mr. Doltani

Ten years ago, when I had occasion to go through the collection of short stories entitled "Dhundh Mein Gom Thiyal Manzar" (A Lost Scene In The Mist and other stories) by Zaib Sindhi, I had written, "He, together with his contemporaries, is counted as a great short story writer of the time...." and today honestly say that he is shining like bright star on the horizon of sindhi literature. Undoubtedly, he enjoys an outstanding position amongst the short story writers of this time. He has come on a new path by combining classical and modern techniques of short story. His collection of short stories "HYDERABAD 47 KILO METRE" felt of international standard.

**Ghulam Nabi Mughal**

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ يلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجھهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)